# سنڌي ٻولي

## لسانياتي جاگرافي، آراڌايون ۽ لفظي ترتيب

محمد عمر چنڊ

سنڌي لئنگويج اٿارٽي

# سنڌي ٻولي

## لسانياتي جاگرافي، آراڌايون ۽ لفظي ترتيب

محمد عمر چنڊ

سنڌي لئنگويج اٿارٽي

(87) سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ جو ڪتاب نمبر

سڀ حق ۽ واسطا محفوظ

سنڌي ٻولي: لسانياتي جاگرافي، آراڏايون ۽ لفظي ترتيب

مصنف: محمد عمر چنڊ

ڇاپو: پهريون

سال: 2004ع

تعداد: 1000

قيمت: =/200 روپيا، 10 ڊالر 6 پائونڊ

پاران ايم ايچ پنھور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو

Catalogue Reference
Chand, Muhammad Umar
Sindhi Language
Linguistic Geography,
Variation and Word Order
Sindhi Language Authority
ISBN: 969-8194-64-9

**Sindhi Language**: Linguistic Geography, Variation and Word Order.

By: Prof. Muhammad Umar Chand
Edition: First, 2004
Quantity: 1000
Published by: Sindhi Language Authority, National Highway, Hyderabad 71000 Sindh, Pakistan
Tel: 0221_9240050_53
Fax: 0221_9240051
E_mail. Sindhila@yahoo.com, Sindhila1@hotmail.com
Website: www.sindhila.com.pk
Printer: Sindhica Academy Karachi
Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.
Pirce: Rs. 200/=, $10, £ 6

# فهرست


ناشر طرفان : ڊاڪٽر محمد قاسم ٻگھيو 7
تعارف : ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ 9
تقريظ: محمد ابراهيم جويو 11
ٻه اکر: احمد شيخ ۽ عبدالغفار شيخ 14
مُنڍ: ليکڪ 16


## ڀاڱو پهريون


### لسانياتي جاگرافي 21

**باب پهريون:**
قصو ڪٺڪ جي باغ پوکيندڙ مالهيءَ جو 21

**باب ٻيون:**
تحقيق جا ڪي اهم پهلو 25
(الف) فيلڊ ورڪ جي اهميت 25
(ب) تشريحي نقشن جي اهميت 28
(ج) اعداد و شمار ۽ جدولن جي اهميت 34

**باب ٽيون:**
لسانياتي جاگرافيءَ سان لاڳو ڪن اصطلاحن تي بحث 36
(الف) لساني جاگرافي يا لسانياتي جاگرافي 36
(ب) "سنڌي ٻوليءَ جي لسانياتي جاگرافيءَ جون حدون" 38
(ج) ٻوليءَ جي جاگرافي ۽ لنگوسٽڪ جاگرافي 40
(د) ڪم جو طريقو 45

**باب چوٿون:**
ڊاياليڪٽالاجيءَ سان لاڳو ڪن اصطلاحن تي بحث 47

(الف) لهجن ۽ محاورن جي تقسيم جو سٽاءُ 47
(ب) "ڊاياليڪٽ" جي معنيٰ تي ويچار 50
(ج) ڪولوڪي، ڊايالاگ، ڊاياليڪٽ ۽ اديم جي معنائن
تي بحث 52
(د) ڊاياليڪٽ لاءِ سنڌيءَ ۾ مناسب لفظ ڪهڙو ٿيندو؟
لغه، لسان، لهجة يا محاورة 59
(هہ) ڊاياليڪٽ ۽ ايڪسينٽ لاءِ سنڌيءَ جا مناسب لفظ: 65

**باب پنجون:**

ٻوليءَ جون وصفون ۽ انهن سان لاڳو ڪن اصطلاحن تي بحث 69
(الف) ماڻهو ڇو ٿو ڳالهائي؟ طلب ۽ جواب جو مسئلو 69
(ب) ٻوليءَ جي هڪ پراڻي وصف تي ڪي اعتراض 71
(ج) الانا صاحب جي آڇيل وصف جو جائزو 72
(د) ٻوليءَ جي وصف ڪهڙن لسانيات جي
ماهرن ڪيئن ڪئي آهي؟ 77
(هہ) گروهہ الف (سماجي)، ۽ گروهہ ب (غير سماجي)
لسانياتي ماهرن جي سوچ ويچار جو فرق 81
(و) ويبسٽر جي ڊڪشنري (1976ع) ۾ ٻوليءَ جي وصف 82

## ڀاڱو ٻيون

ٻوليءَ جي آرآڊاين جي مطالعي جي تاريخ جو مختصر جائزو 84

**باب ڇهون:**

لسانياتي جاگرافيءَ جي اوسر جو هڪ مختصر تاريخي جائزو 86
1. تشابهتي لسانيات کان محاوراتي جاگرافيءَ تائين 86
(الف) اصل ٻولي يا "ماءُ – ٻوليءَ" جي ڳولها 87
(ب) جوان گراميرين جو جٿو 90

**باب ستون:**


لسانياتي جاگرافيءَ جو پهريون دؤر 92
(الف) جرمنيءَ ۾ ٿيل ڪم 92
(ب) انگلنڊ ۾ ٿيل ڪم 93
(ج) فرانس ۾ ٿيل ڪم 93
(د) اڻ ورهايل هندو پاڪ کنڊ ۾ ٿيل ڪم 94


**باب اٺون:**


لسانياتي جاگرافيءَ جو ٻيو دؤر 96
(ويهين صديءَ جي ٽئين ڏهاڪي کان اڄ تائين)
(الف) اٽليءَ ۾ ٿيل ڪم 96
(ب) فرانس ۾ ٿيل ڪم 97
(ج) امريڪا ۾ ٿيل ڪم 97
(د) سڪاٽلنڊ ۾ ٻيهر ٿيل ڪم 100
(هـ) انگلنڊ ۾ ٻيهر ٿيل ڪم 100


**باب نائون:**


لسانياتي جاگرافيءَ کان سماجي لسانيات تائين 104


**باب ڏهون:**


سماجي لسانيات کان محاورن جي اڀياس تائين 108
(الف) سماجي لسانيات جي اوسر 108
(ب) اقليتي گروهن جي محاورن تي ٿيل تحقيق 111
(ج) پجنن ۽ ڪريولن تي ٿيل ڪم 112
(د) معياري انگريزيءَ جي آراڏاين جي
توضيح جا مطالعا 114
• ڪورڪ گريگريءَ وارو ماڊل 117
• ۽ ساٿين جو ماڊل 120
• سٽريونز وارو ماڊل 121

**باب يارهون:**
سنڌي ٻوليءَ جي آراڏاين تي تحقيق جا ميدان 125
(الف) ڊاڪٽر محمد قاسم ٻگهئي جو سماجي
لسانيات تي ٿيل ڪم 126
(ب) سماجي لسانيات، ٻوليءَ جي رٿا بندي ۽ تعليم 135
(ج) ٻوليءَ جون آراڏايون ۽ تعليمي فيصلا 139

## ڀاڱو ٽيون

**باب ٻارهون:**
سنڌي ٻوليءَ ۾ لفظي ترتيب جو مسئلو 141
• مُنڍ 141
(الف) ٻوليءَ جي صحت جو مسئلو ۽ ان ۾
گرامر جي ڄاڻوءَ جي ذميداري 143
(ب) لکيل ٻوليءَ ۽ ڳالهايل ٻوليءَ جي لهجن
جا الڳ گرامر 148
(ج) جهيلار جو لفظي ترتيب سان لاڳاپو 152
(د) ٻولين ۾ لفظي ترتيب جي گهرج 164
(هه) سنڌي ٻوليءَ کي لفظي ترتيب جي پابنديءَ
لاچار ڪونهي 173

## تشريحي ببليوگرافي

• ٻارهن بابن جو انگريزي ٻوليءَ ۾ تَتُ 184

# ناشر طرفان

1960ع واري ڏهاڪي ۾ علمي حوالي سان لسانيات جي علم ۾ 'سماجي لسانيات' جو اصطلاح داخل ٿيو. سماجي لسانيات جي هن علم جي تعارف ۽ ڪم، لسانيات جي دنيا ۾ وڏيڪ دلچسپي پيدا ڪئي. سوچ ويچار ۽ تحقيق جا نوان دروازا کليا. جنهن جي نتيجي ۾ انسان، سماج ۽ ٻوليءَ جي حوالي سان نوان علم، نين تشريحن سان وجود ۾ آيا ۽ ٻولين تي ڪم ٿيڻ شروع ٿيو. جهڙوڪ: Language Planning (ٻوليءَ جي رٿابندي) Language variation and change، (ٻوليءَ ۾ فرق ۽ تبديلي)، Dialectology (محاورا شناسي)، Social dialects (سماجي محاورا)، Geolingusistics (جاگرافيائي لسانيات)، Computational linguistics (ڪمپيوٽرائي لسانيات)، Neorolinguistics (دماغي لسانيات)، Language status and Corpus Planning (ٻوليءَ جي حيثيت ۽ اندروني بناوت بابت رٿابندي) Acquisition Language (ٻولي بابت حاصلات) وغيره. سماجي لسانيات جي اهڙي طرح علمي دنيا ۾ داخل ٿيڻ سان ٻولين ۽ ان جي آراڌاين بابت اڳ جا قائم ڪيل ڪيترائي مفروضا ته، "ٻوليون پنهنجي اندروني بناوت جي ڪري تبديل ٿين ۽ وڌن ويجهن ٿيون"، رد ٿيا. اهڙي طرح ثابت ٿيو ته ٻوليون ٻاهرين اثرن کان پڻ متاثر ٿين ٿيون ۽ انهن ۾ سماج جي تبديل ٿيندڙ حالتن مطابق تبديليون ٿينديون رهن ٿيون.

سماجي لسانيات جي متعارف ٿيڻ سان سماجي پس منظر ۾ ٻوليءَ جي تحقيق ڏانهن لاڙو ٿيو. ۽ بحث جا نوان موضوع سامهون آيا. خاص طور تي ٻوليءَ جي آراڌاين بابت بحث ته، هڪ ئي ٻوليءَ جي اچارن، لکڻ جي صورت ۽ لفظن جو استعمال مختلف نمونن سان ٿي رهيو آهي. اهڙي تفاوت کي سماجي رتبي، سهولتن ۽ لاڳاپن جي حوالي سان توري تڪي نتيجا ڪڍيا ويا.

پروفيسر محمد عمر چند جڏهن 1973ع ۾ آمريڪا انگريزيءَ جي حوالي سان ايم اي لسانيات ڪرڻ ويو ته سندس واهپو انهن علمن سان پيو. ۽ چند صاحب ان وقت هڪ تعارفي ڪتاب 'لسانياتي جاگرافي ۽ سنڌي ٻوليءَ جون آراڌايون' لکي زيب ادبي مرڪز، حيدرآباد طرفان شايع ڪرايو. هن ڪتاب ۾ محمد عمر چند انگريزي، عربي ۽ فارسي ٻولين ۽ انهن تي ڪم ڪندڙ لسانياتي ماهرن جا حوالا ڏيئي، سنڌي ٻوليءَ جي آراڌاين ۽ لسانياتي جاگرافيءَ جي تشريح ڪري مثالن سان هنن علمن جي سمجهاڻي ڏني.

سنڌي ٻوليءَ ۾ سماجي لسانيات جي حوالي سان هي ڪتاب جيئن ته اهم تحقيقي مواد تي ٻڌل ۽ ابتدائي نوعيت جو هو. ۽ گهڻي وقت کان وٺي ختم ٿيل هو. ان ڪري هن ڪتاب کي ٻيهر ڇپائي لسانيات جي شاگردن ۽ دلچسپي رکندڙن لاءِ ميسر ڪري ڏيڻ نهايت ضروري هو. پر جيئن ته ان دوران سماجي لسانيات ۽ ٻوليءَ جي آراڌاين جي حوالي

سان بيون ڪيترين ئي تحقيقون ظاهر ٿيون هيون. ان ڪري اسان جي گذارش تي محمد عمر چنڊ صاحب هن ڪتاب کي نئين سر سنواري، واڌارا ڪري ' **سنڌي ٻولي: جاگرافي، آرادايون ۽ لفظي ترتيب**' جي عنوان سان تيار ڪيو آهي، جيڪو اوهان آڏو پيش ڪندي نهايت خوشي محسوس ڪري رهيا آهيون.

هن ڪتاب ۾ جيئن ته سنڌي ٻوليءَ جي آرادايئن ۽ خاص طور ڳالهائي ويندڙ ٻوليءَ تي بحث ڪيل آهي، ان ڪري محقق ڪيترن ئي لفظن ۽ اصطلاحن کي انهن جي عام ڳالهائي ويندڙ اچار جي صورت ۾ استعمال ڪيو آهي. ان کان سواءِ انگريزي ٻوليءَ جي لفظن کي پڻ انهن جي مختلف اچارن جي شڪل جي حوالي سان رکيو آهي، ڇاڪاڻ ته هن بحث جو موضوع ئي ڳالهائي ويندڙ ٻولي آهي.

علمي دنيا ۾ هن وقت ٻولين تي تحقيق ۽ ٻولين جي سماجي ۽ اقتصادي ڪارج بابت بحث جا نوان دروازا کلي رهيا آهن. ان ڪري سنڌي ٻوليءَ جي سماجي لسانيات جي حوالي سان هن ڪتاب جي اشاعت پڻ هڪ اهم قدم ثابت ٿيندي. هن کان اڳ سنڌي ٻوليءَ جي سماجي لسانيات جي حوالي سان مختلف عالمن جي ڪجهه مضمونن ۽ مقالن کان سواءِ سنڌيءَ ۾ '**سنڌي ٻولي**: لسانيات کان سماجي لسانيات (ڊاڪٽر محمد قاسم ٻگهيو ـ 1998) ۽ انگريزي ۾
1. Sociolinguistic Survey of Indian Sindhi (Daswani & Parchani _ 1978) 2. A Comparative Sociolinguistic Study of Urban and Rural Sindhi, (Qasim Bughio _2001) International Edition) 3. Sindhis of Malaysia, A Sociolinguistic Study (Maya Khemlani David_2001) 4. Sociolinguistics of Sindhi (M. Qasim Bughio 2004_Pakistani Edition).
شايع ٿي هن علم ۾ سنڌي ٻوليءَ جي سڃاڻپ عالمي سطح تي ڪرائي چڪا آهن. جڏهن ته 'سوشيو لنگئسٽڪس آف سنڌي' (2004) جو سنڌي ترجمو جلد ئي اثارٽيءَ طرفان ڇپائي پڌرو ڪيو ويندو.

اميد ته هن ڪتاب جي اشاعت سان سنڌ ۾ سنڌي ٻوليءَ جي سماجيات جي حوالي سان وڌيڪ ڪم ڪرڻ کي هٿي ملندي. هن ڪتاب جي تياريءَ دوران محمد عمر چنڊ هر مرحلي تي تمام گهڻو سهڪار ڪيو آهي، جنهن لاءِ اسان سندس ٿورائتا آهيون. اسان کي اميد آهي ته هي ڪتاب سماجي لسانيات ۽ ٻوليءَ جي شاگردن لاءِ نهايت ڪارائتو ثابت ٿيندو.

ڊاڪٽر محمد قاسم ٻگهيو
چيئرمئن

# تعارف

محترم محمد عمر چنڊ سنڌ جي انهن ذهين نوجوانن مان آهي، جن پنهنجي زندگي صحيح طور علمي مطالعي ۾ صرف ڪئي آهي. ”سنڌي“ نہ فقط سندس مادري زبان آهي پر هو هڪ ننڍڙي ڳوٺ ۾ جائو نپنو ۽ انهيءَ ڪري ڀمراڙيءَ جي نج سنڌي ٻوليءَ کان بخوبي واقف آهي. ان کان سواءِ انگريزي ٻوليءَ جي مطالعي ۾ خاص مهارت حاصل ڪئي اٿس تہ ڪيئن انگريزي هڪ ٻاهرين ٻوليءَ جي لحاظ سان نون سکندڙن کي مؤثر طريقي سان پڙهائجي. انهيءَ سلسلي ۾ هن ”ٻوليءَ جي علم“ يعني ”لسانيات“ ۾ وڏي چاهہ پيدا ڪئي آهي.

محترم محمد عمر چنڊ جو هيءُ ڪتاب ”لسانياتي جاگرافي ۽ ٻوليءَ جون آراڏايون“. جيئن جو ان جي عنوان مان ظاهر آهي، ٻن ڀاڱن ۾ ورهايل آهي. پهرئين ڀاڱي ۾ لسانياتي جاگرافيءَ جي اصول ۽ تقاضائن جي حوالي سان ڊاڪٽر غلام علي الانا جي لکيل ڪتاب ”سنڌي ٻوليءَ جي لساني جاگرافيءَ“جو علمي جائزو ورتو ويو آهي. ٻئي ڀاڱي ۾ ”ٻوليءَ جي آراڏاين“ تي، ” تقابلي لسانيات“ ۽ ”تاريخي لسانيات“ جي حوالي سان بحث ڪري اهو واضح ڪيو ويو آهي تہ ڪيئن هيءُ علمي مطالعو نيٺ ”سماجي لسانيات“ واري منزل تي پهتو آهي ۽ ڪيئن اهو اڳتي هلي علمي ۽ تعليمي سلسلن تي اثرانداز ٿيندو.

هيءُ ڪتاب ايڏو وڏو ناهي، پر موضوع ۽ مقصد جي لحاظ سان مصنف طرفان هڪ خاص علمي ڪارنامو آهي. جنهن مقصد سان ۽ جنهن طريقي سان لائق مصنف هن خالص موضوع کي نباهيو آهي،

سو قابل تعريف آهي. ڏنو ويو آهي تہ اهي مصنف جيڪي انگريزي يا ٻي ڪنهن ٻوليءَ ۾ لکيل ڪتابن جي مطالعي بعد پنهنجي زبان ۾ ڪنهن موضوع تي لکن ٿا تہ سندن عبارتون اڪثر مبهم ۽ پيچيده رهجي وينديون آهن. پر محترم چنڊ جو اسلوب بيان صاف آهي ۽ هن پنهنجي خيالن ۽ نظرين کي چٽي نموني ۾ بيان ڪيو آهي.

محترم محمد عمر چنڊ هن کان اڳ چڱا چڱا مضمون لکيا آهن. پر هي پهريون ڀيرو آهي جو هن هيءَ ننڍڙو پر قيمتي ڪتاب لکيو آهي. اميد تہ هن علمي موضوع تي سوچيندڙ ۽ ڪم ڪندڙ سندس هن ڪتاب مان رهنمائي حاصل ڪندا.

نبي بخش خان بلوچ
حيدرآباد سنڌ
31 ڊسمبر 1983ع

# تقريظ

ادب ۽ علم جي دنيا ۾ تنقيد ائين آهي جيئن زمين ۾ پاڻ، جنهن سان اُمنگ جا، فڪر جا ۽ تجزيي جا ڦٽندڙ سلا پلا ٿي چمن ٿا، پوريءَ طرح وڌن ٿا، ۽ وڏا سنگ جهلين ٿا، ۽ ڪڻ مان ڪيچ لهن ٿا.

اسان وٽ جيڪڏهن تنقيد جي ڪا اٿاٺ آهي، اُها انهيءَ ڪري بہ آهي، جو اسان جي ادب ۽ علم جا ڪيتراٺو اڃا ان سان، يعني تنقيد سان، سيجَهَرو بنجي ۽ ان جا هيراڪ ٿي نہ سگهيا آهن.

دراصل تنقيد ۽ خود تنقيد جي دستور جو ان سماجي فضا ۾ فروغ گمث ممڪن بلڪ گهٽو مشڪل ٿئي ٿو جيڪا جمهوريت مخالف هجي ٿي. جو تہ ان فضا ۾ ڪثير خلق جي انفرادي توڙي اجتماعي راءِ جي اهميت يا احترام تقريباً ڪلي طور ناپيد هجن ٿا. جنهن فضا ۾ رڳو "جيءَ سائين"، "حاضر سائين" ۽ "نيڪ نيڪ" جو ورد زبان ۾ "هائو سائين هائو" جي ڪنڌ ڏوڻ ٿي هلندڙ هجي، ان فضا ۾ اميرن سان گڏ غريب بہ، وڏيرن سان گڏ ننڍيرا بہ، ڏاڍن سان گڏ هيٺا بہ، بالادست توڙي زيردست سڀ، فقط "صدق صدق"، "نيڪ نيڪ" ۽ "هائو هائو" ٻڌڻ لاءِ آتا هوندا آهن. سچ جنهن کي چئجي ٿو سو نہ ڪنهن جي ٻڌڻ جو نہ ڪنهن جي چوڻ جو ٿو رهي. مگر ڪوڙ ۽ چاپلوسي ئي ان فضا ۾ انساني سماج جا رائج الوقت سِڪا بڻيل هوندا آهن.

بهرحال اهڙين ساهہ گهٽيندڙ سماجي فضائن ۾ بہ بي غرض، بي خوف ۽ معصوم ماڻهو هوندا آهن. جيڪي ڪوڙ ۽ چاپلوسيءَ جي اٽيل هوائي پوشاڪن ۾ پاڻ کي آلوپ سمجهي گهمندڙ بادشاهہ يا بادشاهن کي ڏسي، مشهور لوڪ ڪهاڻيءَ واري ٻار وانگر

چئي ڏيندا آهن تہ "ڏسو اوهان جا بادشاهہ تہ سچا اگهاڙا پيا هلن!" پر ائين چوڻ لاءِ ڏسڻ، سمجهڻ ۽ طاقت گويائيءَ جي استعمال جي ۽ استعمال جي ڍنگ جي، ضرورت رهي ٿي، جيڪي ماڻهن وٽ موجود هونديون آهن. گهڻن کي انهن جي استعمال جي همت ۽ استعمال جي سچائي ميسر ڪانہ هوندي آهي.

زير نظر ڪتاب، "لسانياتي جاگرافي ۽ ٻوليءَ جون آراڏايون" استاد محترم ميان محمد عمر چنڊ جو تحقيقي ۽ تنقيدي ڪتاب آهي ۽ سچي جو سچو ان لوڪ ڪماڻيءَ واري ٻار جي بي غرض، بي خوف ۽ معصوم صاف گوئيءَ سان لکيل آهي. علم ۽ ادب جي لطيف ۽ جوهر طلب دنيا ۾ جنهن ذميواريءَ، توجهہ ۽ ذوق سان، ۽ جنهن علم ۽ محبت سان ڪو تحقيقي ۽ تنقيدي مطالعو پيش ٿيڻ کپي، هيءُ ڪتاب ان جو هڪ مثال آهي. لسانيات جي دائري ۾ هھڙيءَ پُرخلوص علمي ڪاوش تي سنڌي زبان جا پڙهندڙ ۽ لکندڙ بجا طور فخر ڪري سگهن ٿا. راقم جي نظر ۾، هن ڪتاب جي پيش ٿيڻ سان سنڌي زبان کي هڪ نئون، طاقتور ۽ اعليٰ صفتن جو نثر نويس مليو آهي، ۽ سنڌي تنقيد کي علمي نوع جو هڪڙو لاجواب ڪتاب، معيار قائم ڪندڙ ۽ مثال ٿي ڪم ايندڙ ڪتاب مليو آهي.

هن ڪتاب ۾ لائق مصنف ائين ڪونہ ڪيو آهي، جو هڪڙي اسان جي ٻرک عالم (ڊاڪٽر غلام علي الانا صاحب) جي ڪم جي ويهي ننندا ڪئي هجين، پر ڪين ان ڪم ۾ جيڪي ڪميون بيشيون ۽ غير علمي ڳالهيون نظر آيون آهن، تن جي ڏاڍي هڪ حسين ۽ پياري انداز سان نشاندهي ڪئي اٿن، ۽ پنهنجي وڏيڪ ۽ بهتر ڄاڻ جي بنياد تي انهن جي صفائيءَ ۽ صحت ڏانهن سچو پنهنجو ڌيان ائين ڏنو اٿن، جو زير بحث علمي موضوع جي ٿي هيءَ علمي ڪاوش پنهنجي سِر هڪ الڳ ڪتاب جي صورت اختيار ڪري بيٺي آهي. ان طرح موضوع بابت سنڌن وسيع معلومات ۽ واضح بيان، سنڌن نفيس ۽ بي ايذاءَ مذاح سان پريل ڳالهين ۽ پختہ ۽ پر اعتماد سچيءَ تحرير سنڌن ڪتاب کي ايترو تہ هڪ دلڪش پيرايو ڏنو آهي، جو

هڪ پيرو ان کي هٿ ۾ کڻڻ سان آخر تائين پڙهي پورو ڪرڻ کان سواءِ ڇڏڻ تي دل ئي نہ چوندي ۽ بي ساختہ دل مان اها دعا نڪرندي تہ سندن قلم جو زور شل اچا وڌي، جو ههڙا اعليٰ ڪتاب وٺائڻ اسان کي بيا بہ ملي سگهن ۽ ملندا رهن ۽ اسان جي علم ۽ ادب جو گلشن ائين سندن تازه هنيل سونهن، سرت ۽ سرهاڻ جي بوٽن سان وڌي ويجهي، سرسبز ۽ شاداب ٿئي ۽ اسين ۽ اسان جا ايندڙ نسل سدا ان جي اکٽ برڪتن کان فيضياب ٿيندا رهون— آمين.

ڪتاب ۾ لفظ "آراڌو" پنهنجي صرفي صورتن "آراڌا" "آراڌائي، آراڌايون" "آراڌي، آراڌيون" سان ڪافي جاين تي ڪم آيل آهي. ڪتاب جي سرنامي ۾ پڻ لفظ "آراڌايون" موجود آهي. اميد تہ لائق مصنف پنهنجي پيش لفظ ۾ هن لفظ بابت پنهنجن لائق پڙهندڙن لاءِ گهربل وضاحت ڏيڻ جي ضرور تڪليف وٺندا.

محمد ابراهيم جويو

5 — مارچ، 1985ع

# ٻه اکر

محمد عمر چنڊ ڳوٺ نئون آباد تعلقي سنجهوري ضلعي سانگهڙ ۾ 21 سيپٽمبر 1944ع تي ڄائو. ابتدائي تعليم نئون آباد ۽ پوءِ کنڊياري ۾ ورتائين. مئٽرڪ جو امتحان 1961ع ۾ ٽنڊي جام جي هاءِ اسڪول مان ڏنائين. سروري اسلاميه ڪاليج هالا مان انٽر آرٽس 1966ع ۾ ٻهرين پوزيشن ۾ ۽ بي اي 1968ع ۾ فرسٽ ڪلاس ۾ پاس ڪيائين. انٽر ونگ ايڪسچينج (اوير – اولهه پاڪستان جي پرڳڻن ۾ ڏي – وٺ) جي رٿا هيٺ 1968ع ۾ ڍاڪا يونيورسٽيءَ جي انگريزي ڊپارٽمينٽ ۾ داخل ٿيو. جتان 1970ع ۾ پوزيشن سان انگريزي ادب ۾ ايم– اي پاس ڪيائين. 1971ع جي اپريل ۾ سروري اسلاميه ڪاليج هالا ۾ انگريزيءَ جو استاد ٿيو. هن ڪاليج جي صوبائجڻ وقت سنڌ جي تعليم کاتي جي سنڌي سربراهن هتي جي نون پراڻن سڀني استادن کي نئين پرتي ڪري سنڌ جي ويهن مختلف ڪاليج ۾ موڪلي هتي ٻين هنڌان اسٽاف آڻي رکيو. ان ورهاڱي جي حساب سان محمد عمر چنڊ اڍائي مهينا گورنمينٽ ڪاليج لاڙڪاڻي ۾ پڙهايو. جنوري 1972ع ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ ليڪچرار ٿيو. جتان سيپٽمبر 1973ع ۾ امريڪا جي يونيورسٽي آو الينوا ۾ "انگريزيءَ کي ٻيءَ زبان جي حيثيت سان پڙهائڻ" جي تنظيم ۾ ايم اي ڪرڻ لاءِ داخل ٿيو. جتي ايم اي جي ڪم پوري ٿيڻ کان پوءِ ساڳي فيلڊ ۾ ڊاڪٽوريٽ لاءِ ڪم ڪندو رهيو. سنڌ يونيورسٽيءَ کان سواءِ ايران، عراق، برونائي دارالسلام ۽ نيوزيلينڊ ۾ وڃي انگريزي پڙهايائين. انهن ملڪن ۾ رهي نه رڳو فارسي ۽ عربي ٻوليون سکيو پر اتي جي ثقافتي، تمدني، معاشرتي ۽ تاريخي حالتن جو روبرو مشاهدو ۽ گهرو مطالعو ڪيائين.

سندس پهريون مضمون پٽ شاھ ڪلچرل سينٽر جي ڪتاب ۾ 1958– 1959ع ڌاري "شاھ جي ڪلام ۾ عشق حقيقيءَ جو تصور" جي نالي سان شايع ٿيو جيڪو شاھ سائينءَ تي هيستائين ٿيل مطالعن جي نمج ڪان هٽيل هو. انهي ئي زماني ۾ "ماروي"،"هلال پاڪستان" ۽ "نئين زندگي" ۽ سماجي رسالي مهراڻ ۾ سندس ڪي مضمون شايع ٿيا. مثلاً "شاھ جي ڪلام ۾ طنز و مزاح"، "شاھ ۽ اقبال جي ڪلام ۾ وطن جو تصور" ۽ "اقبال جي ڪلام ۾ ابليس جو تصور" وغيره. 1969ع ۾ جڏهن هتي ون – يونٽ جا بند ٽٽي رهيا هئا، تڏهن محمد عمر چنڊ ڍاڪا يونيورسٽيءَ ۾ شيڪسپيئر جي ٽيمپيسٽ ۾ پراسپيرو کي پرماريت ۽ بيٺلائيءَ جو اهڃاڻ قرار ڏئي رهيو هو ۽ ڪئليبان کي ڏتڙيل ڌرتيءَ جو ڌڻي قرار ڏئي رهيو هو. جنهن ۾ هر باغي هيرو جا وسنهن پسجي رهيا هئا. امئريڪا ۾ تعليم جي زماني ۾ ٻولي ۽ ان جي پڙهائڻ بابت گهڻيون شيون لکڻ جو موقعو مليس، جيڪي مسودي جي صورت ۾ موجود آهن.

هن ڪان اڳ سنڌي ٻوليءَ ۾ لسانيات جي موضوع تي ڪيترن نامور محققن پنهنجون لکڻيون پيش ڪيون آهن، انهيءَ ڏس ۾ محمد عمر چنڊ جو هيءُ ڪتاب "لسانياتي جاگرافي ۽ ٻوليءَ جون آراڏايون" هڪ منفرد حيثيت رکندڙ ۽ اُن علم سان چاھ رکندڙن لاءِ سونهون ٿيندو ۽ ان علم بابت وڌيڪ معلومات حاصل ڪرڻ جو محرڪ ثابت ٿيندو. سنڌي ٻوليءَ ۾ ههڙي علمي ڪتاب ڏسڻ ڪان پوءِ احساس ٿئي ٿو تہ سنڌيءَ ٻوليءَ جو دامن ايڏو تہ وسيع آهي جو ڪنهن بہ علم بابت اُن ۾ لکي سگهجي ٿو.

احمد شيخ ۽ عبدالغفار شيخ

# مُنڍ

جيڪو ماڻهو جنهن ٻوليءَ جي ماحول ۾ ڄايو يا (ڄمي) نپجي وڏو ٿئي ٿو اُهو ماڻهو فطري طرح اُها ٻولي ”حاصل“ (acquire) ڪري ٿو. اُن ٻوليءَ جي جملن جي جوڙجڪ جو نظام، آوازن جي ڦِرڻ گهرڻ ۽ اُچارڻ جو سرشتو ۽ نوَن لفظن ٺاهڻ جا قانون سندس ذهن پاڻمرادو حاصل ڪري ٿو. اهڙيءَ طرح چئن پنجن سالن جي ٻار کان وٺي وڏي عمر وارو هر ڳالهائيندڙ اها صلاحيت رکي ٿو ته بنا ڪنهن اسڪول ۾ وڃڻ جي ۽ بنا ڪنهن گرامر جي ماهر کان قاعدا قانون سکڻ جي، اهو ٻڌائي سگهي ته سندس آڏو ڳالهايل لفظ يا جملو صحيح ڳالهايو ويو يا نه. ائين چئي سگهبو ته ٻوليءَ جو گرامر جيڪو ڪنهن ماهر ماڻهوءَ لکيو آهي، سو هي ڳالهائيندڙ ڪونه ٿو ڄاڻي؛ ائين به چئي سگهبو ته گرامر جي ڄاڻوءَ وٽ جيڪي گرامر جا اصطلاح استعمال ٿين ٿا. اُنهن جي ڄاڻ هن ماڻهوءَ کي بلڪل ذري جيتري به ڪانهي؛ پر ائين چوڻ غلط ٿيندو ته هيءُ اڻپڙهيل ماڻهو اُن ٻوليءَ جي گرامر کان واقف ناهي. سڀ ڪنهن ٻوليءَ جو هر ڪو ڳالهائيندڙ پنهنجي ذهن ۾ هڪ اندروني گرامر رکي ٿو ، جنهن جي مدد سان هو پاڻ صحيح ڳالهائي ٿو ۽ پنهنجي يا پرائي ڳالهايل ٻول جي غلطي سڃاڻي ۽ ان کي درست ڪرڻ جي صلاحيت رکي ٿو. اهو فيصلو اُن ٻوليءَ ڳالهائيندڙ ماڻهوءَ جي ذهن جو اُهو ڪمپيوٽر ڪري ٿو جنهن کي نفسياتي لسانيات جا ڄاڻو ”ٻولي حاصل ڪندڙ اوزار“ (Language Acquisition Device) چون ٿا. انهيءَ اوزار کي انهيءَ ڳالهه جو لاچار ڪونهي ته ڪنهن اسڪول. ڪاليج يا يونيورسٽيءَ ۾ وڃي پنهنجي ٻوليءَ جي گرامر جا قاعدا قانون سکي اچي، يا ٻوليءَ جي علم جي ڪنهن ماهر جو تيار ڪيل پروگرام پنهنجي ذهني ڪمپيوٽر کي پياري يا ’فيڊ‘ (feed) ڪري، اهو سڄو ڪاروبار قدرت جي طرفان نصب ڪيل يا

لڳل اِهو ”ٻولي حاصل ڪندڙ اوزار“ پاڻمئي ڪري ٿو. ”جنهن ٻاجهاري رحمان انسان کي هيءُ هدايت وارو ڪتاب سيکاريو. انهي ئي انسان کي جوڙيو ۽ کيس بيان (ڳالهائڻ) سيکاريو.“

اَلرَّحْمٰنُ عَلَّمَ الْقُرْاٰنَ خَلَقَ الْاِنْسَانَ عَلَّمَهُ الْبَيَانَ

فطرت جي هر جوڙيل شيءِ کي انسان سمجهڻ جي •ڪوشش ڪئي آهي. ٻوليءَ کي سمجهڻ جون ڪوششون ٻه هميشه کان هلنديون ٿيون اچن. ”ٻوليءَ جا ڄاڻو“ ته اُنهن سيني ماڻهن کي سڏي سگهجي ٿو جيڪي اُها ٻولي ڳالهائين. پر ٻوليءَ جي پيچ گهڙ يا جوڙجڪ جي متعلق ڄاڻي ٻجهي ڪا معلومات رکندڙ ماڻهوءَ کي ”ٻوليءَ جي علم جو ڄاڻو يا ماهر“، عالم اللغة، لسانيات جو ماهر، يا 'linguist' سڏي سگهجي ٿو.

لسانيات جا ماهر هيستائين جن علمي ميدانن يا کيتن (Fields) ۾ ڪم ڪندا رهيا آهن. تن ۾ صوتيات يا آوازن جا علم (فنالاجي ۽ فنيٽڪس)، جملي جي جوڙجڪ يا بناوت، 'نحو' يا (syntax) جو علم، لفظن جي ٺهڻ، صرف يا مارفالاجي (Morphology) جو علم ۽ معنيٰ (Semantics) جو علم اچي وڃن ٿا.

آوازن جي علمن گذريل ٻن سؤ سالن ۾ تاريخي لسانيات تشابهتي لسانيات جي علمن کي اُستوار ڪيو جن جي آڌار تي لسانيات جا ڄاڻو ”ماءُ – ٻوليءَ“ (اصل ٻولي) جي تلاش ۾ پيتڪندا نوان ميدان سر ڪندا رهيا. انهيءَ ڳولها دوران ڪي مهلون اهڙيون ٻه آيون جڏهن ماهرن اُن حقيقت ڏانهن ٻه ڌيان ڇڪايو ته جيئرين (موجود) ٻولين ۾ جيڪي آراڌايون * آهن، تن جو مطالعو ڪيو وڃي ۽ اهڙيءَ

---

• سائين محمد ابراهيم جويي صاحب سندن ”تقريظ“ ۾ ”آراڌو“ ۽ ان مان نڪرندڙ اُنهن لفظن جي تشريح جي صلاح ڏني، جيڪي هن ڪتاب ۾ استعمال ڪيا ويا هُئا. ان سلسلي ۾ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي ”جامع سنڌي لغات مان ٻه اقتباس پيش ڪجن ٿا، جن کان پوءِ اميد ته ڪنهن وڌيڪ تشريح جي ضرورت نه رهندي

طرح اوڻيهين صديءَ جي آخري اڌ ۾ ويهين صديءَ جي پهرئين اڌ وارو زمانو "لسانياتي جاگرافيءَ" جو زمانو هو جنهن ۾ جاگرافيائي مفاصلن جي ڪري پيدا ٿيندڙ آراڌاين تي ڪم ٿيو. اڳتي هلي ڄاڻڻ ڪي اهو سمجهه ۾ آيو تہ آراڌايون، جاگرافيائي مفاصلن ڪان سواءِ هڪڙي ئي جاگرافيائي هنڌ، سماجي، تعليمي، عمر، مضمون ۽ وسيلي جي فرقن يا آراڌاين ڪري بہ پيئي ٿيون. اهڙيءَ طرح "سماجي لسانيات" جو علم "سوشيالاجي آو لئنگويج" ڪان وڌي "سوشيولنگوسٽڪس" جي منزل تي پهتو. هوڏانهن لسانيات ۽ نفسيات جي گڏجڻ سان جيڪو علم "سائيڪالاجي آو لئنگويج" جي نالي سان اسريو هو سو جڏهن وڌي وڌ ٿيو تہ "سائڪولنگوسٽڪس" جو روپ وٺي بيٺو. بين ڳالهين سان گڏ هن علم وارن پهريون دفعو ٻار جي ٻوليءَ تي سائنسي انداز سان توجه ڪيو اهو ڏسڻ لاءِ تہ ٻار ڪيئن ٿو ٻولي حاصل (acquire) ڪري انهيءَ کوجنا جي ڪري اڳي جون گهڻيون ڏند ڪٿائون ڪوڙيون ثابت ٿيون. اهڙيءَ طرح ٻولي حاصل ڪرڻ ۽ "ٻولي سکڻ" جا بہ مختلف اصطلاح الڳ الڳ معنائن سان پڌرا ٿيا.

انهن سڀني کوجنائن جو اثر وري ٻوليءَ جي تعليم تي ٿيو. ڌارين ٻولين پڙهائڻ وارن عالمن پنهنجي شاگردن لاءِ سکڻ جي واٽ کي سولو بنائڻ لاءِ ٻولين جا تقابلي تجزيا (Contrastive analyses) ڪيا. سندن خيال هو تہ جتي مادري ٻولي ۽ ڌاريئن ٻوليءَ ۾ ڪو واضح فرق نہ هوندو اُتي سکڻ وارو شاگرد ٿاٻڙندو ۽ غلطيون ڪندو. جتي ٻن

- آرادو ج آرادا: ذ. صفت. [سن. آراڌيہ = اڪيلائي ۾ رهندڙ]، ع علاحده = الڳ] اڪيلو – علحده – جدا – ڌار – الڳ – آراڌو – آراداڻي ج آراداڻيون: ث علحدگي – وڇوڙو – جدائي – لوڙائو – فراق – آراڌائي (جامع سنڌي لغات (جلد اول سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد سنڌ 1379هہ (1960ع) صفحو 38: ٻيو ڪالم)
- آراڌو ج آراڌا : ذ صفت [ع علحده ، سن. اراڌيہ = اڪيلائيءَ ۾ رهندڙ] الڳ – جدا علحدو. آرادو. عجيب – انوکو جنهن ۾ ڪنهن ٻئي جو حصو نہ هجي. اڪيلو – خلاصو – نرالو – ازغيبي – الک – محويت وارو – مستغرق. (ث) آراڌي ج آراڌايون. (ايضاً ص 39، ڪالم پهريون)

ٻولين ۾ فرق تہ هوندا. پر يڪسانيت هوندي. اهي نوان نقطا سکڻ ۾ نسبتاً سولائي ڏيندي. پر ٻهرين ٻوليءَ جي حصول تي ڏيل ڪم مان پتو پيو تہ سکڻ جي دوران دماغ جو ڪمپيوٽر ڪي قاعدا قانون ناهي ٺوءِ اهي قاعدا قانون آڏيندي سکجندڙ ڳالهين تي جڏهن لڳائي ٿو تہ اهو سکيل قانون ڪم نٿو اچي، جو انهيءَ صورتحال لاءِ وري ڪو ٻيو قانون آهي جيڪو اجا دماغ جي ڪمپيوٽر کي "ڀياريو" نہ ويو آهي، فيڊ نہ ٿيو آهي، يا دماغ اجا سکيو ناهي. جيستائين اهو نئون قانون دماغ وٽ قبول ٿئي تيستائين ٻار پنهنجي اڳئين قانون مطابق ڳالهائيندو رهندو. توهان پلي ٻار جي جملي صحيح ڪرڻ لاءِ ننهن چوٽيءَ جو زور لڳايو پر هو ائين ڳالهائيندو جيئن سندس ڪمپيوٽر وارو گرامر کيس ٻڌائيندو. هاڻي ائين ڪونہ چئبو تہ ٻار غلط ٿو ڳالهائي ۽ وڏو صحيح ٿو ڳالهائي. پر چئبو تہ ٻار هن وقت سندس گرامر مطابق ڳالهائي ٿو ۽ سندس دماغي ڪمپيوٽر مطابق ائين صحيح آهي، حالانڪ وڏي جي گرامر مطابق هيئن صحيح آهي.

انهن ڳالهين کي ڏسي ڌارين ٻولين پڙهائيندڙن وري انهيءَ ڳالھ ڏي توجہ ڪيو تہ ڌارين ٻولين سکندڙن جون ڪي ٿوريون غلطيون تہ برابر مادري ٻولي جي مداخلت (Interference) جي ڪري هيون، پر گهڻيون غلطيون سکڻ واري جي سکڻ جو هڪ حصو هيون جو سندس "ٻولي سکڻ جي اوزار" هڪڙا قاعدا سکي انهن کي اهڙي هنڌ بہ ٿي استعمال ڪيو جتي ٻيا ڪي قاعدا ٿي لاڳو ٿيا. انهي جي معنيٰ اها ٿي تہ هر سکڻ واري جي ظاهري طرح جيڪا غلطي ڏسڻ ۾ ٿي اچي سا نتيجو آهي، ڪنهن ان قانون جو جيڪو دماغ هن کان اڳ سکي چڪو آهي. انهيءَ ڪري ٻي ٻولي پڙهائڻ وارن چُڪن جي تجزئي (error analysis) تي توجه ڏنو تہ جيئن ٻولي سکڻ جي صحيح واٽ جي خبر پئجي سگهي.

انهن سيني تحقيقن جو اثر هڪ پاسي تہ تدريس جي طريقن (Methods of Teaching) تي پيو ۽ ٻئي پاسي قومي سطحن تي ٻولين جي رٿابندي (Language planning) جو علم اُسريو ۽ اهو لازمي

تي پيو تہ تعليم سان تعلق رکندڙ هر ماڻهو ٻولين پڙهائيندڙ هر ماڻهو ۽ قومي ۽ بين سطحن تي ٻولين سان تعلق رکندڙ هرڪو ڪارڪن لسانيات جي انهن مختلف شعبن, ڪيترن يا فيلڊز کان واقفيت رکي.

هي ننڍڙو ڪتاب جيڪو لسانياتي جاگرافيءَ جي بهاني سان شروع ٿيو هو. لسانيات جي هر روز وڌندڙ ۽ نئين سج اُسرندڙ ٿارين مان هڪ بي ٿاري "ٻولين جي آراڪاين" (Varieties of language) سان بہ واسطو رکي ٿو. هن ڪيت ۾ ٿيل تحقيق جو انهيءَ اُميد سان جائزو ورتو ويو آهي تہ جڏهن تحقيق جي واٽ جي سُڌ پوندي, تڏهن تحقيق ڪرڻ وارا بہ پيدا ٿي پوندا. هن ڪتاب ۾ لسانيات جي ڪن ٿورن ميدانن ڏانهن اشارا ڪيا ويا آهن. پر اجا گهڻا ميدان اهڙا بہ آهن جن ڏي ڪو ٿلهو اشارو بہ ڪونہ ڪيو ويو آهي. لسانيات جي علم جي ڳاٽاٽي کان ٻاهر مٿن مان ڪنهن هڪڙي يا ڪن ٿورڙن مٿن مان وٽ خاطر ڪي سُرڪيون پيش ڪيون ويون آهن. جيڪي اُميد تہ هن علم سان چاهہ رکندڙ پياڪن جي اُڃ وڌائڻ ۾ مددگار ثابت ٿينديون. پوءِ جنهن جي اُڃ وڌي, سو سر تان آهو ڪٽي ميدان ۾ ڪاهي پوي. ميدان تمام وسيع آهي ۽ تمام گهڻي "قدر" ۽ "ڪيف" وارو:

وَٽَ وَٽي ۾, مَٽَ مَٽَ مَنڌَ ڀئو
قدر ڪيف ڪلاڙ جو پياڪن پئو
اڄن دَرس دڪان تي ڪنڌُ قبول ڪئو
سرها سِرَ ڏئو, چکن سُرڪَ سيد چئي.

محمد عمر چنڊ
انسٽيٽيوٽ آف ايجوڪيشن اينڊ ريسرچ
سنڌيونيورسٽي, اولڊ ڪيمپس, حيدرآباد
10 اپريل 1985ع 18 رجب 1405هہ

مير ڪالوني ٽنڊوڄام 27 مئي 2004ع

# پاڳو پهريون

# ”سنڌي ٻوليءَ جي لساني جاگرافي“

## باب پهريون

### قصو ڪٽڪ جي باغ پوکيندڙ مالهيءَ جو

ڊاڪٽر غلام علي الانا صاحب هن کان اڳ لسانيات جي ميدان ۾ سنڌي ٻوليءَ جي پڙهندڙن کي ڪي تمام ڪارائتا ڪتاب ڏنا آهن، جن مان ”سنڌي صورتخطي“ (1964)، ”سنڌي صوتيات“ (1967ع) ۽ ”سنڌي ٻوليءَ جو بڻ بنياد“ (1974ع) وغيره جا نالا وٺي سگهجن ٿا.

سنڌي ٻوليءَ ۾ پنهجي نموني جي پهرين ڪتابن هئڻ ڪري الانا صاحب جي هنن ڪتابن کي هڪ خاص اهميت ۽ فضيلت حاصل آهي. سنڌي ٻوليءَ جا پڙهندڙ، جيڪي هونئن لسانيات جي علم کان واقف نه هئا، سي الانا صاحب ۽ علي نواز جتوئي صاحب جهڙن ٻين بزرگن جي اهڙن ابتدائي نوعيت جي ڪتابن وسيلي لسانيات جي علم کان آگاهه ٿيا.

ڊاڪٽر الانا صاحب جو ڪتاب ”سنڌي ٻوليءَ جي لساني جاگرافي“ (1979ع) انهيءَ سلسلي جي هڪ ڪڙي هُئي، جنهن ۾ پڙهندڙن جي آڏو لسانيات جي هڪ شاخ ”لسانياتي جاگرافي“ کي متعارف ڪرائڻ جي ڪوشش ڪئي وئي هئي. لکندڙن ۽ پڙهندڙن ته هن ڪتاب جو آڌر ڀاءُ ڪيو ۽ هن نئين علمي ميدان ۾ دلچسپي پيدا ڪئي: پر انهي ساڳئي سبب جي ڪري جو سنڌيءَ ۾ پنهنجي نوعيت

جي هيءَ پهرين تصنيف هئي. اسان لاءِ اهو بہ لازمي هو تہ، هن ڪتاب مان لسانياتي جاگرافيءَ جي علم متعلق جن غلط فهمين پيدا ٿيڻ جو ڊپ هو ۽ جن ڳالهين جي چوڻ جي ضرورت هئي پر چيون نہ ويون، انهن کي چٽي چٽو ۽ پڌرو ڪري ڏيکارجي تہ جيئن پڙهندڙ سڌي وات سچائي سگهن.

ڊاڪٽر غلام علي الانا صاحب جي اڳين سڀني ڪتابن جي ساراهہ ۾ بنا هٻڪ هڪ ڳالهہ چٽي سگهجي ٿي تہ انهن سڀني لکتن ۾ اهو ڪجهہ جاچايل هو جنهن جي سندن عنوانن ۾ دعوي ٿيل هئي. اهڙيءَ طرح "سنڌي صورتخطي" وارو ڪتاب واقعي سنڌي صورتخطيءَ متعلق هو. "سنڌي صوتيات" وارو ڪتاب واقعي سنڌي ٻوليءَ جي آوازن متعلق هو. ۽ اهڙي طرح ٻيون تصنيفون بہ. پر "سنڌي ٻوليءَ جي لساني جاگرافي" واري هن ڪتاب جي عنوان مان ٻن ڳالهين جو خيال ٿي ٿيو:

1. تہ هيءُ ڪتاب سنڌي ٻوليءَ بابت آهي.
2. تہ هيءُ ڪتاب لساني جاگرافيءَ بابت آهي.

پر ڪتاب کي غور سان ڏسڻ سان پتو پيو تہ هن ڪتاب ۾ اهي ٻئي ڳالهيون نہ هيون. اول تہ هن ڪتاب اُنهن سڀني علائقن جو احاطو نٿي ڪيو جن ۾ سنڌي ٻولي ڳالهائي ٿي وئي، نہ رڳو ايترو پر وڌي ڳالهہ تہ سنڌ سونهاري، جتي عام طرح هوند سمجهجي تہ ماڻهو سنڌي ٻولي ڳالهائيندا هوندا، اُن سڄي علائقي جو موضوع هن ڪتاب جي بحث کان ٻاهر هو. سنڌ جي ٻدران جن علائقن جو ذڪر هن ڪتاب ۾ جاچايل هو سي هئا ڪڇ، ڪاٺياواڙ گجرات، راجستان، بلوچستان ۽ سرائڪي علائقو. انهيءَ لحاظ کان ائين نٿي چئي سگهياسين تہ هن ڪتاب ۾ جنهن علم تي بحث ٿيل هو اُهي سڄي سنڌي ٻوليءَ جو احاطو ٿي ڪيو. ٻئي طرف هن ڪتاب پڙهڻ مان معلوم ٿيو تہ هن ۾ لسانياتي جاگرافيءَ (Linguistic Geography) جي اصولن پٽاندڙ مٿي جاچايل علائقن ۾ هڪ زماني (Synchronic)، سنڌي ٻوليءَ جي اُچارن لفظي يا ترڪيبي آراڊاين يا هڪجهڙاين جي جاگرافيائي معلومات ٻدران اُنهن جا گرافيائي ايراضين ۾ سنڌي ٻوليءَ جي پکڙجڻ جو تاريخي احوال هو. انهيءَ لحاظ

ڪان وري اٿين ٿا ته چئي ڪونه ٿي سگهياسين ته هيءُ ڪتاب فلاڻي ٻوليءَ جي لسانياتي جاگرافيءَ بابت آهي.

انهن ٻنهي سببن جي ڪري سمجهه ۾ آيو ته ڊاڪٽر صاحب جي هن ڪتاب جو هيٺ ڄاڻايل موضوعن مان ڪو هڪڙو مقصد هو.

1. سنڌ کان ٻاهر سنڌي ٻوليءَ جي پکڙجڻ جو تاريخي احوال، يا
2. سنڌي ٻوليءَ جي سرحدن وڌڻ جي جاگرافيائي تاريخ، يا
3. سنڌي ٻوليءَ جون سرحدون ۽ اُن جي تاريخي جاگرافي (يا جاگرافيائي تاريخ).

ٿي سگهي ٿو ته عام پڙهندڙ ماڻهو هن فرق کي چڱيءَ طرح سمجهي نه سگهي. ان فرق کي سمجهڻ لاءِ جيڪر هڪ مثال ڏجي ته باغن رکڻ جو ڪو شوقين ماڻهو ڪنهن مشهور زرعي ماهر جو لکيل ڪو ڪتاب وٺي آيو، جنهن جو ظاهري نالو هو "باغ ۽ باغباني". شوقين باغائي دڪان تان ڪتاب وٺي، جڏهن گهر اچي کولي پڙهڻ لڳو ته منجهس لکيل ڏٺائين:

"باغبانيءَ جو شوق اڄڪلهه ماڻهن ۾ تمام گهڻو وڌي رهيو آهي، پر باغ رکڻ لاءِ جنهن محنت ۽ موڙيءَ جي گهرج آهي، سي هر ڪنهن جي وس کان ٻاهر آهن. اُن ڪري گهڻن ڪتابن ۽ رسالن پڙهڻ کان پوءِ مون پنهنجي ذاتي علم ۽ مشاهدي جي آڌار تي اوهان لاءِ هيءُ ڪتاب وڏي محنت ڪري لکيو آهي ته جيئن اوهين روڪڙ ڪمائيندڙ فصلن، جهڙوڪ وونئڻ ۽ ڪڻڪ پوکڻ جون ڪي تمام سهڪيون ۽ سوليون واٽون سکي سگهو...."

وونئڻ پوکڻ ۽ باغ رکڻ جا ٻئي موضوع، برابر ڪيتي باڙيءَ سان واسطو رکن ٿا، پر جيڪو شوقين باغائي سڪ ۽ سڌ مان ٻه ڏوڪڙ هڙان وڃائي، ليکڪ جي ساک تي ويساهه ڪري، ان ڪتاب کي باغبانيءَ بابت لکيل سمجهي اهو ڪتاب وٺي آيو، تنهن جو اُهو اصل مقصد نه سريو جنهن لاءِ ڪتاب ورتائين. هاڻي، جيترو فرق وونئڻ پوکڻ ۽ باغباني ڪرڻ ۾ آهي، ان کان به رتيون سرس فرق ڪنهن ٻوليءَ جي جاگرافيائي تاريخ لکڻ ۽ ان جي لسانياتي جاگرافيءَ ڄاڻائڻ ۾ آهي.

اهو احساس خود فاضل مصنف کي به هن ڪتاب لکڻ وقت

هو تہ سنڌن هيءَ ڪتاب لساني يا لسانياتي جاگرافيءَ جي ضرورتن جي پورت نٿو ڪري. پاڻ اهو چڱيءَ طرح ڄاڻن ٿي تہ سنڌن ڪتاب جو اصل موضوع سنڌي ٻوليءَ جي "لساني جاگرافي" نہ پر سنڌي ٻوليءَ جي جاگرافيائي تاريخ هو. انهيءَ ڪري هن ڪتاب جي "مهاڳ" ۾ ڊاڪٽر صاحب جن ڄاڻايو آهي تہ سنڌي ٻوليءَ جي لساني جاگرافيءَ تي سائنسي اصولن مطابق ڪم ڪرڻ لاءِ جنهن پئسي، وقت ۽ ماڻهن جي سهڪار جي ضرورت آهي، سو هن وقت وٽن موجود ڪونهي. پاڻ لکن ٿا تہ اهڙي ڪم لاءِ جنهن "اسڪيم جو ڍانچو" تيار ڪيو ويو آهي، (اُنَ تي) في الحال عمل درآمد ڪرڻ جو ڪوبہ پروگرام ڪونهي. هن ڪتاب ۾ في الحال انهيءَ اسڪيم مطابق تجزيو ڪيل نہ آهي." (ص 'الف') اهو هڪ وڏو ڪم آهي، جو مون جهڙي هڪ ادنيٰ انسان لاءِ سر تي کڻڻ ناممڪن آهي." (ص 'ب')

ان فرق کي ظاهر ڪرڻ لاءِ هن ڪتاب جي پهرئين ڀاڱي ۾ ڊاڪٽر غلام علي الانا صاحب جي سنڌي ٻوليءَ جي لساني جاگرافيءَ جي مهاڳ ۽ پهرئين باب ۾ استعمال ٿيل ڪن تصورن ۽ اصطلاحن تي بحث ڪيو ويو. جنهن مان پڌرو ٿيو تہ هيءَ ڪتاب دراصل تاريخي جاگرافي يا جاگرافيائي تاريخ بابت هو. جنهن تي هن کان اڳ ڊاڪٽر بلوچ صاحب ۽ ٻيا عالم گهڻي عرصي کان طبع آزمائي ڪري پگهر وهائي چڪا هُئا. لسانياتي جاگرافيءَ جي ڪم جي نوعيت کي چڱيءَ طرح سمجهڻ ۽ آئنڊي جي محققن کي هن کيت سان واقف ڪرائڻ لاءِ هن ڪتاب جي ٻئي ڀاڱي ۾ لسانياتي جاگرافي ۽ اُن مان اُسرندڙ سماجي لسانيات ۽ ٻوليءَ جي آراڌاين جي ٻنهين ۾ ٿيل مطالعن جو مختصر تاريخي جائزو پيش ڪيو ويو آهي تہ جيئن معلوم ٿئي تہ لسانياتي جاگرافي ڪيئن اُسري، اُن ۾ هيستائين مختلف ملڪن ۾ ڪهڙي نوعيت جو ڪم ٿيو آهي ۽ آئنڊي جي تحقيق ڪهڙو گس وٺندي. آخر ۾ سنڌي ٻوليءَ ۾ "لفظي ترتيب" ۽ صرفي ٻڇاڙين جي مونجهاري مان اُڀرندڙ هڪ بحث تي ويچار ڪيو ويو آهي. جنهن مان معلوم ٿيو تہ سنڌي ٻوليءَ وٽ اڃا بہ اظهار جا اهڙا وسيلا آهن جيڪي ٻين گهڻين ٻولين کي هن وقت حاصل ناهہ

# باب ٻيون

## تحقيق جا ڪي اهم پهلو

**(الف) فيلڊ ورڪ جي اهميت:**

لسانياتي جاگرافيءَ جي تحقيقي ڪم لاءِ جيڪو منصوبو ڊاڪٽر الانا صاحب طرفان رٿيو ويو سو اهو هو ته "ڪارڪنن جي جٿي مان هر ڪارڪن وٽ ڪيسيٽ رڪارڊر هجي ۽ هڪ سوالنامو هجي، جنهن جي آڌار تي هو مقرر خطي ۾ ان خطي ۾ مروج سنڌي ٻوليءَ جي لهجي ۽ ان لهجي جي محاوري جا نمونا رڪارڊ ڪندو وڃي، ۽ ماڻهن سان ڳالهائيندو وڃي. ائين ڪرڻ سان ئي سنڌي ٻوليءَ جي لساني جاگرافيءَ تي صحيح ۽ سائنسي طريقي سان ڪم ڪري سگهبو".

انهيءَ ڳالهه سان واسطو رکندڙ هن حقيقت ڏانهن هت اشارو ڪرڻ ضروري آهي ته هڪڙا ڪم اسڪيمن جا ٿيندا آهن، ٻيا ڪم علمي شوق جا ٿيندا آهن. هڪڙا ڪم وڏي پيماني تي رٿبا ۽ ڪڏهن به پورا نه ڪبا آهن، ٻيا پنهنجي شوق جي اُڃ اُجهائڻ لاءِ وڏي نه ته ننڍي پيماني تي رٿي توڙ تائين پڄائبا آهن. ائين به ناهي ته اهڙو لسانياتي جاگرافيءَ جو تحقيقي ڪم ٽيپ رڪارڊر ۽ ڪارڪن جي جٿي کان سواءِ ڪري ئي نٿو سگهجي. "گريئرسن" جنهن هندستاني لسانياتي سروي تي ڪم ڪيو يا "ڪُراٿ" جنهن امريڪا ۾ لسانياتي جاگرافيءَ تي ڪم ڪيو انهن کي ٽيپ رڪارڊن جون سهوليتون حاصل ڪونه هيون. البته انهن وٽ ڪارڪن هئا. وري ٻئي طرف ڪوبه اڪيلي سر ڪم ڪندڙ هڪڙو محقق هڪ علائقي جي

ننڍي ايراضيءَ جو احاطو ڪري سگهي ٿو جيئن ڪارل هاگ (Karl Haag) 1898ع ۾ ڏکڻ سوابيا جي هڪ ننڍڪري (ڊسٽرڪٽ) جو مطالعو ڪيو. يا هو هڪ وڏيءَ ايراضيءَ ۾ هڪ يا ٻن لسانياتي پهلوئن جو احاطو ڪري سگهي ٿو جيئن 1927ع ۾ ڪلوڪي (G.G. Kloke) نيدر ليند ۽ بيلجيم ۾ "هائوس" ۽ "مائوس" لفظن جي سُر واري آواز (Vowel Phoneme) جو مطالعو ڪندي ڪيو. (بلومفيلڊ: لئنگويج، ص 325) ۽ لسانياتي جاگرافيءَ جي ڪم ۾ هڪ سنگ ميل جي حيثيت رکندڙ گلئيرون جي فرانس واري لسانياتي جاگرافي هڪڙي فيلڊ ورڪر ايڊمونڊ ايڊمنٽ جي محنت جو نتيجو آهي. پر ڪن حالتن ۾ فيلڊ ورڪر لاءِ آفيس مان ٻاهر نڪرڻ جي به ضرورت ڪانه پوندي جيئن وليم سميرين (William Samarin) لسانيات جي فيلڊ ورڪ تي پنهنجي ڪتاب (1967 ص 12) ۾ لکيو آهي:

> "فيلڊ لنگوسٽڪس (جو ڪم) ڪنهن هنڌ به ڪري سگهجي ٿو هروڀرو فليڊ ۾ نه، جيئن ان جي نالي مان ظاهر آهي. هڪ فيلڊ معمار (Field architect) لاءِ ضروري آهي ته هو (پاڻ) اتي وڃي، جتي ڪيس انگ اکر هٿ ڪرڻ جي توقع هجي، پر هڪ لسانيات جو ماهر پنهنجي خابروءَ کي پاڻ وٽ وٺي اچي سگهي ٿو. اهڙي طرح ڪيترو فيلڊ جو ڪم پرانهين ڀراڙيءَ جي رهاڪن کي شهر ۾ آڻي ڪري سگهجي ٿو ۽ اهو ڪم (جهنگل جي جهوپڙي يا وڻ جي ٽڙ جي) آڏ هيٺان ڪرڻ بدران آفيس ۾ ويهي پورو ڪري سگهجي ٿو."

فيلڊ ورڪ مان وري اها توقع ڪانه رکبي ته جڏهن هڪڙو ڪارڪن ٽيپ رڪارڊ کڻي ملڪ جي ٻوليءَ کي ضبط ڪري ايندو ته ان کان پوءِ تحقيقي ڪم شروع ٿيندو. اڪ ڪان گهڻو ڪم ڪارڪن کي فيلڊ ۾ موڪلڻ کان اڳ پنهنجي آفيس ۾ ويهي ڪرڻو پوندو. انهن مسئلن مان هر هڪ جي اڀياس جو ڍنگ تيار ڪبو. ڪارڪن کي گهربل مواد هٿ ڪرڻ ۽ انهيءَ کي ڪاغذ تي لکي رڪارڊ ڪرڻ جي

طريقن جي تربيت ملندي. جيڪڏهن ڪنهن يونيورسٽيءَ جا استاد اهڙي ڪم ۾ واقعي چاهه رکن ٿا تہ اتي جي (سنڌالاجي يا سنڌي ڊپارٽمينٽ يا سنڌي لئنگويج اٿارٽي جهڙي) هڪ وڏي اداري لاءِ اهو ضروري ناهي تہ اهڙي ڪم شروع ڪرڻ لاءِ حڪومت ڪان رٿا منظور ڪرائڻ ڪان پوءِ ان ڪم ۾ هٿ وجهي. سنڌ جي مختلف علائقن مان ايندڙ شاگردن کي اهڙي ڪم سان لڳائي سگهجي ٿو. لابوف تفصيل سان ڄاڻايو آهي تہ ڪيئن هن پنهنجي شاگردن جي ڪيل ڪم مان فائدو ورتو.

ان ڪان سواءِ جيڪڏهن اخبارن ۽ رسالن جي پڙهندڙن کي ڪن خاص مسئلن متعلق تربيت ڏئي، اِطلاع موڪلڻ لاءِ چئبو تہ ڪيترا شوقين ماڻهو وڏي چاهہ ۽ حب سان گهربل اهڙو اطلاع ڏياري موڪليندا. جيڪو يونيورسٽيءَ وارا محقق پنهنجي تجزياتي ڪم ۾ استعمال ڪري سگهندا.

ڊاڪٽر الانا جو "لساني جاگرافيءَ" تي لکيل ڪتاب انهيءَ سلسلي ۾ وڏو رول ادا ڪري سگهي ٿو. جيڪڏهن ان ۾ لسانياتي جاگرافيءَ سان تعلق رکندڙ مسئلن ۽ انهن تي تحقيق ڪرڻ جي طريقن کي چڱيءَ طرح کولي پيش ڪيو ويو آهي. ڊاڪٽر صاحب جي انهيءَ ڪتاب ڏسڻ سان پڙهندڙن کي لسانياتي جاگرافيءَ جي ڪم جي نوعيت جو صحيح اندازو ڪونہ ٿي سگهندو. ان جي اُبتڙ، جيڪڏهن پڙهندڙ لسانياتي جاگرافيءَ جي علم ڪان ٿورو گهڻو واقف نہ هوندو تہ ان ڳالهہ جو گهڻو امڪان آهي تہ لسانياتي جاگرافيءَ متعلق سندس ذهن ۾ غلط تصور پيدا ٿئي، ۽ هو مختلف علائقن ۾ ٻوليءَ جي پکڙجڻ جي تاريخي احوال کي لسانياتي جاگرافي سمجهي ويهي.

پنهنجي ڪتاب جا جزا (ڪڇ ۾ سنڌي ٻوليءَ جو ڦهلاءُ، ڪاٺياواڙ ۽ گجرات ۾ ڦهلاءُ، راجستان ۾ سنڌي ٻوليءَ جو ڦهلاءُ، بلوچستان ۾ سنڌي ٻوليءَ جو ڦهلاءُ، سرائڪي ايراضيءَ ۾ سنڌي ٻوليءَ جو ڦهلاءُ) لکي پورا ڪري جڏهن ڊاڪٽر صاحب جن مهاڳ لکڻ وينا آهن تہ صفحي "هہ" تي چون ٿا تہ هن ڪتاب ۾ اُهي سبب ۽ ڪارڻ ڄاڻايا ويا آهن، جن مان ثابت ٿيندو تہ:

"سنڌي زبان نہ صرف برصغير ۾ پکڙيہ پر ان جا ڳالهائيندڙ دور دراز علائقن، هڪ طرف هوائي ٻيٽن، ٻئي طرف پئسفڪ سمنڊ جي فيجي ۽ سالومن ٻيٽن، ٽئين طرف مغربي آفريڪا جي نائجيريا ملڪ ۽ اهڙيءَ طرح آمريڪا، ڪئناڊا تائين وڃي وسيا آهن ۽ سوين سال گذرڻ جي باوجود هو گهرن ۾ پنهنجي مادري زبان سانديو اچن".

هيءَ جيڪو ڪتاب ڇپجي پڙهندڙن تائين پهتو اُن ڪتاب جي متن ۾ تہ اهڙي ڪابہ ڪوشش ڪانہ ورتي وئي ۽ متن جو موضوع ئي هندو پاڪ جا، سنڌ کان سواءِ اهي علائقا هُئا جن ۾ سنڌي پکڙجڻ جو امڪان رهيو.

(ب) **تشريحي نقشن جي اهميت:**

جيئن "جاگرافيءَ" جي ڪنهن بہ ڪتاب لاءِ ضروري هوندو آهي تہ اُن ۾ نقشا ڏنا وڃن، تيئن ڊاڪٽر صاحب پنهنجي هن ڪتاب ۾ ٻہ ٽي تمام سهڻا نقشا ڏنا آهن.

پهريون وڏو نقشو بمبئي پريزيڊنسي ۽ مغربي هندستان جي ايجنسيءَ جو "لساني نقشو" آهي، جيڪو گريئرسن جي "لنگوسٽڪ سروي آف انڊيا" تان ورتل آهي. هن نقشي ۾ سورهن ناميارين ۽ ڪن "ٻين" ٻولين جو وچور چوڪنڊن ذريعي ڏنو ويو آهي تہ ڪهڙن علائقن ۾ ڪهڙيون ٻوليون ڪيتري نسبت (Ratio) ۾ ڳالهايون ٿي ويون. چٺو ڪنڊيارن جي ڪاتي جي تاريخ ڄاڻايل ڪانهي، ان ڪري جنهن کي گريئرسن جي ڪم جي پس منظر جي توري گهڻي خبر هونديہ اُهو اندازو لڳائيندو تہ اِهو ڪاٿو مواد هٿ ڪرڻ واري زماني، 1894ع کان 1902ع، جو هوندو يا انين جلد جي ڇپجڻ واري سال جي ويجهڙائيءَ واري زماني جو هوندو، جيڪو 1903ع کان 1927ع تائين وارن سالن مان ڪنهن بہ سال جو ٿي سگهي ٿو. مصنف جي لاءِ لازمي هو تہ اهڙن نقشن ۾ ڏنل اطلاع سان واسطو رکندڙ انگ اکر ۽ انهن سان لاڳو تشريح ڏئي ها.

ڪتاب جي آخر ۾ ايچ. ٽي سارلي جي تيار ڪيل سينسس رپورٽ (1931ع) تان ورتل ٻيو نقشو آهي، جنهن ۾ "سنڌ ۾ ضلع وار ٻولين جي ورڇ" نسبت جي لحاظ کان، گولڙن کي حصن ۾ ورهائي ڏني وئي آهي. ڪتاب ۾ ڪٿي سيني ڳالهائيندڙن جي تعداد نہ هئڻ ڪري اها خبر ڪانہ پئي تہ دراصل ڪيترا ماڻهو ڪهڙيون ٻوليون ڳالهائيندا هئا. ڪتاب جي وچ ۾ اهڙوئي ٽيون نقشو 1971ع ۾ سنڌ جي ضلعي وار ٻولين جي ورڇ ڏيکاري ٿو.

ٽنهي نقشن جي غير تشريحي هئڻ (يا منجهن انگن اکرن نہ ڏيڻ) جو جيڪو اهو اعتراض ٿيو، سو اسان جي لاءِ ثانوي حيثيت رکي ٿو. اهڙو ڏنل اطلاع ۽ اهڙا ڏنل نقشا، لازمي آهي تہ ماڻهن جي معلومات لاءِ مفيد ثابت ٿين ۽ ڪنهن نہ ڪنهن صورت ۾ ڏيڻ لازمي آهن. پر هنن ٽنهي نقشن مان هڪڙو بہ نقشو اهڙو ناهي جيڪو لسانياتي جاگرافيءَ جي ڪنهن ڪتاب ۾ ڏسڻ ۾ اچي. ڊاڪٽر الانا صاحب جا هي نقشا سينسس (census) جا نقشا آهن يا تاريخ جا نقشا آهن. يا جاگرافيءَ جا نقشا آهن، پر "لسانياتي جاگرافيءَ" جا نقشا ناهن. ان ڪري جو لسانياتي جاگرافيءَ جي نقشن ۾ اهو ڄاڻائبو تہ ٻوليءَ جو ڪهڙو اُچار، ڪهڙو لفظ، يا ڪهڙو ترڪيبي قاعدو ڪهڙن ڪهڙن هنڌن تي استعمال ٿئي ٿو. الانا صاحب جن جيڪڏهن رڳو بلومفيلڊ جي ڪتاب ۾ ڏنل نقشن کي ئي ڏسن ها تہ پتو پوين ها تہ مثلاً ص 328 تي مائوس ۽ هائوس جي اُچارن جي فرق جو نقشو هو، ص 332 تي have ۽ want to جي استعمال جو نقشو وغيره.

ائين معلوم ٿو ٿئي تہ هي نقشا ڪتاب جي اصل پلان جو حصو ڪونہ هئا. اهڙي خيال جو هڪڙو سبب تہ اهوئي واسطيدار اطلاع جي ڪتاب ۾ نہ هئڻ جو آهي. ٻيو تہ ڪتاب جي موضوع جو مرڪز ڪڇ ۾ سنڌي، ڪاٺياواڙ ۽ گجرات ۾ سنڌي، راجستان، بلوچستان ۽ سرائڪي ايراضين ۾ سنڌيءَ جي پکڙجڻ جو آهي. نقشن جي توجه جو مرڪز يا تہ بمبئي پريزيڊنسيءَ جون سموريون ٻوليون آهن، يا تہ اندرون سنڌ جي ضلعن ۾ ڳالهايل ٻوليون آهن. هن ڪتاب

لاءِ اهڙا نقشا نهرائجن (پوءِ ڀلي نقشن جي ماهيت ڪهڙي بہ رهي ها) جو انهن نقشن ۾ سنڌ جي بدران ڪڇ، ڪاٺياواڙ گجرات، راجستان، بلوچستان ۽ سرائڪي ايراضين ۾ سنڌي ۽ ٻين ٻولين ڳالهائيندڙن جي تعداد يا سيڪڙائي جي اطلاع تي توجه ڏنو وڃي ها.

ٻوليءَ سان واسطو رکندڙ غير لسانياتي انگ اکر، جيڪي اُن ٻوليءَ سان دلچسپي رکندڙ هر ذهين ماڻهو ڄاڻڻ چاهيندو، اهي آدمشماريءَ جي ڪارڪنن وانگي ڪوبہ لسانيات جي علم کان اڻڄاڻ ماڻهو هٿ ڪري سگهي ٿو. ملڪ جي مختلف ڀاڱن ۾ ٻولين ڳالهائيندڙن جو تعداد معلوم ڪرڻ آدمشماريءَ جي کاتي جو ڪم آهي. اهڙن انگن اکرن هٿ ڪرڻ لاءِ لسانيات جي علم جي ڄاڻ يا ان ۾ ڪنهن تجربي جي ڪا گهرج ڪانهي. نڪي اهو سمجهبو تہ جيڪڏهن لسانيات جي ڪنهن ماهر آدمشماريءَ وارن جا هٿ ڪيل انگ اکر ڪتابن مان وڏي محنت ڪري، ڳولهي، هڪ هنڌ گڏ ڪري رکيا تہ ڪو لسانيات جي ڪم جو ڇيهہ ٿي ويو. لسانيات جو ماهر اهڙيءَ طرح هٿ آيل معلومات مان فائدو وٺي سگهي ٿو ان جو حوالو ڏئي سگهي ٿو، پر سندس ڪم نڪي اتاهين شروع ٿو ٿئي، نڪي اُتي پورو ٿو ٿئي. سندس ڪم جي نوعيت الڳ آهي. سندس ڪم "لسانياتي" نوعيت جو هئڻ کپي، ان ۾ ڪم ٻوليءَ جي غير لسانياتي يا لسانيات کان ٻاهرين عوامل يا ڦرڻن (Variables) جي بدران لسانياتي ڦرڻ (Linguistic variables) تي ٻڌل تحقيق جو ذڪر هئڻ کپي.

اهڙيءَ طرح آدمشماريءَ جا انگ اکر، جدولون ۽ نقشا جيڪي ٻوليءَ سان واسطو رکن ٿا پر لسانياتي ڦرڻن تي ٻڌل ناهن، يا ڇئجي تہ غير لسانياتي آهن يا لسانيات جي علم کان ٻاهر جا آهن، سي لسانياتي جاگرافيءَ جي غير لسانياتي سونهن تہ وڌائي سگهن ٿا، پر منجهانئن نڪي ڪنهن لسانياتي مسئلي حل ڪرڻ جو آسرو رکبو ۽ نڪي ڪين ڪتاب جي موضوع جو اهم حصو سمجهبو. لسانياتي جاگرافيءَ ۾ جيڪي نقشا ڏجن ٿا جو هيٺ ڄاڻايل نقشن وانگي ڪنهن ملڪ يا ان جي ڪنهن خاص حصي جي لفظن جي

استعمال، اُچارن، يا ترڪيبي اختلافن سان واسطو هئڻ گهرجي.

(الف) مثلاً لسانياتي جاگرافيءَ تي ڪم ڪرڻ وارو ماڻهو اها معلومات هٿ ڪري سگهي ٿو ته ڪنهن خاص شيءِ يا ڪم لاءِ مختلف علائقن يا مختلف سماجي گروهن ۾ ڪهڙا مختلف الفاظ مروج آهن. جيئن هيٺ ڄاڻايل پهرئين نقشي مان ظاهر ٿيندو ته جنهن جيت کي پاڻ سنڌيءَ ۾ پنيوري چوندا آهيون، تنهن کي واشنگٽن، اوريگان ۽ اڊاهو جي اُتر اولهه وارن پرڳڻن ۾ ڪهڙن هنڌن تي ڊيولز نيڊل يا "ڊارننگ نيڊل" (يعني شيطاني سُئي يا "رفو واري سُئي" نشان: O) چون.

ڪٿي "سنيڪ فيڊر" (سَپ کائڪ. نشان: ‌ا)، ڪهڙين جاين تي "سنيڪ- ڊاڪٽر" (سَپ ويڄ نشان ٧)، ڪهڙن هنڌن تي ماسڪيٽو هاڪ (مڇر باز نشان+)، ۽ ڪهڙن هنڌن تي ايئرنيڊل (ڳن سئي، نشان ◀)چئجي ٿو. حالانڪ عام طرح لکڻ پڙهڻ واريءَ ٻوليءَ ۾ انهي جانور کي ڊريگن فلاءِ ڪري چوندا آهن. (ڏسو نقشو پهريون).




**نقشو پهريون**

ڪئرل اي ريڊ جي ڪتاب ڊايا ليڪٽس او امريڪن انگلش (1967) تان ورتل نقشو جنهن ۾ آئڊاهو، اوريگان ۽ واشنگٽن جي پرڳڻن ۾ پنپوريءَ لاءِ استعمال ٿيندڙ لفظن جي ورڇ ڏيکاري وئي آهي (ڊيولز ڊارننگ نيڊل، سنيڪ فيڊر، سنيڪ ڊاڪٽر، مسڪيٽو هاڪ، ايئرسوئر، ايئرنيڊل، جوئٽن عام طرح ڊريگن فلاءِ).




نقشو ٻيو

اُتي جي مضمون احوالي لاءِ ڏسو تشريحي ببليوگرافي 24 تان ورتل نقشو جنهن ۾ گريس يا گريز (Grease) لفظ جي آخري آواز جي س ۽ ز جي اُچار جي ورڇ ڏيکاري وئي آهي. گريس، گريسي ۽ گريز، گريزي. وضاحت لاءِ ڏسو مضمون.

(ب) مختلف لفظن جي استعمال کان سواءِ لسانياتي جاگرافيءَ جا نقشا اِهو بہ ڏيکاري سگهن ٿا تہ ڪنهن هڪڙي خاص ايراضيءَ ۾ ساڳيو استعمال ٿيندڙ لفظ ڪهڙن مختلف هنڌن تي ڪهڙن آراڌن اُچارن سان ڳالهائڻ ۾ اچي ٿو. جيئن نقشي نمبر ٻئي ۾ ڄاڻايل آهي:

تيلاهين پاٽيٽ جنهن کي اسين گريس ڪري چوندا آهيون، تنهن کي آمريڪا جي اُتر – اوپر جي مين، نيو هيمپشر، ورمونٽ، ميسا چوسيٽس، نيويارڪ ۽ پينسلوانيا وارن علائقن ۾ گريس ڪري اُچارين ۽ اُن جي صفت کي "گريسي" ڪري چون، پر نيوجرسي ۽ ڊيلويئر کان هيٺ ويندي ڏکڻ ڪنيڪٽيڪٽ تائين وارن علائقن ۾ "گريز" ۽ "گريزي" ڪري اُچارين. انهن ٻن علائقن جي وچ ۾ وري ڪي اهڙا به ٽڪرا آهن، جتي ٻئي اُچار ٻڌڻ ۾ اچن، جيئن نيوجرسي ۽ پينسلوانيا جا ڪي ٽڪرا. (ڏسو نقشو نمبر 2)

(ب) لفظن ۽ اُچارن جي فرقن کان سواءِ لسانياتي جاگرافيءَ جو ماهر پنهنجي نقشن ۾ اهو به ڏيکاري سگهي ٿو ته ڪهڙن هنڌن تي ڪهڙا گرامر جا فرق، نحو (ساخت) جا فرق، يا صَرف (مارفالاجيءَ) جا فرق ٿي سگهن ٿا. هيٺ ڄاڻايل ٽيون نمبر نقشو جيڪو ائنڊرسن ۽ سٽيجيبرگ پنهنجي ڪتاب ۾ هانز ڪراٿ جي ورڊ جاگرافيءَ تان ڏنو آهي، ڏيکاري ٿو ته "تون" (you) جي مقابلي ۾ "اوهين" جي لاءِ اوپر آمريڪا ۾ ڪهڙن هنڌن تي you–all (نشاني O)، ڪهڙن هنڌن تي you'ns (نشاني ●) yous (نشاني Δ) ۽ ڪهڙن هنڌن تي amongst–ye (↓) استعمال ٿئي ٿو. اهي سيئي لفظ پنهنجي مالڪي حالت ۾ You–all's, youn's ۽ Mongst–ye's "توهان جو" جي معنيٰ ۾ به استعمال ٿين ٿا.

### (ج) اعداد و شمار ۽ جدولن جي اهميت:

ڊاڪٽر الانا صاحب ڪتاب جي مختلف بابن ۾ سنڌ جي مذڪوره علائقن ۾ مختلف ٻولين ڳالهائيندڙن جي انگن اکرن جون جدولون به ڏنيون آهن. انهن جدولن ۾ انگن اکرن ڏيڻ جي طريقي ۾ غير يڪسانيت ۽ ويسر جون گهٽيون اوڻائيون رهجي ويون آهن. مثلاً "ڪڇ ۾ سنڌي ٻوليءَ جو ڦهلاءُ" واري باب (ص 45– 46) ۾ اول وعدو ڪيو اٿن ته "1931ع، 1951ع ۽ 1961ع جي آدمشماريءَ موجب ڪڇي ڳالهائيندڙن جو تعداد هيٺ ڏجي ٿو...." صفحي 46 تي جيڪي انگ اکر ڄاڻايل آهن سي 1931ع ۾ مختلف خطن ۾ ڪڇي ٻولي ڳالهائيندڙن جا آهن، پر 1951ع ۽ 1961ع جي انگن اکرن جو ڪٿي نالو نشان به ڪونهي.

انهيءَ ئي ساڳئي مثال کي وري ٻئي خيال سان ڏسو: باب ۾ ڳالهه پئي هلي "ڪڇ ۾ سنڌي ٻوليءَ جو ڦهلاءُ" جي، پر انگ اکر ڏنل آهن "ڪڇي ٻولي" ڳالهائيندڙن جا. تقابلي مطالعي لاءِ جيڪڏهن "ڪڇي ٻوليءَ" جا انگ اکر سنڌي ٻوليءَ سان گڏ ڏجن ها ته به ڪو ٻولو ڪونه هو. پر رڳو ڪڇي ٻوليءَ جي ڳالهائيندڙن جي انگن اکرن مان باب جي موضوع جو مقصد پورو نه ٿيو.

اهڙي قسم جون ننڍيون وڏيون ڳالهيون مڙنئي جدولن ۾ نظر اينديون، جن کي ٿوريءَ محنت کان ڪم وٺي هوند سولو ڪري سگهجي ها.




نقشو ٽيون

ائنڊرسن ۽ سٽيجبرگ جي ڪتاب (حوالو نمبر 25) تان ورتل نقشو جيڪو دراصل هانز ڪراٿ جي "ورڊ جاگرافي" واري ڪتاب تان ورتو ويو آهي هن نقشي ۾ "اوهين" جمع لاءِ استعمال ٿيندڙ لفظن جي ورڇ ڏيکاري وئي آهي (يو آل، يوئنز يوز مُنگسٽ يي) وضاحت لاءِ ڏسو صفحا 15 – 16

(ب) ٽي سگهي ٿو ته "لساني" لفظ هتي جنهن معنيٰ لاءِ استعمال ڪيو ويو آهي، اُها "علم اللسان" سان واسطو رکندڙ هجي ۽ معنيٰ هُجيس:

- ٻوليءَ جي علم سان واسطو رکندڙ يا
- علم اللغة سان واسطو رکندڙ يا
- لسانيات سان واسطو رکندڙ يا
- علم اللسان سان واسطو رکندڙ.

"لساني" لفظ جي معنيٰ جيڪڏهن اِها ورتي ويندي ته وڌيڪ موزون معلوم ٿيندي، انهيءَ ڪري جو "لنگوسٽڪ جاگرافيءَ" جي اصطلاح ۾ واپرايل لفظ "لنگوسٽڪ" جو اِهوئي مطلب آهي.

انگريزي ٻوليءَ ۾ "لنگوسٽڪ" لفظ ڪنهن زماني ۾ "لئنگوج" جي صفت جي حيثيت سان استعمال ٿيندو هو، جنهن جي معنيٰ اُهائي هئي جيڪا مٿي (الف) ۾ ڄاڻائي وئي آهي، يعني "ٻوليءَ جي، ٻوليءَ سان واسطو رکندڙ ٻوليائي، يا لساني"، پر هاڻي انهيءَ معنيٰ ادا ڪرڻ لاءِ "لنگول" استعمال ڪن، جيئن چون:

- بائلنگول (bilingual) = ٻه ٻوليون واپرائيندڙ، ٻه ٻوليو.
- ملٽيلنگول (multilingual) = گهڻ ـ ٻوليو.

اڳي گهڻين ٻولين ڳالهائيندڙ ماڻهوءَ کي "لنگوسٽ" چوندا هئا، پر هاڻي لنگوسٽ چون ٻوليءَ جي علم ڄاڻندڙ علم اللغة جي ماهر کي ۽ گهڻين ٻولين ڄاڻندڙ کي چون "پالي گلاٽ" (Polyglot)، اڄڪلهه جنهن معنيٰ ۾ "لنگول" استعمال ٿئي ٿو، اُن لاءِ عربيءَ ۾ اڄ به "لسان" چون (ڏسو: المورد، 1977ع ص 23).

ٻئي پاسي "لنگوسٽڪ" صفت آهي "لنگوسٽڪس" (linguistics) جي، جنهن جي معنيٰ اُهائي جيڪا مٿي (ب) ۾ ڄاڻائي وئي آهي، يعني "ٻولي جو علم، علم اللغة، لسانيات، يا علم اللسان". هنن اصطلاحن مان پهريون (ٻوليءَ جو علم) اڃا علمي دنيا ۾ غير علمي سمجهيو ويندو جو اڳي استعمال نه ٿيو آهي. ٻيو (علم اللغة) عرب دنيا ۾ استعمال ٿئي ٿو. ٽيون (لسانيات) هندوستان ۽ پاڪستان ۾ اردو ۽ سنڌي ٻولين ۾ استعمال ٿئي ٿو پر عربن وٽ هن وقت استعمال نٿو ٿئي ۽ چوٿون (علم

اللسان) ڪنهن زماني ۾ پاڻ وٽ استعمال ٿيندو هو پر هاڻي استعمال گهٽ ٿيندو ٿو وڃي ۽ عرب دنيا ۾ به مروج ناهي.

جنهن صورت ۾ پاڻ وٽ "لنگوسٽڪس" کي "علم اللغة" يا "علم اللسان" جي بدران "لسانيات" چئجي ٿو ان صورت ۾ اسان تي لازمي آهي ته "لنگوسٽڪس" جي صفت "لنگوسٽڪ" جي لاءِ "علم اللغة" يا "علم اللسان" جي صفتن (لغوي يا لساني) ڳولهڻ بدران "لسانيات" جي صفت استعمال ڪريون. جيڪا ٿيندي "لسانياتي" ٻئي طرف جيڪڏهن "لغة" جي صفت "لغوي" ۽ "لسان" جي صفت "لساني" آهي ته ضروري ٿيندو ته "علم اللغة" ۽ "علم اللسان" لاءِ "لغوي" ۽ "لساني" کان سواءِ ٻيا ڪي لفظ استعمال ڪجن جيڪي "لغة" ۽ "علم اللغة" ۽ "لسان" ۽ "علم اللسان" جي صفتن ۾ فرق ڪري سگهن. انهيءَ لحاظ کان "لنگوسٽڪ" جي لاءِ "لسانياتي" استعمال ڪرڻ وڌيڪ موزون ٿئي ها ۽ ڪتاب جو نالو هوند رکجي ها: "سنڌي ٻوليءَ جي لسانياتي جاگرافي"

(ب) **"سنڌي ٻوليءَ جي لساني جاگرافيءَ جون حدون":**

اهو لفظي مونجهارو جيڪو "ٻوليءَ جي" ۽ "لساني" واري تڪرار ۽ "لساني" ۽ "لسانياتي" جي فرق کي ذهن ۾ نه رکڻ جي ڪري پيدا ٿيو سو اڳتي هلي تڏهن وڌيڪ واضح ٿو ٿئي، جڏهن ڊاڪٽر صاحب جن "سنڌي ٻوليءَ جي لساني جاگرافيءَ جون حدون مقرر ڪرڻ" جي ڳالهه ٿا ڪن. ڪتاب ۾ لکيل آهي:

> ....... اُن ڪري هن ڪتاب ۾ في الحال، ٿلهي ليکي، سنڌي ٻوليءَ جي لساني جاگرافيءَ جون حدون مقرر ڪيون ويئون آهن، ته جيئن پڙهندڙن کي معلوم ٿي سگهي ته سنڌي زبان جون جاگرافيائي حدون برصغير ۾ ڪيستائين ڦهليل آهن، انهن حدن تائين سنڌي زبان جي ڦهلجڻ ۽ پکڙجڻ جا سبب ۽ ڪارڻ ڪهڙا هئا".

جهڙيءَ طرح هڪڙي پاسي ڦهلجڻ ۽ پکڙجڻ ۽ ٻئي پاسي سبب ۽

ڪارڻ جي هم معنيٰ لفظن کي استعمال ڪري ٻوليءَ کي سينگاريو ويو آهي (حالانڪ هڪ هڪ لفظ جي استعمال سان ٻه مقصد ساڳيو ئي ادا ٿي سگهي ها) اهڙيءَ طرح "سنڌي ٻوليءَ جي لساني جاگرافيءَ جون حدون" وارو فقرو ٻه ٻوليءَ جي سينگار لاءِ استعمال ڪيو ويو آهي، پر جي ڌيان ڏيئي ويچار ڪبو ته اِهو فقرو مهمل نظر ايندو. ڀلا، ويچاريو ته سهي ته "سنڌي ٻوليءَ جي لساني جاگرافيءَ جون حدون" جيڪي مقرر ڪيون ويون آهن، اُهي حدون ڪهڙي ڳالهه جون آهن؟

1. ڇا سنڌي ٻوليءَ جون جاگرافيائي حدون مقرر ڪيون ويون آهن؟ يعني ڇا اهو ڏيکاريو ويو آهي ته سنڌي زبان ڪيستائين پکڙيل آهي؟
2. ڇا لسانياتي جاگرافيءَ جي اصولن پٽاندڙ سنڌي ٻوليءَ جون حدون مقرر ڪيون ويون آهن؟ يعني ڇا اهو ڏيکاريو ويو آهي ته ڪهڙن فقرن، جملن يا محاورن کي سنڌي سڏي سگهجي ٿو ڪهڙن کي سنڌي نٿو سڏي سگهجي؟
3. ڇا سنڌي ٻوليءَ سان لاڳاپو رکندڙ لسانياتي جاگرافيءَ جي علم جون حدون مقرر ڪيون ويون آهن؟ يعني ڇا اهو ڏيکاريو ويو آهي ته جڻ لسانياتي جاگرافيءَ جي علم جون حدون هر ٻوليءَ جي لحاظ کان الڳ الڳ ٿينديون هونديون، ۽ سنڌي ٻوليءَ سان تعلق رکندڙ جيڪو لسانياتي جاگرافيءَ جو علم آهي، اُن جون حدون هي هي هونديون، يا ڇٽجي ته هنن هنن ڳالهين جو مطالعو ڪري سگهبو.

"سنڌي ٻوليءَ جي لساني جاگرافيءَ جون حدون" واري جملي جي بناوت اهڙي آهي جو ان مان صاف ظاهر ٿئي ٿو ته جيڪي حدون مقرر ڪيون ويون آهن سي لسانياتي جاگرافيءَ جي اُن علم جون آهن، جيڪو سنڌي ٻوليءَ سان تعلق ٿو رکي (مٿي ڄاڻايل نمبر ٽيون)، حالانڪ لسانياتي جاگرافيءَ جي علم جون حدون، اسان جي عالمن کي تڪليف ڪان بچائڻ لاءِ يورپ ۽ آمريڪا جي عالمن اڳي ئي مقرر ڪري ڇڏيون آهن. مقصد ته لسانياتي جاگرافيءَ جا ماهر جيڪو

ڪم ڪندا آهن سو زير نظر ڪتاب جي ڪم جي دائري کان ٻاهر آهي. انهيءَ ڪتاب ۾ جيڪي جاٽايل آهي سو مصنف جي پنهنجي لفظن ۾ هو آهي ته:

"...... جيستائين پڙهندڙن کي معلوم ٿي سگهي ته سنڌي زبان جون جاگرافيائي حدون برصغير ۾ ڪيستائين ڦهليل آهن......"

يعني مٿي جاٽايل نمبر ڀريون.

هنن ٻن بيانن کي ڀيٽڻ سان اسان کي هي ٻه فقرا نظر ٿا اچن. "سنڌي ٻوليءَ جي لساني جاگرافيءَ جون حدون" ۽ "سنڌي زبان جون جاگرافيائي حدون".

غور ڪبو ته معنوي لحاظ کان توڙي جوڙجڪ جي لحاظ کان هي ٻه جملا مختلف معنائون رکن ٿا. هنن ٻن مختلف مقصدن مان فاضل مصنف جي ذهن ۾ الائي ڪهڙو مقصد هو؟ جاڻي واڻي يا اڻڄاڻائيءَ کان پيدا ڪيل اهو مونجهارو زير نظر ڪتاب ۾ لنگوسٽڪ جاگرافيءَ جي سموري تصور تي ڇانيل آهي. شايد انهيءَ لاءِ ته جيئن هن کي لنگوسٽڪ جاگرافيءَ جي سنڌيءَ ۾ پهرين تصنيف ڪري مڃيو وڃي.

## (ج) ٻوليءَ جي جاگرافي ۽ لنگوسٽڪ جاگرافي:

"لنگوسٽڪ جاگرافي" يا "ڊاياليڪٽ جاگرافي" توڙي "ڊاياليڪٽالاجي" علمي اصطلاح آهن. ۽ هن علم جو ڪنهن ملڪ جي طبعي جاگرافي توڙي واقعاتي تاريخ سان رڳو ڪپت آهر ايترو واسطو ٿيندو جيترو داروسازيءَ جي علم جو علم نباتات يا علم بدن سان.

ڊاڪٽر الانا صاحب جي هن ڪتاب جي ٻئي باب کان ڇهين باب تائين، پنجن ئي بابن جو جيڪو عام سناءَ آهي. انهن مان هر هڪ ۾ سنڌ ۽ بحث هيٺ آيل علائقي جي سياسي ناتن، تجارتي ناتن، سماجي ناتن ۽ مذهبي ناتن وغيره تي تحقيق ڪئي وئي آهي. جنهن ۾ بادشاهن جي شادين مرادين جا احوال ۽ سندن شجرا ۽ مقبرا

خاص توجه ۽ اهميت جو مرڪز آهن. انهن سيني بحثن مان ڪم جي ڳالهه اِها ثابت ٿيندي ٿي اچي تہ سنڌ ۽ زير بحث علائقي جا هڪ ٻئي سان پراڻي زماني کان گهاٽا تعلقات رهيا آهن، جن جي ڪري سنڌي ٻوليءَ جو اثر انهيءَ علائقي ۾ پهچڻ ثابت ٿيو.

انهيءَ سڄي تحقيق جي جاکوڙ ۾ اُنَ جي اهميت تي ڪو حرف ڪونهي، پر هن تحقيق جو لنگوسٽڪ جاگرافيءَ سان ڪو واسطو ڪونهي. حقيقت هيءَ آهي تہ جنهن هنڌ تان لسانياتي جاگرافيءَ جو ڪم شروع ٿيڻو آهي، ڊاڪٽر الانا صاحب جو هيءُ ڪم ان هنڌ کان ٻہ وکون اڳ ئي پورو ٿئي ٿو.

ڊاڪٽر غلام عليءِ الانا صاحب جو هيءُ تحقيقي ڪم سنڌ ڌيهہ جي واقعاتي تاريخ ۽ اُن جي ٻين پاڙيسري ڌيهن سان تهذيبي لاڳاپن جي تاريخ جي دائري هيٺ اچي ٿو. انهي تاريخي جاگرافيائي واٽ تي هن کان اڳ اُهي ساڳيا ماڻهو ڪم ڪري چڪا آهن جن جي ڪمن کي ثانوي ماخذ وٺي ڊاڪٽر صاحب پنهنجي هن ڪتاب ۾ حوالا ڏنا آهن: تحفة الڪرام ۽ چچنامي جا سنڌي ترجما، نائونمل جي يادگيرين جو سنڌي ترجمو، ڊاڪٽر بلوچ جا ڪتاب ۽ مضمون، مولائي شيدائي، اعجاز الحق قدوسي، ظامي ۽ ضامن جا سنڌي ۽ اردو ڪتاب وغيره. پر اينترو ضرور چئبو تہ اهڙي قسم جي معلومات اڳ ڪنهن هڪ هنڌ جمع ٿيل نہ هئي ۽ ڊاڪٽر الانا صاحب اُن کي هڪ هنڌ گڏ ڪري جس کٽيو آهي، پر هي الڳ الڳ تحقيقي ميدان آهن:

(الف) **تاريخ ۽ ٻولي جي لاڳاپن جا ميدان:**

1. ڪنهن ملڪ جي واقعاتي تاريخ.
2. ڪنهن ٻوليءَ جي تاريخ.
3. ڪنهن ٻوليءَ جي ادبي تاريخ.
4. ڪنهن ٻوليءَ جو تاريخي لسانياتي مطالعو.

(ب) **جاگرافي ۽ ٻوليءَ جي لاڳاپن جا ميدان:**

5. ڪنهن ملڪ جي طبعي جاگرافي.

6. ڪنهن ٻوليءَ جي سرحدن جو جاگرافيائي مطالعو
7. ڪنهن ٻوليءَ جي لسانياتي جاگرافي

**(الف) تاريخ ۽ ٻوليءَ جي لاڳاپن جا ميدان:**

1. سنڌ تي عربن فلاڻي سَنَ ۾ ڪاهيو. فلاڻا يا هيترا ماڻهو جنگين ۾ ڪم آيا. فلاڻا علائقا فلاڻن سنن ۾ فلاڻن کٽيا يا هارايا. فلاڻي راجا فلاڻيءَ راڻيءَ سان پرڻو ڪيو جنهن مان هيءُ هيءُ وِياءُ ٿيو. فلاڻي سَن ۾ فلاڻن جو مرڻو ٿيو ۽ راڄ ۽ ياڳ تان فلاڻا فلاڻا وڙهيا. اِهي سڀ احوال واقعاتي تاريخ جا موضوع آهن. چچنامو، تحفة الڪرام وغيره سنڌ جي تاريخ تي لکيل ڪتاب آهن.

2. اِنهن تاريخي واقعن مان ڪي خاص واقعا اهڙا بہ هوندا، جن مان ڪنهن ٻوليءَ جي ڪنهن هنڌ ڪنهن زماني ۾ ڳالهائجڻ، وڌڻ ويجهڻ يا اسرڻ جو ثبوت ملندو. فلاڻي بادشاهہ يا درويش جي محفل ۾ فلاڻي ماڻهوءَ هيءُ بيت يا قصيدو چيو. اِهي سڀ ڳالهيون ٻوليءَ جي تاريخ جو موضوع ٿينديون. ڪاڪي ڀيرومل جو ڪتاب سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ، يا ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ جو ڪتاب سنڌي ٻوليءَ جي مختصر تاريخ هن قسم جي تحقيق جا مثال آهن.

3. ڪنهن ٻوليءَ جي ادبي تاريخ شاعرن ۽ لکيڪن ۽ سندن شعرن ۽ ليکن جي احوال تي ٻڌل هوندي. محمد صديق ميمڻ، لطف الله بدوي ۽ ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجي جون تصنيفون سنڌي ادب جي تاريخ بابت آهن.

4. ڪنهن ٻوليءَ ۾ اندروني عوامل جي ڪري، يا ٻين ٻولين سان لهہ وچڙ ۾ اچڻ ڪري هڪڙي وقت کان ٻئي وقت تائين جيڪي نحو صرف، لفظي واهپي ۽ اُچار ۾ ڦيرا فرق آيا، اُنهن بہ زماني (diachronic) لساني فرقن ڦيرن جو مطالعو ۽ جن قانونن هيٺ اُهي ڦيرا واقع ٿين ٿا . اُنهن جو تفصيل تاريخي لسانيات جو موضوع ٿيندو. سنڌي ٻوليءَ ۾ ٻوليءَ جي سيني پهلوئن تي تاريخي لسانيات جي علم مطابق ڪم اجا ڪونہ ٿيو آهي. ڪاڪي ڀيرومل ۽ ٻين جون سنڌي لفظن کي سنسڪرت جي اصل سان

ملائڻ جون ڪوششون، ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلي صاحب جي تحقيق لغات سنڌي، سندس ساميءَ جي سلوڪن ۾ واپرايل لفظن جا مطالعا، ڊاڪٽر الانا جو ڪتاب "سنڌي ٻوليءَ جو بڻ بنياد" جنهن ۾ سنڌي ٻوليءَ جو سنسڪرت ۽ دراوڙي ٻولين سان لاڳاپو ڏيکاريو ويو آهي. اهي سيئي ڪوششون جينوٽيڪ سربستيون تاريخي لسانيات جي اصولن مطابق ٿيل نہ آهن، پر ڳالهہ کي سمجھڻ لاءِ ڪٽي چئجي تہ اُنَ کان اڳ جو تاريخي لسانيات جو ڪم شروع ڪجي، انهن ڪتابن ۾ آيل اطلاع جو موجود هئڻ ضروري آهي. هڙي مطالعي لاءِ اهو ڄاڻائڻ ضروري ٿيندو تہ ٻوليءَ ۾ ڪو فرق ڪهڙي وقت ڪهڙين حالتن ۾ آيو. "سنڌ صدين جي آئيني ۾" (Sindh through Centuries) جي سيمينار (1975) ۾ ڊاڪٽر جان بورڊي جو پڙهيل مضمون (جيڪو هاڻي Sindh Quarterly جي 1981ع جي پهرئين شماري ۾ شايع ٿي چڪو آهي) تاريخي لسانيات جي هڪ شاخ "گلوٽو ڪرانالاجي" جي موضوع تي هو جنهن ۾ ڪن بنيادي تصورن لاءِ مختلف ٻولين ۾ ڪتب ايندڙ لفظن جي هڪ جهڙائيءَ جي آڌار تي سنڌي ٻوليءَ جي ٻين پاڙيسري ٻولين کان ڇڄڻ (ڌار ٿيڻ) جي زماني جو ڪاٿو ڪيو ويو هو.

اهي ڳالهيون ٿيون تاريخ ۽ ٻوليءَ جي مختلف قسم جي لاڳاپن جون. اهڙي ئي طرح مختلف نمونن سان جاگرافي ۽ ٻوليءَ جي لاڳاپن جو ذڪر ڪري سگهجي ٿو:

### (ب) جاگرافي ۽ ٻوليءَ جي لاڳاپن جا ميدان:

5. ٺلهي جاگرافي يا طبعي جاگرافيءَ ۾ طبعي سرحدن جو ذڪر هوندو. سمونڊن، ندين، نالن، جبلن، وادين، جهنگلن رڻپٽن، شهرن، ڳوٺن ۽ واهڻن جو ذڪر هوندو. هاءِ اسڪولن ۾ جيڪي جاگرافيءَ جا ڪتاب پڙهايا وڃن ٿا، اُنهن ۾ اهي ئي ڳالهيون هونديون.

طبعي جاگرافيءَ جي ڪتابن کان سواءِ لکندڙ ڪنهن ملڪ جي تاريخي جاگرافي يا اقتصادي جاگرافي لکي سگهي ٿو جيئن پٿوالا ۽ ڇبلاڻيءَ جا ڪتاب آهن.

6. اهڙيءَ طرح ڪنهن ٻوليءَ جو تاريخي جاگرافيائي ايپياس ڪري

سگهجي ٿو. جيئن ڊاڪٽر بلوچ صاحب جو مضمون "سنڌي ٻوليءَ جون سرحدون ۽ اُن جو ڪڇي محاورو" جنهن ۾ لکندڙ جي توجهه جو مرڪز ٻوليءَ جي آراڏاين جي مخصوص نقطن جي مطالعي بدران اُهي تاريخي واقعات هوندا، جن جي ڪري هڪڙن محاورن جو اثر ٻين هنڌن تائين پهتو هوندو. ڊاڪٽر الانا صاحب جو زير نظر ڪتاب بہ انهي ئي تاريخي جاگرافيائي يا جاگرافيائي تاريخي انداز تي لکيل آهي، جنهن ۾ ٻوليءَ جي مخصوص ڦرڻن (Variables)، آراڏاين جي مطالعي بدران تاريخي واقعن کي اهميت ڏني وئي آهي.

7. ڪنهن ٻوليءَ جي لسانياتي جاگرافيءَ جي مطالعي لاءِ اُن ٻوليءَ جي جاتل سڃاتل حدن اندر مختلف ايراضين يا علائقن ۾، يا مختلف سماجي پنگتين ۾ موجود انهن آراڏاين يا اختلافن جو ذڪر اچي ويندو. جيڪي ايياس واري زماني ۾ مطالعو ڪندڙ کي ڏسڻ ۽ ٻڌڻ ۾ اچن. مڪ ڊيوڊ جي وصف مطابق "لسانيات جي اُها شاخ جيڪا ڪنهن ٻوليءَ جي ايراضيءَ (جي حدن) اندر (موجود) فرقن سان واسطو رکي (ان کي) لنگوسٽڪ جاگرافي، ۽ ڪڏهن ڪڏهن ڊايالیڪٽالاجي سڏجي ٿو."

> The branch of linguistics that deals with the differences within a language area is called linguistic geography, or, some times, dialectology." (Mc David P.485)

ويبسٽر جي ڊڪشنريءَ (1976ع) ۾ لنگوسٽڪ جاگرافيءَ جي وصف هيئن ڏنل آهي:

> "Linguistic geography local regional variations of a language or dialect studied as a field of knowledge– called also dialect geography."

(لسانياتي جاگرافي ڪنهن ٻوليءَ يا محاوري جي مقامي يا علائقائي آراڏاين (فرقن يا اختلافن) جو علمي ميدان جي حيثيت سان (ڪيل) هڪ مطالعو آهي. (جنهن کي) ڊيا ليڪٽ (محاورائي) جاگرافي بہ سڏي سگهجي ٿو.

(د) **ڪم جو طريقو:** جيئن ڪنهن وڪر وِهائڻ مهل ساهميءَ جي هڪڙي پُڙَ ۾ وچمبو تور جو وٽ ۽ ٻئي پڙ ۾ اُن وڪر جوگيل. جنهن کي تورڻو هوندو. تيئن ٻولي جي آراڌاين (فرقن يا اختلافن) جي جاچ پڙتال لاءِ ماپي جي هڪڙي پاسي رکبو ڪوبہ هڪ لساني ڦرڦو ۽ ٻئي پاسي رکبو علائقائي يا سماجي ڦرڻي جو اهو وَٽُ جنهن سان اُن لساني آراڌائيءَ کي ماپڻو هوندو.

- لساني ڦرڻا ٿيندا: لفظن جا اختلاف، اُچارن جا فرق، ۽ ترڪيب جون آراڌايون.
- ۽ علائقائي يا سماجي ڦرڻا ٿيندا: علائقا، ڳالهائيندڙن جي سماجي حيثيت، تعليم، عمر، جنس، ڪنهن مذهب يا ذات تي ٻڌل پنگتي گروهہ، گفتگو جو موقعو ۽ انداز وغيره.

اهي سيئي علائقائي توڙي سماجي ڦرڻا (Variables)، هميشه علائقي ۽ وقت جي ڦرندڙ يا هڪ ساريکين بندشن (Constraints) جي پارکن تي پرکيا ويندا.

سنڌي ٻوليءَ جي لسانياتي (يا محاوراتي) جاگرافيءَ جي مسئلن تي پهريون (۽ شايد هيل تائين آخري) ڪم گريئرسن جو لنگوسٽڪ سروي آو انڊيا (1903_1928) آهي. جينوٽيڪ هن ڪم ۾ اجڪلهہ جي لسانياتي جاگرافيءَ جي ڪم جي ضرورتن ۽ طريقہ ڪار جي لحاظ کان گهٽيون اوڻايون نظر اينديون، پر اهو اِنهيءَ ڪري جوان زماني ۾ هن ڪم جو نمونو ئي الڳ هو. ۽ اِنهيءَ سبب جي ڪري ئي هن ڪم جو نالو "لنگوسٽڪ جاگرافيءَ" بدران "لنگوسٽڪ سروي" رکيو ويو. هن ڪم جي لاءِ بائيبل مان بہ ننڍڙيون پر مشهور آکاڻيون چونڊي مختلف ٻولين جي مختلف محاورن ۾ ترجمو ڪرايون ويون، هر علائقي يا سماجي پنگتيءَ ۾ مروج رسم الخط ۾ اُهي ڪهاڻيون لکيون ويون ۽ انگريزي (رومن) رسم الخط ۾ بہ انهن کي اُتاريو ويو. انهيءَ معلومات مان حاصل ٿيل چارٽ جي آڌار تي هر ٻوليءَ جي گرامر جو بہ هڪ مختصر جائزو ورتو ويو. اهڙيءَ طرح سروي جي اٺين جلد جي هڪڙي ڀاڱي ۾ سنڌي ۽ لهندا (سرائڪي ۽ پنجابي)

متعلق معلومات ڪٺي ڪئي وئي. سنڌ جي تنهي علائقن ۾ انهن اندر موجود سماجي، مذهبي، پنگتين جي محاورن ۾ اُهي تڪرا لکي، انگريزي الف — بي ۾ به اُتاريا ويا.

هن لنگوسٽڪ سروي ۾ جنهن اطلاع جو کَپُ ڪونه هو اُهو هو سنڌ جي مختلف علائقن ۾ بادشاهن، راجائن جي شادين مرادين، سوين ۽ هارن، اڏاوتن ۽ شجرن جو احوال، ۽ سچ پچ ته ڪتاب ۾ اهڙي قسم جو ڪوبه اطلاع موجود ڪونهي. پر اُنَ جي اُبتڙ زير نطر **سنڌي ٻوليءَ جي لساني جاگرافيءَ** واري ڪتاب جي تحقيق ۽ تجسس جو خاص ميدان آهي ئي بادشاهن جي شادين مرادين ۽ مرڻن پرڻن جو احوال، سندن اڏايل مقبرن ۽ مسجدن جو احوال ۽ پڙهندڙن جي غير لسانياتي جاگرافيءَ جي ذوق ڪي وڌائڻ لاءِ ناياب ڪتابن تان هٿ ڪيل بادشاهن جا شجرا.

# باب چوٿون

## ڊاڪٽر ايلينا لاجيءَ سان لاڳو ڪن اصطلاحن تي بحث

**(الف) لهجن ۽ محاورن جي "تقسيم" جو سناءُ :**

ڊاڪٽر الانا صاحب جن جي ڪتاب جي سرواڻ مضمون "سنڌي زبان ۽ ان جا لهجا" جي ٽئين سيڪشن ۾ "ٻولي، ان جي لهجن ۽ محاورن جي تقسيم" جا نوَ اصول ڄاڻايا ويا آهن. اهي اصول جيڪي مصنف جي چوڻ مطابق "علم اللسان جي ماهرن محنت ڪري ناهيا آهن." هي آهن:

(i) حاڪمن جي ٻولي هجڻ،
(ii) ساڳي حڪومت،
(iii) سياسي حالتون،
(iv) سماجي ۽ مذهبي ميل جول،
(v) وڻج واپار ۽ سياسي ناتا،
(vi) ساڳيون جاگرافيائي حالتون،
(vii) ساڳيون رسمون ۽ رواج،
(viii) باهمي شاديون،
(ix) آباديءَ جي لڏ پلاڻ.

ٽئين سيڪشن ۾ ڄاڻايل علم اللسان جي ماهرن جا اهي نوَ اصول اڳتي هلي وضاحت ۽ بحث لاءِ پيش ٿيا.

1. چوٿين سيڪشن ۾ "سماجي حالتون" ڄاڻايون ويون آهن، جيڪي "انهن ۾ اولين حيثيت رکن ٿيون."

2. پنجين سيڪشن ۾ وري "جاگرافيائي حالتون" ڄاڻايون ويون آهن. انهيءَ ساڳي سيڪشن ۾ ئي ڪنهن سبب ڪري "ڪرت. ڏنڌي ۽ پورهئي جي لحاظ کان (ورهايل47) مقامي محاورن" جو ذڪر آهي. ڇهين سيڪشن ۾ "لهجي جي حد" کي "Dialect area" ڄاڻائيندي، آئسوگلاسز جو ذڪر نه ڪري ٿو ۽ اڳتي هلي،
3. ستين سيڪشن ۾ وري ٽيون سبب ڄاڻايو اٿن. "سياسي حالتون"
a. الغرض، مختصر طور تي اُصول يا سبب ٿيا. ڊاياليڪٽن جي تقسيم جا:
4. سماجي حالتون،
5. جاگرافيائي حالتون، ۽
6. سياسي حالتون.

جن ڳالهين کي بنا ساڃاهه جي ٻولي، لهجن ۽ محاورن جي تقسيم جا اُصول يا سبب ڄاڻايو ويو آهي. سي دراصل ٻه مختلف ڳالهيون آهن. هڪڙي طرف ڳالهه ٿي ٿيڻ کپي انهن عوامل (فيڪٽرز) يا قوتن (فورسز) جي. جيڪي ٻولين جي يڪجهتي قائم رکڻ ۾ سودمند ثابت ٿيون. يا ٻوليءَ ۾ فرقن کي گھٽائڻ ۾ مددگار ثابت ٿين ٿيون. ٻئي طرف انهن عوامل يا قوتن جو ذڪر ٿيڻ کپي جيڪي ٻوليءَ جي آراڙاين وڌائڻ جو سبب ٿين ٿيون ۽ ٻولين جي اختلاف وڌائڻ ۾ مددگار ٿين ٿيون. مثال طور جيڪڏهن هڪڙي علائقي ۾ ساڳي حڪومت هوندي ته نين آراڙاين پيدا ٿيڻ جو امڪان گھٽ ٿيندو ۽ موجود فرقن جي گھٽجي هڪ ساريڪي ٿيڻ يا هم آهنگ ٿيڻ جو امڪان ٿيندو. جيڪڏهن ڪا عوامي ٻولي حاڪمن جي ٻوليءَ کان مختلف هوندي ته اُن عوامي ٻوليءَ تي حاڪمن جي ٻوليءَ جو اثر لازمي ٿيندو. جيڪڏهن سرڪاري ٻولي عوامي ٻولي ئي هوندي ته وري اختلافن وڌڻ بدران هڪ جهڙايون وڌنديون. اهڙيءَ طرح مذهبي ميل جول، وڻج واپار، ساڳيون جاگرافيائي حالتون، ساڳيون رسمون ۽ ريتيون محاورن کي تقسيم ڪرڻ بدران،

وقت جي گهڻو سارو انهيءَ موضوع کي پنهنجي ڪتاب ۾ ڏيڻ لازمي ڄاتائين، پر لسانياتي جاگرافي سنڌس خاص دلچسپيءَ جي وارا ڪي کان ٻاهر هئي. انهيءَ معاملي ۾ لابوف (1972 ص 268) جي شاهدي دلچسپيءَ کان خالي ناهي. هو چوي ٿو ته "بلومفيلڊ جو اهو ڪم جيڪو ڊالياڪٽالاجيءَ سان تعلق رکي ٿو سو ٻين ڀاڱن کان عجيب طرح ٽڙيل (Strangely disjunct) آهي." يعني اهو باب اهڙو پختو پڪو عالماڻو ناهي جهڙا سنڌس ٻيا باب آهن. هونئن به دنيا جهان جي انهن ماڻهن کي ڇڏي جن واقعي لسانياتي جاگرافيءَ تي ڪم ڪيو آهي ۽ انهيءَ فيلڊ ۾ سَندَ ڪري مڃجن ٿا، جيڪڏهن هن باب ۾ به بلومفيلڊ کان رهبريءَ جي گهڻو ڪبي جيڪو نه رڳو "پراڻو" (ڊيٽيڊ) ٿي چڪو آهي، پر انهيءَ فيلڊ ۾ معلوم آهي ته ڪا حيثيت ڪونه ٿو رکي، ته گمراهه ٿيڻ جو امڪان وڌي ويندو. انهن ٻنهي ڳالهين کان پوءِ به جيڪڏهن بلومفيلڊ کي سند مڃي، ان جي ڪتاب کي هن علم جو سرچشمو ڄاڻي، ان کان استفادو ڪرڻو پوي ته لازمي آهي ته ڏيان ڏجي ته اصل ڏٺي چوي ٿا ٿو. ٻيءَ صورت ۾ نتيجو اهو نڪرندو جو ڳالهه سمجهه ۾ ڪا نه ايندي ۽ پڙهندڙ انهيءَ ڳالهه مان ڪو فائدو پرائي نه سگهندا.

## (ب) "ڊاياليڪٽ" جي معنيٰ تي ويچار:

پنهنجي ڪتاب جي پهرئين باب "سنڌي زبان ۽ ان جا لهجا" ۾ ڊاڪٽر صاحب گروهن جي ٻولي يا ڊاياليڪٽ لاءِ سنڌيءَ ۾ عام مروج لفظ "محاورو" کي رد ڪندي، ان جي بدران "لهجو" لفظ تجويز ڪيو آهي. پاڻ لکيو اٿن: سنڌ ۾ "لهجي"، کي عام طور محاورو سڏيو ويندو آهي. دراصل لسانيات جي علم موجب "محاورو" لفظ صحيح نه آهي. لهجي ۽ محاوري لاءِ ڏسو....."

حوالي لاءِ لين جي عربي – انگريزي ليڪسيڪون (1885) ۽ حيمَ جي نيوپرشين – انگلش ڊڪشنري (1936ع) جا نالا ڳڻايا اٿن. جيتوڻيڪ اهو ڪونه لکيو اٿن ته انهن ڪتابن ۾ ڇا لکيل آهي جنهن جي آڌار تي "محاورو" غلط ٿيو پر جبل کوٽڻ سان پاڻهئي خبر پئجي

ويندي، ايترو سو معلوم ٿيو ته 1885ع ۽ 1936ع ۾ ڇپيل ڊڪشنرين جي آڌار تي هيءَ دعوي ٿيل آهي: "دراصل لسانيات جي علم موجب محاورو لفظ صحيح نہ آهي."

لسانيات جو طلسمي علم نہ ڄاڻندڙن لاءِ اها پُڙي آهي. دنيا جي ڪنهن بہ ڳالهہ کي رد ڪرڻو هجي، ڪنهن ڳالهہ کي ثابت ڪرڻو هجي، ايترو چوڻ اُٿاڻوءَ کي ڍڪرائڻ لاءِ ڪوڙ آهي تہ "دراصل لسانيات جي علم مطابق هيءَ ڳالهہ صحيح آهي يا هيءَ صحيح ناهي." اجا بہ ڪنهن کي لاجواب ڪرڻو هُجي تہ چئجي تہ: "لسانيات جي شاگردن ۽ ماهرن کي هيءَ ڳالهہ قبول ناهي." اهو ٿيو ڏاڍ مڙسيءَ وارو دليل، جنهن جو منطق هيٺن ٿيو:

حقيقت ۾ لسانيات جو علم هڪڙو ڄاڻان آءٌ، ٻيو ڄاڻي ڪانءُ،

**دليل:** آءٌ چوان ٿو تہ محاورو لفظ صحيح ناهي.

**نتيجو:** ان مان ثابت ٿيو تہ لسانيات جي علم موجب محاورو لفظ صحيح ناهي.

ڀلا جيڪڏهن جديد لسانيات جي علم مطابق محاورو لفظ صحيح ناهي تہ ڪٽي پچر ڇڏجيس، پر نہ، محاوري کي "صحيح ناهي" ثابت ڪرڻ کان پوءِ وري بہ انهيءَ ساڳئي باب ۾ اهو لفظ لهجن (ڊاياليڪٽن) جي ننڍن گروهن لاءِ استعمال ڪيو ويو آهي. هاڻي، بقول ڊاڪٽر صاحب ٻوليءَ جا وڏا گروهہ ٿيا ڊاياليڪٽ، جن کي پاڻ "لهجا" چوڻ پسند ڪندا. انهن "لهجن" جا وري ٿيندا ننڍا گروهہ، جن کي پاڻ انگريزيءَ ۾ چوندا "ڪلوڪيول لئنگوج" (ص 6)، ۽ سنڌيءَ ۾ چوندا "محاورا" جيئن پاڻ لکيو اٿن:

"اهي لهجا وري مقامي لحاظ کان ننڍن ننڍن گروهن ۽ محاورن (Colloquials) ۾ ورهائي سگهجن ٿا." (ص 9)

ڊاڪٽر صاحب جي انهيءَ وضاحت پڙهڻ کان پوءِ ٽي سوال خيال ۾ اچن ٿا:

1. "ڪلوڪيول" ۽ "ڊاياليڪٽ" ۾ ڪهڙو فرق آهي؟
2. "ڊاياليڪٽ" کي سنڌيءَ ۾ "محاورو" چئبو يا "لهجو"؟
3. جڏهن انهن ٻن لفظن مان هڪڙو استعمال ٿيندو

ٻولي ڪري مڃيندا هئا. لکيل پڙهيل، عالم فاضل، اديب لکيل ٻوليءَ جي وضاحتن ۽ بلاغتن جا گهورا هئا. ۽ ادبي، فارمل، مؤدبانه تعليم يافته يا ڪتابي ٻوليءَ تي ساهه ڏيندا هئا. ۽ عام ڳالهايل ٻولي، ٻين ماڻهن جي ته وڃي آڙاهه ۾ پوي، پر خود ڳالهائيندڙ جي پنهنجي ٻولي جيڪا هو رات ڏينهن دوستن احبابن، مائٽن مٽن، نوڪرن چاڪرن سان گفتگو وقت ڳالهائيندا رهندا هئا. ان ٻوليءَ بابت ڪين پڪ هوندي هئي ته اها ٻولي ناهي. اهڙي گفتگو ۾ استعمال ڪيل لفظ، فقرا، يا اچار جيڪڏهن اهڙا واپرايل هوندا هئا جيڪي ڪانئن اڳي ڪنهن ڪتاب ۾ ڪنهن شيڪسپيئر يا ڪنهن ڪارلائل استعمال نه ڪيا هوندا ته انهن کي جنڪي، غير فصيح، عاميانه يا ڪلوڪيوول چئي حقارت جي نظر سان ڏسندا هئا. سندن چوڻ جو مقصد اهو هو ته جيتوڻيڪ اسان جي وات مان اهو لفظ نڪري ويو آهي، يا اسان ٻين کي چوندي ٻڌو آهي پر جيئن ته اسان ان کي هن کان اڳي ڪنهن معياري ڪتاب ۾ لکيل ناهي ڏٺو ان ڪري اهو لفظ پنهنجي لکت ۾ لکندي هوند اسين لڄي ٿيون ڇو جو اهو ڪولوڪيول يا عامي لفظ آهي.

ٻوليءَ جي پاڪباز رکپال اديبن ۽ گرامر جي ڄاڻن جي مقابلي ۾ توضيحي لسانيات (ڊسڪرپٽو لنگوسٽڪس) جي ماهرن ماڳهين ڪتابي ٻولي کي غير فطري سڏيو (فشمن، 1971ع، ص 372) ان جي بدران ڳالهايل ٻوليءَ کي حقيقي ۽ فطري ٻولي سمجهي ان کي پنهنجي تحقيق جو ميدان ڪري ورتائون. وري جو ڏٺائون ته ڪلوڪيوول لفظ جي استعمال مان ڪتابي ۽ ڳالهائيل ٻوليءَ جي فرق جو تعصب ظاهر ٿي ٿيو، ۽ جيئن ته لسانيات جي ماهرن جي تحقيق جو ميدان آهي ئي ڳالهايل ٻولي، جنهن جي تعصبي مخالفت ۾ ڇڻ اهو لفظ اڳي استعمال ٿيندو هو. ان ڪري ”ڪلوڪيوول“ لفظ کي پنهنجي ”علم“ ”لسانيات“ مان ماڳهين ڪڍي ڇڏيائون.

انهيءَ لحاظ کان، جيڪڏهن ڪنهن لسانيات جي ماهر ڊاياليڪٽن جي ننڍن گروهن کي ڪلوڪيولز ڪري سڏيو آهي ته اهو ”لسانيات“ ۽ ”ادب“ جي انهي جهيڙي جي پس منظر کان واقفيت نه هئڻ ڪري.

دراصل "ڪلوڪيوول" اهو لفظ، فقرو يا اسلوب آهي جو لکيل ٻوليءَ ۾ نظر نہ ايندو هجي، يا جنهن لاءِ ڪنهن وڏي استاد اديب جي سند پيش نہ ڪري سگهجي، پر عام طرح ماڻهو ڳالهائيل ٻوليءَ ۾ استعمال ڪندا هجن. حاصل مقصد تہ ڊاياليڪٽ جي "ننڍين گروهن" سان ڪلوڪيوول جو ڪو واسطو ڪونهي.

البت "بلومفيلڊ" سڄوري جي ڳالهہ نياري آهي. هن ٻوليءَ جي عام پنجن قسمن مان هڪ کي ڪلوڪيوول ڄاڻايو آهي، پر اهو بہ ڪنهن ڊاياليڪٽ جي ننڍين گروهن جي حيثيت سان نہ، پر ادبي معياري ٻوليءَ جي مقابلي ۾ "ڪلوڪيول معيار" جي حيثيت سان، جنهن کي خاص" مرتبي وارن امير ماڻهن جي ڳالهائيل ٻولي" The speech of the privileged class) ڪوني ٿو (جڏهن غير اميرماڻهن کي حق ناهي تہ هو پنهنجي ڪلوڪيوول ٻولي استعمال ڪن.) انهن ٻن معيارن کان سواءِ بلومفيلڊ جيڪي معيار ناهيا آهن، سي آهن: علائقائي (Provincial) معيار، معيار کان ڪريل (سب اسٽينڊرڊ)، ۽ مقامي محاورا (لوڪل ڊاياليڪٽس) (بلومفيلڊ، 1933، ص 052) پر جيئن تہ اڄڪلهہ جي لسانياتي علم جي لحاظ کان ڪوبہ محاورو ڪنهن کان بہ گهٽ يا وڌ نٿو مڃيو وڃي، ان ڪري بلومفيلڊ جي معياري ۽ معيار کان ڪريل محاورن واري تفريق بہ غير علمي آهي.

1. ڊاياليڪٽ ۽ ڊايالاگ:

يوناني ٻوليءَ ۾ "ليگين" (Legein) چون ڳالهائڻ کي. ليگين مان هڪڙو لفظ ٺهيو "ڊاياليگستاءِ" (dialegesthai) جنهن جي معنيٰ ٿي آهي "ڳالهہ ٻولهہ ڪرڻ، گفتگو ڪرڻ". انگريزي جي ڊڪشنرين ۾ انهيءَ لاءِ جيڪي لفظ استعمال ڪيائون، سي ٿيا (to converse, to discourse) انهيءَ ڊاياليگستاءِ مان هڪڙي پاسي نڪتو "ڊايالوگوس" جنهن مان پوءِ انگريزيءَ وارو "ڊايالاگ" نهيو ۽ معنيٰ هيس "ڊسڪورس، ڪنورسيشن"؛ ۽ ٻئي پاسي لفظ نهيو "ڊاياليڪٽوس" جنهن مان انگريزيءَ جو "ڊاياليڪٽ" نڪتو ۽ معنيٰ بہ اهائي هيس، گفتگو ڳالهہ ٻولهہ ڳالهائڻ جو ڍنگ ۽ ڪنهن ملڪ يا علائقي جي ٻولي:

Dialect:

1. "Discourse, conversation, way of speaking, language of a country or district." (Oxford, 1886).
2. discourse, speech, language, dialect of a district. (Skeats' Etymological Dictionary 1879, 1963).

ساڳيءَ پاڙ مان نڪرندڙ ڊايالاگ ۽ ڊايالڪٽ لفظن مان پهريون لفظ "ڊايالاگ" ڊراما وارن جي ملڪيت تي ويو جتان هاڻي سياست وارن اوڌر ورتو آهي. ٻيو لفظ "ڊايالڪٽ" ٻوليءَ جي علم "لسانيات" جي ورثي ۾ آيو. هن سڄي بحث کي هڪ نظر ۾ ڏسجي ته نتيجو هيئن ڏسڻ ۾ ايندو.




3 ڊايالڪٽ جي معنيٰ جي ويڪر (وسعت)

البته مختلف زمانن ۾ مختلف موقعن تي ۽ مختلف عالمن وٽ

ڊڪشنرين ۾ "محاورن" لاءِ بہ استعمال ٿيا آهن.

5. اڊيم: ڊاياليڪٽ ۽ ڪولوڪي کان سواءِ "ٻولي" يا ان جي آراڪائيءَ لاءِ انگريزيءَ ۾ ٻيو جيڪو لفظ عام طرح استعمال ٿيندو رهيو آهي، سو آهي "ايڊيم". انگريزي ٻوليءَ جو هيءُ لفظ يوناني ٻوليءَ جي لفظ "اِڊيوس" (idios) مان نڪتو جنهن جي معني آهي: "پنهنجو، سندو ذاتي، مخصوص." "اڊيوس" مان هڪڙي پاسي نڪتو "اڊيوستاءَ" (پنهنجو ڪرڻ، پنهنجي ڪم آڻڻ)، جنهن مان پوءِ "اڊيوما" نڪتو جنهن جي معنيٰ هئي، "ٻوليءَ جي ڪا خصوصيت، اصطلاح، اڊيم". انهي ساڳئي "اڊيوس" مان ٻئي پاسي وري نڪتو "اڊيوٽيس" جنهن جي اصل معنيٰ هئي: "اهو ماڻهو جيڪو پنهنجيءَ ۾ پورو هجي، پنهنجيءَ ذاتيءَ زندگيءَ جي ڪمن ۾ مگن هجي." لاطينيءَ وارن "اڊيوٽئيس" مان "اڊيوٽا" ناهيو، جنهن جو اول مطلب هو "اڻپڙهيل، جٽ يا جاهل". اتاهين هلندي فرينچ ۽ انگريزيءَ مان مختلف منزلون طئي ڪري نيٺ وڃي نهبو "اڊيٽ" جنهن جي معنيٰ ٿي "احمق" پر انهيءَ ساڳئي "اڊيوٽيس" مان انگريزيءَ وارن وري ٻيو لفظ ٺاهيو "اڊياٽزم" جنهن جي هڪڙي پاسي معنيٰ "حماقت" ڪيائون، ٻئي پاسي چيائون "ڪنهن زبان ۾ استعمال ٿيندڙ انهيءَ مخصوص ٻول کي، جيڪو پنهنجي گرامر جي لحاظ کان مخصوص هجي" (ويبسٽر) اهو اڊياٽزم جو اصطلاح ڪنهن زماني ۾ ڪنهن خاص ٻوليءَ يا ڊاياليڪٽ لاءِ بہ استعمال ٿيندو هو. (ويبسٽر) اڊيم جو لفظ هاڻي ٽن مختلف معنائن ۾ استعمال ٿئي ٿو:

1. هڪڙي پاسي اهو لفظ ٻولين لاءِ استعمال ٿئي ٿو جيئن لاطيني اڊيم، يوناني اڊيم. (سڪيٽ).

2. ٻئي پاسي اڊيم انهيءَ ٻوليءَ لاءِ استعمال ٿئي، جيڪا هڪ راڄ يا قوم جي ماڻهن وٽ مخصوص (Peculiar) هجي – ان لاءِ ٻيو لفظ ٿيندو. "ڊاياليڪٽ" (ويبسٽر).
3. ٽئين پاسي "اڊيم" ان اصطلاح يا فقري کي چون جيڪو ٻن يا وڌيڪ لفظن جي گڏيل معنيٰ اهڙي ڏيکاري جيڪا الڳ الڳ لفظن مان ظاهر نہ ٿئي.

"اڊيم" جي لاءِ سنڌي، عربي ۽ فارسيءَ جي ڊڪشنرين ۾ هڪڙو لفظ "محاورة" بہ استعمال ٿيندو رهيو آهي. اڊيم توڙي محاورة جي معنائن مان هڪڙي معنيٰ هوندي هئي "اصطلاح" جيڪا اڄ بہ سنڌيءَ ۾ "فقري" يا "ڪلمي" جي معنيٰ ۾ استعمال ٿئي ٿي، پر "اصطلاح" خود بہ ڪنهن زماني ۾ ٻوليءَ جي معنيٰ ۾ استعمال ٿيندو هو. جيئن مولانا جلال الدين رومي بلخي سمرقندي (ستين صدي هجري) جي مثنويءَ ۾ آيو آهي:

سنديان را اصطلاح سند مدح
هنديان را اصطلاح هند مدح

"اصطلاح سند" جي معنيٰ ٿي، "سنڌ جو اڊيم، سنڌ جو ڊاياليڪٽ يا سنڌ جي ٻولي" ۽ اصطلاح هند معنيٰ هند جي ٻولي.

الغرض انگريزيءَ جا هي سيئي لفظ (ڊيالاگ، ڊاياليڪٽ، ڪولوڪي، اڊيم) ڪنهن نہ ڪنهن وقت "ٻوليءَ" جي معنيٰ ۾ استعمال ٿيندا رهيا آهن. انهن مان ڊايالاگ، اڊيم، توڙي ڪولوڪي ادب وارن وٽ رهجي ويا ۽ لسانيات جي علم ۾ ڪنهن نہ ڪنهن سبب جي ڪري اڳتي نہ سگهيا. لسانيات وارن وري ڊاياليڪٽ کي ڇڪي ڪٽي سوگهو ڪيو. اڊيم جي مناسبت سان ۽ "اديوتاس" جي بدران پنهنجي لاءِ هڪ ماڻهوءَ جي خاص ٻوليءَ لاءِ "اڊيوليڪٽ" ناهي ورتائون. وري ٻوليءَ جي حدن کي ڏارڪرڻ وارين ليڪن لاءِ "آئسوليڪٽ" ناهي ورتائون. ويندي اها بہ تجويز ڏنائون تہ "ليڪٽ" لفظ علمي لفظ جي حيثيت سان استعمال ڪيو وڃي. (بيلي 1973، ص 2 – 161) ٻئي پاسي 'محاورة' ۽ 'اصطلاح' جهڙا لفظ بہ عربي، فارسي ۽

سنڌي ٻولين ۾ ٻين معنائن کان سواءِ "ٻوليءَ" جي معنيٰ ۾ بہ استعمال ٿيندا رهيا آهن.

## (د) "ڊايالڪٽ" لاءِ سنڌيءَ ۾ مناسب لفظ ڪهڙو ٿيندو؟ لغة، لسان، لهجة يا محاورة؟

1873ع (يا ان کان اڳ) کان وٺي 1978ع تائين ڇپيل عربي ۽ انگريزي، فارسي ۽ انگريزي ۽ سنڌي ۽ انگريزي جون ٻنهي طرفن واريون ڊڪشنريون ڏسي بہ چارٽ ٺاهيا ويا، جن جي مطالعي مان معلوم ٿيو تہ ڊايالڪٽ جي معنيٰ لاءِ نہ رڳو "محاورة" ۽ "لهجة" مقابلي ۾ ٻيڻل هئا، پر "لغة ۽ لسان" بہ انهيءَ مفهوم لاءِ پنهنجو حق ڄڪائي رهيا هئا.

1. لغة: لغة جي لفظ جي مختلف معنائن مان ڪي هي آهن: ڊايالڪٽ، اديم، لئنگوج.

لين (Lane)ڄاڻايو آهي تہ عرب جي اصلي ڪلاسيڪي سچي پچي، نج (genuine) ٻوليءَ کي 'لغة' چئبو. ڪن عالمن جو خيال آهي تہ "لغة" لفظ عربي ٻوليءَ جو ناهي، پر يوناني لفظ "لوغو" (Logos) مان ورتل آهي جيڪو جيئن متي پاڻ ڏنو ليگين مان نڪتل آهي ۽ ڊايالڪٽ ۽ ڊايلاگ سندس پُريءَ مان آهن. ۽ انهيءَ جي اصل معنيٰ هئي ڳالهائڻ ٻولهائڻ، گفتگو ڪرڻ.

"لغة" جو لفظ ڪنهن بہ معنيٰ ۾ قرآن شريف ۾ استعمال ڪونهي ٿيو. البت "لغو" گار گند، ٻيڄڙي ٻول، بڪواس، بيهوده، اجائي ڳالهہ جي معنيٰ ۾ ۽ الغو (فعل) "لُڙ ڪريو" جي معنيٰ ۾ استعمال ٿيو آهي، جيئن:

(الف) وَالَّذِيْنَ هُمْ عَنِ اللَّغْوِ مُعْرِضُوْنَ: (المومنون: 3) "۽ جيڪي اجائي، يا بيهوده ڳالهہ کان پاسو ڪندا آهن:"

(ب) وَقَالَ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا لَا تَسْمَعُوْا لِهٰذَا الْقُرْاٰنِ وَالْغَوْا فِيْهِ لَعَلَّكُمْ تَغْلِبُوْنَ (حم سجده: 26: 1) "ڪافر چون ٿا تہ انهيءَ قرآن کي نہ ٻڌو ۽ (جڏهن ڪو انهيءَ کي پڙهي تہ اوهين) منجهس لڙ مچايو تہ من مٿن غالب ٿيو."

بهرحال هانز ويهر (Hans Wehr) واري عربي – انگريزي ڊڪشنري (1974ع) ۾ ڄاڻايل وصفن جي آڌار تي اهو استدلال ڪري

سگهجي ٿو ته ڊاياليڪٽ لاءِ "لغة" ئي سڀني کان وڌيڪ موزون لفظ آهي. اهو ان ڪري جو لسانيات ۾ استعمال ٿيندڙ گهڻا لفظ انهيءَ ئي لفظ جي مرڪبن مان نهيا آهن

- جيئن ڌاري ٻوليءَ کي ويهر "لغة اجنبية" چوي ٿو
- اهڙيءَ طرح عوام وٽ استعمال ٿيندڙ ٻولي کي "لغة علمية" چوي ٿو
- اهڙيءَ طرح ادبي يا ڪتابي ٻولي کي "لغة الکتابية"
- ڪولوڪيول کي "لغة المحادثة"
- ڌنڌي ڌاڙي سان واسطو رکندڙ ٻوليءَ (ريجسٽر) کي "لغه المهنة"
- مادري ٻوليءَ کي " "لغة المولد"، ۽ ليڪسيڪو گرافي، فلالاجي توڙي لنگوسٽڪس کي "علم اللغة" چوي ٿو (ويهر، 1974ع، ص 871 – 870)

2. لسان: جڀ، ٻولي، ساهميءَ جي زبان (سٽي)، باهه جي جڀ (flame)، زبانو يعني ٻڪل (buckle) کان سواءِ لسان جي معنائن ۾ ڊاياليڪٽ ۽ اڊيم، جارگون، ڊڪشن ۽ ڪنهن ڪتاب جي اسلوب واريون معنائون به اچي وڃن ٿيون. جنهن لين لغت کي genuine سڏيو هو، سو لسان کي به ٻولي جي Chasteness ٿو ليکي. (پر لغت وانگي لسان به لين جي اصل ڪتاب بدران ان جي سپليمينٽ ۾ ڇاپيل آهي).

قرآن ڪريم ۾ "لسان" جو لفظ گهڻين معنائن ۾ استعمال ٿيو آهي.

1. هڪ ماڻهوءَ جي ٻوليءَ (idiolect) جي معنيٰ ۾، جيئن ارشاد ٿيو ته بني اسرائيلين مان ڪافرن تي دائود ۽ عيسيٰ ابن مريم جي زبانيون لعنت ٿي.

لُعِنَ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا مِنْۢ بَنِيْٓ اِسْرَاۗءِيْلَ عَلٰي لِسَانِ دَاوٗدَ وَعِيْسَى ابْنِ مَرْيَمَ (المائده 5:78)

1. هڪ قوم جي ٻوليءَ جي معنيٰ ۾، جيئن ارشاد ٿيو ته اسان نه موڪو آهي ڪو رسول پر ان قوم جي ٻوليءَ ۾ ته جيئن لاڪن پڌرو ڪري (ابراهيم: 4)
2. اهو ناماچار جيڪو ماڻهن جي زبانن تي چڙهي وڃي، اُن کي به لسان ڪونجي، جيئن حضرت ابراهيم دعا گهري ته "پوين ۾ منهنجو چڱو ناماچار ڪجانءِ"

Countenance, Visage) واريون معنائون ته لهجة مان نڪرن ٿيون. پر وڏي ڳالهه ته ٻولي، ڊايالڪٽ، اڊيم ۽ ايڪسينٽ واريون معنائون به هن لفظ مان ئي نڪرن ٿيون. بهترين دليل جيڪو "لهجة" کي "ڊايالڪٽ" جي معنيٰ ۾ استعمال ڪرڻ لاءِ ڏئي سگهجي ٿو سو اهو ته هانز ويهر(1972) واري ڊڪشنريءَ ۾ اهائي معنيٰ ڄاڻائي آهي ۽ ظاهر آهي ته ويهين صدي جي اسي واري ڏهاڪي کان وڏيڪ مستند ۽ سيني کان پوئين (تازي) اهائي ڊڪشنري هُئي.

ٻئي پاسي هيءَ لفظ ڪنهن به معنيٰ لاءِ قرآن شريف ۾ استعمال نه ٿيو آهي. اصل بنيادي معنيٰ جيڀ جي چوٽي ۽ ان کان پوءِ ٽون، وئائيس (voice) ڳالهائڻ جو انداز يا لحن هئس جيئن چئجي ته "هن تِکي لهجي ۾ ڳالهايو". ان کان سواءِ "ايڪسينٽ" جي معنيٰ لاءِ به لهجة ٿو استعمال ٿئي ۽ ڊايالڪٽ لاءِ به ساڳيو ئي لفظ استعمال ٿا ڪن. هاڻي جيڪڏهن ٻوليءَ جي اڱانگهي سفر ۾ ڊايالڪٽن ۽ ايڪسينٽن جا بار اهڙا ڳرا ٿي پون جو ويچاري "لهجة" جي ڏٻري ڊٻي ٻنهي جي بار کڻڻ جو وتُ نه ساري سگهي ۽ ڊايالڪٽ ۽ ايڪسينٽ لاءِ الڳ الڳ سوارين جي گهرج ٿي پوي ته "لهجة" جي ڊٻي ڪنهن جو بار کڻندي، ڊايالڪٽ جو يا ايڪسينٽ جو؟

4. محاورة: حَوَرَ مان نڪتل هيءَ لفظ گهڻين معنائن ۾ استعمال ٿئي ٿو. پر ان جي پاڙ مان جيئن هي لفظ نڪرن ٿا. پنڪي جي وَر کي چون حورَ. جيڪڏهن ڪنهن جي قسمت وري وڃي، ڦري وڃي ته چون حور. جيڪڏهن ڪو ڏٺي ڏي موٽي وڃي، وري وڃي، ته به حور اٿي ڳوهڻ، ٿنهڻ يا ورائڻ کي به چون حور. ويلڻ جنهن سان ماني ٿنهجي يا ورائجي اُن کي چون محور يا محاور. جنهن شيءِ جي چوڌاري ڪا ٻي ڦري تنهن کي چون محور. اهڙيءَ طرح حاور جو اسم مصدر ٿيو محاورة. جنهن جي معنيٰ ٿي ورندي، وراڻي (جيڪا ڳالهه ورائي چئجي يعني جواب) مڪالمه يا مباحثه. (محيط المحيط). انهيءَ ڪري جو هڪڙي ماڻهوءَ ڪا ڳالهه چئي، اُن جي ورنديءَ ۾ ٻئي ڪنهن ٻي ڳالهه چئي، اهڙيءَ

طرح ڳالهه ٻولهه جي ڏي وٺ جاري تي. قرآن شريف ۾ هن پاڙ مان ڪيترا لفظ نڪرن ٿا. ڪافر جي لاءِ ارشاد ٿيو ته هن پانيو ته ڪيس ڏٽيءَ ڏي ورٽوڻي ڪونهي:

اِنَّهٗ ظَنَّ اَنْ لَّنْ يَّحُوْرَ (انشقاق: 84:14)

2. ڪا مائي حضور جن سان جهيڙو لائي وينئي پنهنجي مڙس جي شڪايت ڪٽي، تنهن تي ڏٽيءَ وٺان ارشاد ٿيو ته "الله اوهان جي ڏي – وٺ، ارندي ورندي، ڳالهه ٻولهه يا، بحث مباحثي واري ڳالهه ٻڌي":

وَاللّٰهُ يَسْمَعُ تَحَاوُرَ كُمَا (مجادله 1: 58)

3. ٻن هارين پاڻ ۾ ارندي ورندي پئي ڪئي، ڳالهه ٻولهه پئي ڪئي، ڏي وٺ پئي ڪئي، جو هڪڙي پنهنجي ساٿيءَ کي چيو ته "آءُ توکان مال ۾ ماڻهن ۾ وڌيڪ سگهارو آهيان."

فَقَالَ لِصَاحِبِهٖ وَهُوَ يُحَاوِرُهٗٓ اَنَا اَكْثَرُ مِنْكَ مَالًا وَّاَعَزُّ نَفَرًا (الڪهف 18:34)

اڪثر عربي ڊڪشنرين جيڪي "محاورة"جون معنائون انگريزيءَ ۾ ڄاڻايون آهن سي آهن: "ڪنورسيشن، ڊايالاگ، ڊبيٽ، ڪانفرنس، ٽاڪ، آرگيومينٽ."

هاڻي جيڪڏهن هڪڙي لمحي (گهڙيءَ) لاءِ ڊاياليڪٽ، ڊايالاگ ۽ ڪولوڪي جي اصل معنائن ڏانهن وربو (رجوع ڪبو) ته اهي ئي ساڳيون معنائون نظر اينديون. گفتگو ڪرڻ، ڳالهه ٻولهه ڪرڻ، بحث مباحثو ڪرڻ، ڪنورسيشن، ڊسڪورس وغيره. اهو رڳو اتفاق ٿيو آهي جو وقت گذرڻ سان هڪڙي ٻوليءَ مان ٻي ٻوليءَ ۾ اچڻ سان انهن لفظن جي معنائن ۾ اهڙا فرق ٿيا آهن جو اڄ ڊايالاگ جي معنيٰ ٻن ماڻهن يا وڌيڪ جي وچ ۾ گفتگو وٺي بيٺي، ڊاياليڪٽ جي معنيٰ ٻوليءَ جي لهجائي يا محاورتي آراڌائي ۽ ڪولوڪيءَ جي معنيٰ ڳالهائيل ٻولي وٺي بيٺي. حالانڪ اصل ۾ سيني لفظن جون معنائون ساڳيون هيون.

اهڙيءَ طرح اول عرب دنيا ۾ جنهن لفظ جي معنيٰ ورندي ڏيڻ، ورائڻ، ڪچهري ڪرڻ يا ڳالهه ٻولهه هئي، اڳتي هلي ڪنهن وقت ان لفظ جي معنيٰ وٺي بيٺي:"ٻوليءَ جو استعمال، اصطلاح، اديم".

1881ع ۾ بيجر (Badger) جڏهن ايڪسينٽ جي معنيٰ ڏني هئي تہ بين معنائن کان سواءِ هڪڙي خاص معنيٰ ڏني هئائين: "ڪنهن مخصوص شهر جي اُچار وارو ايڪسينٽ". انهيءَ معنيٰ کي عربيءَ ۾ ادا ڪرڻ لاءِ چيائين: "لسان، لهجة، لغة"

ڊونياخ بہ ايڪسينٽ جي معنيٰ لاءِ لهجة ڏنو آهي ۽ فارين يا لوڪل ايڪسينٽ لاءِ "لهجة اجنبيه، محلي" استعمال ڪيو آهي. ۽ ايڪسينٽ سان ڳالهائڻ کي **"يتكلم بلهجة خاصة"** سڏيو آهي.

هاڻي مسئلو هيءُ ٿو اٿي تہ عرب سڳورن سان گڏ اسان کي سمجهائڻ لاءِ انگريزن جيڪي هي عربيءَ جون ڊڪشنريون لکيون آهن تن ۾ ڊاياليڪٽ توڙي ايڪسينٽ لاءِ ساڳيو لهجة جو لفظ استعمال ڪيو اٿن؟

ان مسئلي جو حل هيءُ آهي تہ عرب جڏهن ٻوليءَ جي آراڌائيءَ، فرق يا اختلاف جو ذڪر ڪن ٿا تہ، سٽريوينز واري فرق مطابق، هو ڊاياليڪٽ جي فرق جي ڳالهہ نٿا ڪن، پر واقعي ايڪسينٽ واري فرق جي ڳالهہ ٿا ڪن، جنهن لاءِ لهجه بلڪل موزون لفظ آهي. عراق کان وٺي مراڪش تائين، جيئن ويهر (Wehr) لکيو آهي، لکيل عربي ٻولي، ريڊيو ۽ ٽيليويزن تي ڳالهائيل ٻولي، لفظن ۽ گرامر جي لحاظ کان ساڳي آهي، سواءِ ڪن ٿورن مقامي يا مخصوص لفظن جي.

> The morphology and syntax of written Arabic are essentially the same in all Arab countries. Vocabulary differences are limited mainly to the domain of specialized vocabulary. (Wehr's Arabic–English Dictionary, 1952, 1974, Preface).

اهي فرق جن جي ڪري موصل جي ماڻهوءَ کي بغداد واري کان سڃاڻي ڌار ڪبو، يا ڪربلا واري کي بصري واري کان الڳ ڪبو، يا سعودي عرب واري کي مصر واري کان پڌرو ڪيو، اُهي گهڻو ڪري تلفظ، اُچار ۽ لهجي جا فرق هوندا. مثلاً، عربيءَ دنيا کي ٻن لهجائي ايراضين ۾ ورهائڻ لاءِ تن فرقن کي ذهن ۾ رکبو (1) ق ۽ گ جي ورهاست ۽ (2) ڪ ۽ چ جي ورهاست (3) حرڪت جي موجودگي يا عدم موجودگي:

1. هڪڙا قلبي تہ ٻيا گلبي چوندا.
هڪڙا جميل تہ ٻيا گميل چوندا.
هڪڙا اقول تہ ٻيا اگول چوندا.
2. هڪڙا ڪبير تہ ٻيا چبير چوندا ۽
هڪڙا ڪثير تہ ٻيا چتير چوندا.
3. خَمَس کي خَمَس ۽ خُبز کي خُبَزَ چوندا.

الغرض ڊاياليڪٽن ۾ اهو جيڪو ٻڌرو فرق موجود آهي. ان جي لحاظ کان اسان لاءِ لازمي ٿئي ٿو تہ لهجہ کي ٻنهي معنائن لاءِ استعمال ڪرڻ بدران، ان کي سندس اصلي ايڪسينٽ واري معنيٰ ۾ استعمال ڪيون، ۽ ڊاياليڪٽ لاءِ وري ٻيو ڪو موزون لفظ ڳولهيون.

جن وٽ اڳ ڪو لفظ نہ هجي، سي ڀلي تہ ڪو نئون لفظ هٿ ڪن، پر جن وٽ اڳي ئي ڪو لفظ مستعمل آهي تہ ڪنهن حتمي منفي دليل جي غير حاضريءَ ۾ ان کي رد ڪرڻ بدران جڳائين تہ اهوئي استعمال ڪن.

اسان وٽ سنڌيءَ ۾ لهجو لفظ موجود آهي ۽ هميشہ ايڪسينٽ لاءِ استعمال ٿيندو رهيو آهي. اڄ بہ ان کي انهيءَ معنيٰ ۾ استعمال ڪرڻ ۾ ڪو حرج نظر ڪونہ ٿو اچي. اهڙي طرح اسان وٽ محاورو لفظ موجود آهي. پرمانند ميوارام جي ڊڪشنري ان تي ساکي آهي. ڊاڪٽر بلوچ صاحب ۽ ٻين اهو لفظ انهيءَ معنيٰ ۾ استعمال ڪيو آهي. جيئن الانا صاحب پاڻ مڃيو آهي، ۽ خود الانا صاحب انهيءَ لفظ کي "ڊاياليڪٽ جي ننڍين گروهن" جي معنيٰ ۾ استعمال ڪرڻ چاهيو آهي. پر جيئن تہ انهيءَ لاءِ "جديد لسانيات جي علم مطابق صحيح نہ آهي" کان اڳتي ڪو مؤثر دليل ڪونهي، اُن ڪري اهو صحيح نہ ٿيندو تہ هڪڙي لفظ سالن جي استعمال کان پوءِ جيڪا معنيٰ هڪ علائقي يا سماج ۾ اختيار ڪئي آهي، اها ڪائنس ڦري، ڪيس وري ٻي ڪا نئين معنيٰ پهرائجي، جيڪا خود بہ ٺهڪي نہ اچي. محاوري واري لفظ اها جيڪا معنيٰ غير عرب ملڪن (ايران، سنڌ ۽ هند) ۾ اختيار ڪئي آهي، اها ڪائنس هاڻي ڦري نٿي سگهجي. عربيءَ

جا اهڙا سوين لفظ آهن جيڪي پاڻ وٽ عرب دنيا ۾ معروف معني بدران ڪنهن ٻيءَ معنيٰ ۾ استعمال ٿين ٿا. غريب ۽ فقير انهيءَ فرق جا عام مشهور مثال آهن:

1. "پاڻ جنهن کي "اوپرو" يا "ڌاريو" چئون،
تنهن کي عرب ۽ ايراني چون "غريب"،
پاڻ جنهن کي "غريب" چئون،
تنهن کي عرب ۽ ايراني چون "فقير"،
پاڻ جنهن کي "فقير" چئون،
تنهن کي عربيءَ ۾ شماذ يا متسول (سوالي) چون،
اهو قرآن ۾ "سائل"، ۽ ايران ۾ "گدا" سڏجي
2. جنهن "لنگوسٽڪس" کي پاڻ "علم اللسان" چئون ٿا سمجهون،
يا ڄاڻي لسانيات چئون ٿي شيدائي ٿيا آهيون يا ٿيڻ ٿا گهرون،
تنهن کي عربيءَ ۾ اڄ به "علم اللغه" سڏين، ۽ لغت يا لغات
پاڻ وٽ چئون ڊڪشنريءَ کي،
عرب سڳورا اهڙي ڪتاب کي چون "قاموس" يا "معجم"

Behaviorism in the strict Watsonian formulation of it is all but dead. Many of his (Bloomfield's) Findings have been revised, some have been abandoned." (Dinneen, 1966, p 20)

1933 کان 1979ع تائين، گهٽ نہ تہ بہ ڇائيتاليهہ سال گذري ويا. انهيءَ وچ ۾ اڳئين زماني جي ڇڪ ڇڪ ڪري هلندڙ ريل گاڏيءَ تي چڙهڻ وارن جا پويان سپر سانڪ جهازن تي سواري ڪرڻ جا عادي تي ويا ۽ چنڊ تان گهمي ڦري اچڻ کان پوءِ هاڻي مريخ تي جايون مسواڙ تي وٺڻ جي فڪر ۾ لڳي ويا آهن. اهڙيءَ حالت ۾ جيڪڏهن ڪو لسانيات جو ماهر ماڻهن کي اهو ميڄرائڻ جي ڪوشش ۾ لڳو پيو هجي تہ لسانيات جي علم ۾ بلومفيلڊ جي لئنگوج کان پوءِ دنيا هڪڙي هنڌ بيهي رهي آهي ۽ پڙهندڙ کوهہ جي تري ۾ پيا آهن تہ اها ڏاڍائي ٿيندي.

**(ب) ٻوليءَ جي هڪ "پراڻي" وصف تي ڪي اعتراض:**

سنڌي ٻوليءَ جي لساني جاگرافيءَ جي پهرئين باب جي پهرئين پئراگراف ۾ اول ٻوليءَ جي هڪ وصف ڏني وئي آهي: "ڪنهن بہ سماجي گروهہ ۾ هڪ ٻئي سان تعاون لاءِ انسان ذات جي وات مان نڪتل آوازن جي سرشتي کي ٻولي سڏجي ٿو."

اڳتي هلي چون ٿا: "لسانيات جي جڳ مشهور آمريڪي ماهرن بلاخ ۽ ٽرئگر (Bloch and Trager) جي ڏنل وصف بہ مٿينءَ وصف سان ٺهڪي ٿي اچي." ۽ واقعي آمريڪي ماهرن ٺهڪائڻ سان انصاف ڪيو آهي. لکيو اٿن:

"Language is a system of arbitrary vocal symbols by means of which a social group cooperates."

ان کان پوءِ الانا صاحب "سنڌي ڪتابن ۾ ڏنل" ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ جي ان وصف جو ذڪر ڪيو آهي، جنهن ۾ چيو ويو تہ "زبان خيالن جي اظهار جو وسيلو آهي."

"سنڌي ڪتابن ۾ ڏنل" ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ جي هن وصف کي ڊاڪٽر الانا صاحب بيٺي پير رد ڪيو آهي. انهيءَ ڪري چو اها وصف "بلڪل پراڻي آهي، جنهن کي جديد لسانيات جا شاگرد ۽ ماهر قبول ڪرڻ لاءِ هرگز تيار نہ آهن."

ٿي سگهي ٿو تہ هيءَ وصف واقعي رد ڪرڻ جهڙي هجي، پر جڳائي ٿي تہ جڏهن ڪنهن علمي ڳالهہ کي رد ڪجي تہ "جديد لسانيات" جي علم کان اڻواقف پڙهندڙن کي ايترو تہ ٻڌائجي تہ "جديد لسانيات" جي ڪهڙن اصولن، قاعدن ۽ قانونن مطابق اهڙي وصف کي چو رد ڪيو پيو وڃي.

## (ج) الانا صاحب جي آڇيل وصف جو جائزو:

ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ واري رد ٿيل وصف ۽ نئين آڇيل وصف، ٻنهي ۾ ڪيترائي فرق آهن، جن مان ڪن کي هتي واضح ڪيو ويندو:

ڊاڪٽر الانا صاحب صوتيات جي علم جي گهُرجن آهر، صوتيات جي ماهر جي حيثيت سان ٻوليءَ جي وصف ڪئي آهي. ڊاڪٽر گربخشاڻي صوتيات جو ماهر ڪونہ هو نڪي هو اڄڪلهہ جي مفهوم واري "لسانيات" جو ماهر هو. ان ڪري سندس وصف ادبيات جي شاگرد جي حيثيت سان ٿيل آهي. هيٺيان پنج فرق قابل غور آهن:

1. الانا صاحب جي وصف ۾ اشارن سان يا لکت ۾ ڪنهن ڳالهہ چوڻ بدران رڳو آوازن ۾ مفهوم ادا ڪرڻ جو ذڪر آهي. گربخشاڻيءَ اهو فرق ڪرڻ ضروري نہ سمجهيو.
2. الانا صاحب جي وصف ۾ جانورن يا مشين جي آوازن جي مقابلي ۾ انسان ذات جي آوازن جي ڳالهہ آهي. گربخشاڻي انهيءَ پهلوءَ کي بہ ويچار هيٺ نہ آندو آهي.
3. الانا صاحب جي وصف ۾ جسم جي ڪنهن بہ عضوي مان نڪرندڙ آوازن جي مقابلي ۾ وات مان نڪتل آوازن جو ذڪر آهي. گربخشاڻي صاحب انهيءَ فرق کي بہ نظرانداز ڪيو آهي.

4. الانا صاحب جي وصف ۾ سماجي گروهن جو ذڪر آهي، ڊاڪٽر گربخشاڻي واري وصف ۾ انهن وصفن ڪي مشخص نہ ڪيو ويو آهي.
5. الانا صاحب ٻوليءَ جو ڪارج هڪ ٻئي سان تعاون ڄاڻايو آهي، گربخشاڻيءَ ٻوليءَ جو ڪارج خيالن جو اظهار ڄاڻايو آهي.

1. ڊاڪٽر گربخشاڻي "لکيل ٻولي" ۽ "ڳالهايل ٻوليءَ" جي چڪر ۾ ڪونهي پيو. ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ وارن ڏينهن ۾ يورپ وارا ماڻهو اڻ لکيل لفظ، جملي، يا ٻول کي "ٻولي" ڪري مڃيندائي ڪونہ هئا. فصاحت، بلاغت، علم ۽ لياقت، صحيح ۽ غلط سيني ڳالهين جو معيار "لکيل لفظ" هو. انهيءَ ڪنرپٽي تي وري جو ٻين سياڻن کي ڪاوڙ آئي، تن چيو تہ ٻولي تہ آهي ئي اها جيڪا ماڻهو ڳالهائي، لکيل ٻولي تہ "ٻولي" ئي ڪانهي. دراصل سماجي لسانيات وارن جي تحقيق جي لاءِ جيڪڏهن ڪا مناسب ٻولي هئي تہ اها ڳالهايل ٻولي هئي. لکيل ٻوليءَ سان هنن ڪوبہ واسطو نہ ٿي رکڻ چاهيو. ٻئي طرف اشارن سان ڳالهہ ڪرڻ ۽ جسماني حرڪتن سان ڪو مفهوم ادا ڪرڻ ڪنهن وقت لسانيات ۽ علم ابلاغ جي حدن کان ٻاهر هئا. اڄڪلهہ جسماني ٻولي (باڊي لئنگوج، ميٽا لئنگوج، پئرا لئنگوج) وغيره جا مطالعا نفسيات، لسانيات ۽ علم ابلاغ جي حدن اندر اچي ويا آهن. ان ڪري "ٻولي" جي ڳالهہ ڪندي لکندڙ لاءِ ضروري ٿي پيو آهي تہ ٻڌائي تہ "ٻولي" مان سندس مراد ڪهڙي آهي.

2. ڪي لسانيات وارا وري ٻئي پاسي جانورن جي آوازن ۽ حرڪتن تي تحقيق ڪرڻ بہ ضروري سمجهن ٿا تہ جيئن معلوم ٿئي تہ اسان جي ٻولي ٻين جانورن جي "ٻولي" يا ابلاغ جي وسيلن کان ڪيتري قدر آزاد آهي. سترنيوان، هاڪيٽ وغيره هن ڏِس ۾ گهڻي مٿاڪٽ ڪئي. انهيءَ تان ڪن شوقينن کي جو شوق جاڳيو تہ يونيورسٽين جي گرانٽن سان پولڙن (چمپينزي) کي انساني ٻوليون سيکارڻ لڳا. سندن ڳالهائڻ جا عضوا تہ ڏٺيءَ اهڙا ناهيا ئي ڪونهن جو انساني اُچار ڪڍي سگهن. ان هوندي بہ 1940ع واري ڏهاڪي ۾ ڪيٿ ۽ ڪيٿي

هيز (Hayes) وڪِي نالي هڪ چمپنزي پالي هئي جيڪا ڪجهه ذڪيائي کان پوءِ "ماما"، "بابا" ۽ "ڪپ" جهڙا لفظ اُچاري سگهي ٿي، پر اهو تجربو ايڏو ڪامياب ڪونه ٿيو ان ڪري سائنسدانن وري ان ڳالهه تي زور ڏنو ته جانورن کي "اڻ ڳالهايل ٻولي" سيکاري وڃي. نيواڊا يونيورسٽيءَ جي ايلن گارڊنر ۽ ان جي زال بيئيٽرس "واشو" نالي هڪڙي ڀولڙي هٿ ڪئي. ان کي آمريڪا ۾ استعمال ٿيندڙ گونگن ٻوڙن جي اشاراتي ٻولي (امئريڪن سائن لئنگوج) جا 1969ع تائين ٿيهه اشارا سيکاريا هئائون. 1966ع کان يونيورسٽي آو ڪيلفورنيا ۾ اين جيمز پريمئڪ (Premack) ۽ ان جي مڙس ڊيوڊ، ساره نالي هڪ چمپينزي کي مختلف رنگن ۽ شڪلين جي پلاسٽڪ جي ٽڪرن سان لکڻ ۽ پڙهڻ سيکاري رهيا هئا. 1972ع تائين انهيءَ مائيءَ 120 لفظ سکيا هئا، جن سان بيانيا جملا، سواليه جملا (ها – نه وارا توڙي اطلاعي وغيره) "جيڪڏهن...... ته" (If... then) وارا جملا ناهي سگهي ٿي.

اموري (Emory) يونيورسٽي، ۾ لانا (Lana) نالي هڪ ٻي چمپنزي ڪمپيوٽر رستي لکڻ پڙهڻ سکي رهي هئي. هن مائيءَ 1974ع تائين پنجهتر کان وڌيڪ الفاظ سکيا هئا ۽ "پليز مشين، گو جُوس، پيريڊ" (مهربان مشين رَس ڏي پڙي يعني جملو پورو ٿيو). جهڙا حڪم مشين کي ڏئي سگهندي هُئي.

هن سڄي متاڪٽ جو علمي پهلو اهو آهي ته هڪڙي پاسي انساني ٻار ۽ چمپنزي جي حصول زبان جي هڪ جهڙائين تي ڪم پئي هليو ۽ ٻئي پاسي ڪمپيوٽر کان سوال جواب ڪرڻ واري نظام کي به "ٻولي" پئي سڏيائون. جڏهن ته لسانيات وارن جا هڪڙا پاٿر اهڙن خفن ۾ لڳا پيا آهن ۽ اهڙن جانورن جي انهن اشارن ۽ حرڪتن کي به "ٻولي" ڪوٺيو ان تي تحقيق ڪرڻ ۾ لڳا پيا آهن ته ٻين لسانيات وارن لاءِ اهو ضروري ٿي پيو آهي ته هو پنهنجي تحقيق جي ميدان کي وڌيڪ واضح ڪرڻ لاءِ چون ته سندن تحقيق واري "ٻولي" جانورن جي ٻولي يا مشين جي ٻولي نه پر "انساني ڳالهايل ٻولي" آهي.

3. وات مان نڪرندڙ آوازن کي هن وصف ۾ مشخص ڪيو ويو آهي ته جيئن جسم جي ٻين حصن مان نڪرندڙ آوازن يا جسم جي ٻين حصن مان ڪيل اشارن، ڪناين کي هن وصف کان ٻاهر ليکي سگهجي. هن تشخص جي ضرورت ٻه انهيءَ ڪري پئي جو اهڙيءَ طرح حرڪاتي ٻولي (ڇُر– پر واري ٻولي، اشاراتي ٻولي (سائن sign لئنگوج) ۽ لکيل ٻوليءَ کي انهيءَ تحقيق جي دائري کان الڳ ڪيو وڃي. ويهڻ جي جاءِ تان نڪتل آواز کي شعوري طرح ابلاغ جو ڪوبه مقصد ڪونهي، پر اهڙي ساڳي آواز جو نقل جيڪو وات سان ڪجي اهو ڪنهن کي چيڙائڻ، للڪارڻ، هو ڪارڻ يا گار ڏيڻ جي معنيٰ ۾ استعمال ڪري سگهجي ٿو.

هن تفصيل مان اها ڳالهه پڌري ٿي ته اڄڪلهه جو لسانيات جو ماهر مجبور آهي ته ويجهڙائپ وارن علمي تنظيمن وٽان سندس ڪم ۾ جنهن مداخلت جو امڪان آهي ان کان بچڻ لاءِ پنهنجي علمي تنظيم کي جيترو ٿي سگهي مشخص ۽ محدود ڪري انهيءَ لحاظ کان ڊاڪٽر گربخشاڻي ۽ ڊاڪٽر الانا مان هر هڪ پنهنجي پنهنجي ضرورتن ۽ مجبورين جي لحاظ کان ٻوليءَ جي وصف ڪئي آهي. الانا صاحب جي مٿي ڄاڻايل وصف مٿي ڏنل معيارن جي لحاظ کان صوتيات جي شاگرد ۽ ماهر جي حيثيت سان ڪئي وئي آهي. ڊاڪٽر گربخشاڻي، ان جي اُبتڙ صوتيات جو ماهر ڪونه هو ۽ ان ڊاڪٽر الانا صاحب ۽ بلاخ ۽ ٽرئگر جي ضرورتن يا مجبورين کي خيال ۾ ڪونهي رکيو.

ٻئي پاسي ڊاڪٽر الانا صاحب بلومفليڊ جي ڪتاب تان ورتل ٻوليءَ جي ٻي وصف ڄاڻائي آهي ته "هر ڪا قوم زبان جي عمل سان ٺي بنجي ٿي." اها عجب جهڙي ڳالهه آهي جو جن لسانيات جي ماهرن ٻوليءَ کي خيالن جي اظهار جو وسيلو ڪري مڃڻ ۾ عار ٿي محسوس ڪيو سي وري ڪنهن ٻئي معيار مطابق زبان کي قومن جي بناوت جو عمل مڃڻ لاءِ تيار ٿي رهيا آهن!

ٻوليءَ جي ڪاب وصف يا تہ فرد جي نقطئہ نظر کان ٿيندي يا سماج جي. ٻوليءَ کي ادراڪي (Cognitive) حقيقتن کان آگاهي رسائڻ جو ذريعو سمجهڻ وارا لسانيات جا ماهر فرد تي گهڻو زور ڏين ٿا، ۽ ٻوليءَ جي وجداني ۽ احساساتي (Phatic and affective) استعمالن کي اهميت ڏيڻ وارا لسانيات جا ماهر ٻوليءَ جي سماجي حيثيت کي وڌيڪ اهميت ڏين ٿا. هنن ٻن مڪتبہ فڪرن جا ماهر اڻويهين صديءَ جي آخر کان وٺي پنهنجي پنهنجي انداز ۾ ڪم ڪندا اچن. "ادراڪي لهہ وچڙ" (cognitive communication) يا واقعاتي لهہ وچڙ (Referential communication) جي اڳواڻن مان هر مان پال جو نالو وٺي سگهجي ٿو. جيڪو ٻوليءَ جي تفاوتن کي انهيءَ ڪري اهميت ڪونہ ٿو ڏئي جو هڪ پنگتيءَ جي ٻولي، سندس آڏو فردن جي چڱيءَ طرح نهيل ٻوليءَ جي هڪ عام ملاوٽ آهي. "جيڪڏهن اسين انهيءَ ناقابل انڪار حقيقت کان ڳالهہ شروع ڪريون تہ هر فرد کي پنهنجي ٻولي آهي ۽ هر اهڙيءَ ٻوليءَ کي پنهنجي تاريخ آهي، تہ تفاوتن جو اُسرڻ بلڪل هڪ معمولي ڳالهہ لڳندي"

پال جي آڏو ٻوليءَ جو مکيہ ڪارج "خيالن جي گروهن" کي ترتيب ڏيڻ هو ۽ اهي خيالن جا گروهہ سندس خيالن مطابق، جٽي جٽي وٽ پنهنجي انداز ۾ وڌندا ويجهندا. (paul:1889,p.6,23) "هرمان پال" جي انگريز پوئلڳ "هينري سويٽ" انهن خيالن کي پڙهيو ۽ انهن جي پنيرائي ڪيائين. سويٽ چتاءُ ٿو ڏئي تہ "ٻوليءَ جي ڦرڻ جا سڀ اصول ٻوليءَ جي مکيہ ڪارج "خيالن جي اظهار جا تابع آهن." (هي تقريباً اهڙائي ٻول آهن جيڪي، ڊٽي مرهيس، ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ استعمال ڪري لسانيات جي ماهرن کي چيڙائي وڌو هو). سويٽ جا ٻول هيٺين آهن:

"..... All general principles of change are subordinate to the main function of language .... the expression of ideas." (Sweet, 1900. p.34)

انهيءَ ڪري اسان کي اچرج ڪونہ ٿو لڳي، جڏهن ڏسون ٿا تہ سوويٽ ٻوليءَ جي وصف سماجي حوالي کان سواءِ ڪري ٿو تہ ٻولي "ڳالهائڻ جي آوازن ذريعي خيالن جو اظهار آهي." ٻئي هنڌ چاٽايل سندس لفظن مطابق ٻولي آهي:

"The expression of thought by means of speech sounds." (P–i)

ڊاڪٽر الانا صاحب پنهنجي ڪتاب ۾ ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ جي جيڪا وصف پراڻي ۽ ناقابل قبول قرار ڏني، سا هن مڪتب فڪر جي ماهرن جي وصف سان ملي ٿي، جيتوڻيڪ اهو ثابت ناهي ۽ نڪي ضروري آهي تہ ڊاڪٽر گربخشاڻي انهن ماڻهن جي نقطئہ نظر کان واقف هجي، ۽ ائين بہ ناهي تہ انهي خيال جا ماڻهو پال ۽ سوويٽ کان پوءِ ختم ٿي ويا. هنن کان پوءِ خود بلومفيلڊ ۽ هاڪيٽ، جن جا حوالا "سنڌي ٻوليءَ جي لساني جاگرافي" ۾ وري وري ڏنل آهن، ۽ انهن کان پوءِ مارٽيني ۽ ڪرائلووگز ۽ اڄڪلهہ جي لسانياتي انقلاب جا مک اڳواڻ چامسڪي ۽ هال بہ انهي ئي فڪر جا آهن. اهي سڀ عالم ٻوليءَ جو اڀياس سماجي حوالي کان سواءِ ڪرڻ چاهين ٿا. هي اُهي لسانيات جا ڄاڻو آهن، جن جا پوئلڳ اڄڪلهہ (Descriptive linguistics) توضيحي لسانيات جي ڪم جي اڳواڻي ڪري رهيا آهن. هنن سڀني ماهرن جو خيال آهي تہ ٻوليءَ جي تبديل ۽ تفريق جي لاءِ ڪين ٻوليءَ جي اندروني (داخلي) پهلوءَ جي توضيح تائين محدود رهڻ کپي. مارٽني چوي ٿو تہ: "ٻوليءَ جي تفريق يا تبديل جو مطالعو ڪندي لسانيات جي ماهر کي ڪوحق ڪونہ ٿو پهچي تہ هو ٻاهرين عوامل جو ذڪر ڪري، ٻاهرين اثرن جا رڳو لساني نتيجا ئي آهن جن تي لسانيات جو ڄاڻو تحقيق ڪرڻ جو حق رکي ٿو. لسانيات جي ماهر جي حيثيت سان ڪيس سماجي عوامل جي مطالعي کان انڪار ڪرڻ کپي." (Martinet: 1964.p52)

ڪرائلووگز وري انهي کان بہ ٻہ هٿ مٿي سخت ڪٽر نقطئہ نظر رکي ٿو. هو چوي ٿو تہ: "جيڪڏهن اسين ٻوليءَ جي مطالعي جي سلسلي ۾ ٻوليءَ کي ڇڏي بين ٻاهرين عوامل جي مطالعي ۾ لڳي وياسين

پيئي ڏسجو، ڏسنڌؤ ته ان وقت تائين اجوڪيون مڙئي وصفون ڪنهن جي يا رد تي ويون هونديون، وري وچان ئي ڪي بيون وصفون ميدان ۾ اچي ويون هونديون، جيڪي اڄڪلهه لسانيات ۽ ٻين متعلقه علمن جي ميدانن ۾ هلندڙ بحثن، تڪرارن ۽ تحقيقن جي برتريءَ تي ٻڌل هونديون. ويبسٽر 1976ع ۾ لئنگوج (Language) جي سري هيٺ هي وصفون ڏنل هيون.

1. الف [ڪي] ٻول، انهن جو اُچار ۽ ڪين جوڙڻ جو طريقو (جيڪو هڪ گچ جيتري پنگتيءَ ۾ استعمال ٿئي ۽ سمڏو (سمجهو) وڃي.
1. ب. (1) ٻڌڻ ۾ ايندڙ اُچاريل، با معنيٰ آواز جيڪو ڳالهائڻ جي عضون مان پيدا ٿئي.
1. ب (2) خيالن يا احساسن جي ابلاغ جو هڪ منظم ذريعو [ اهڙن] جاتل سڃاتل نشانن، آوازن، اشارن ۽ اهڃاڻن ذريعي جن جي معنيٰ اڳوات رٿيل ۽ سمڏل (سمجهيل) هجي.
1. ب (3) لاڳاپي رکندڙ خيالن يا احساسن ڏانهن ڪن شين، علمن يا حالتن جو اشارو جيئن جسم جي ٻولي (باڊي لئنگوج).
1. ب (4) [اهي مختلف] ذريعا جن سان ساهوارا هڪ ٻئي سان ڪميونڪيٽ ڪن (لهه وچڙ ۾ اچن، ڏي - وٺ ڪن، ابلاغ ڪن).
1. ب (5) نشانين ۽ علامتن جو هڪ رسمي نظام جيئن هڪ منطقي حسابي نظام [ڪيلڪيولس] يا ڪمپيوٽر Fortran، جن ۾ اهي قاعدا ۽ قانون به شامل هجن. جن سان قابل قبول اظهاري ٻول (expressions) ناهي ۽ ڦيرائي سگهجن.
1. ب (6) مشيني ٻولي [ڪمپيوٽر کي استعمال ۾ آڻڻ جي لاءِ ڪتب ايندڙ ٻولي.....]" وغيره.

# پاڱو ٻيون

## ٻوليءَ جي آراڏاين جي مطالعي جي تاريخ جو مختصر جائزو

- تشابهتي ۽ تاريخي لسانيات کان لسانياتي جاگرافيءَ تائين:
- دانتي، پالاس، جونز، ڪراس، شليگل، شليخر، شمت، نيوگريميرينز.
- لسانياتي جاگرافيءَ جو پهريون دؤر جرمني، انگلنڊ، فرانس، هند- پاڪ وارو ننڍو کنڊ
- لسانياتي جاگرافيءَ جو ٻيو دؤر:

  اٽلي، فرانس (ٻيهر)، امريڪا، اسڪاٽلنڊ، انگلنڊ (ٻيهر).
- لسانياتي جاگرافيءَ کان سماجي لسانيات تائين:
- سماجي لسانيات کان محاورن جي اڀياس تائين:
  - اقليتي گروهن جا محاورا
  - پجن ٻولين ۽ ڪريولون
  - معياري انگريزيءَ جي آراڏاين جا ماڊل:
  - گريگري، ڪورڪ ۽ پيا. سٽريوينز

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ
وَمِنۡ اٰيٰتِهٖ خَلۡقُ السَّمٰوٰتِ وَالۡاَرۡضِ
وَ اخۡتِلَافُ اَلۡسِنَتِكُمۡ وَ اَلۡوَانِكُمۡ
اِنَّ فِيۡ ذٰلِكَ لَاٰيٰتٍ لِّلۡعٰلِمِيۡنَ (الروم آيت 30:22)

۽ سندس نشانين مان آهي آسمانن ۽ زمينن جو بنجڻ. ۽ آراڌو (مختلف) هئڻ اوهان جي ٻولين جو ۽ اوهان جي رنگن جو بيشڪ (انهن ڇئن ڳالهين) ۾ نشانيون آهن. عالمن (ڄاڻندڙ علم وارن، سائنسدانن) لاءِ

---

"۽ منجها مُعجزن خدا جي
جنيءَ خَلقيا ۽ اُڀ ۽ ڀون
۽ مُختلف خلقتا ۽ زبانون ۽ ٻوليون آهجيون ۽ رنگ آهجا
(جيئنيءَ ناهڪو آدمي مشابھ ٻي آدمي ساڻ
سيڪو پاهجي صورت آهِ)
تحقيق اِنمَين پڻ معجزا آهين عالمن لاءِ"
(ترجمو: ميان آخوند عزيز الله متعلوي)

---

آسمانن ۽ زمينن جو ٺاهڻ ۽ اوهان جي زبان ۽ شڪلين جو قسمين قسمين هجڻ سندس نشانين مان آهي، بيشڪ اُن ۾ ڄاڻندڙن لاءِ نشانيون آهن. (ترجمو: مولانا تاج محمد امروٽي)

---

۽ اُن جي اُهڃاڻن مان، قائم برقرار
جوڙڻ اُڀ، زمين جو، نشاني نروار
۽ ٻهون اوهان جون ٻوليون، رنگ، رنگ ڌارو ڌار
پڌرا آهن پار اُن ۾ عاقلن لئي.
(ترجمو: مولوي احمد ملاح)

# باب ڇهون

# لسانياتي جاگرافيءَ جي اوسر جو هڪ مختصر تاريخي جائزو

جيتوڻيڪ ٻولين ۾ آراڏاين ۽ اختلافن (محاورن) هئڻ جي سُڌ قديم زماني جي يونانين، هندن ۽ ٻين قومن کي هئي ۽ ٻولين جي آراڏاين تي تشابهتي ۽ تاريخي نوعيت جو ڪم ٻارهين صديءَ کان ٿيڻ لڳو هو، پر محاوراتي جاگرافيءَ جو نجو ڪم تشابهتي – تاريخي لسانيات جي ڪم مان اٺيهين صديءَ جي آخري سالن ۾ ڦٽي نڪتو. هن صديءَ جي شروع ۾ اُسريو ۽ وڏي وڻ ٿيو. صديءَ جي وچ ڌاري ٻين تارين کي اُساري سٺ واري ڏهاڪي ۾ سماجي لسانيات جي سُبنڌ سان آراڏاين جي انيڪ طريقن کي جنم ڏنو. پاڻ گذريل وقت جي ڪماڻيءَ وانگي، رتاٺر ٿي ويڄي رڳو ڪتابن جي زينت بنيو.

**(1) تشابهتي لسانيات کان محاوراتي جاگرافيءَ تائين**

ٻارهين صديءَ ۾ آئسلينڊ جي ڪنهن گمنام ماڻهوءَ پهريون گرامر جو ڪتاب لکيو، جنهن ۾ انگريزي ٻولي ۽ آئسلينڊي ٻولين جي ڪيترين هڪجهڙاين کي پڌرو ڪيائين. ان کان پوءِ، پر پنهنجي ليکي، پنهنجي منهن، ان گمنام آئسلينڊيءَ جي ڪم کان بي خبر رهي، دانتي (1265ع کان 1325ع) جنهن کي يورپ جي سجاڳي (renaissance) جو پيغمبر ڪري ٿا ڪوٺين، اُن لکيل لاطيني ٻوليءَ کي ڇڏي، باقي عام ڳالهايل ٻولين جي اهميت تي لکيو. هن پنهنجي ڪتاب ۾، جنهن کي ”عوامي ٻولي“ جهڙي نالي (De vulgari eloquentia) سان ٿي

سڏيائين. انهن ڳالهايل ٻولين جي خصوصيتن کي گهٽ ساراهيو، جيڪي ان وقت عام ماڻهو ڳالهائيندا هئا. ۽ "جن کي سکڻ لاءِ ٻار کي کنهن اسڪول ۾ وڃي ڪا چاڻي ٻجهي ڪوشش ڪرڻي ڪانه ٿي پئي"، جنهن جي مقابلي ۾ لاطيني سکڻ لاءِ ٻار کي گرامر جا قاعدا ياد ڪرڻا ٿي پيا. هن ڪتاب جي هڪ مشهور ڀاڱي ۾ دانتي اپيل ڪئي ته اٽليءَ جي کنهن هڪڙيءَ ٻوليءَ کي ايترو فروغ ڏنو وڃي، جو اها اڳتي هلي اٽليءَ جي عام ٻولي ٿي سگهي. ان وقت تائين اتي سرڪاري طرح لک پڙهه واري ٻولي لاطيني، هتي جي سنسڪرت وانگر، وڃي رڳو ڪتابن ۾ رهي هئي.

دانتي پنهنجي هن ڪتاب ۾ محاورن جي آراڏائي شروع ٿيڻ (پئدائش) جو احوال ڏنو آهي، ۽ ڏيکاريو اٿس ته ڪيئن هڪڙي مکيه سرچشمي مان "وقت جي گذرڻ" ۽ "جاگرافيائي حدن ۾ پکڙجي وڃڻ" جي نتيجي ۾ ٻيون ٻوليون نهيون. اهڙيءَ طرح يورپ جي ٻولين جا ٽي ڪٽنب ڄاڻايائين: جرمنيائي، لاطيني ۽ يوناني. لاطينيءَ جي ان وقت جي حدن ۾ ٽي مقامي ٻوليون سڃاتائين جيڪي ٽئي لاطينيءَ مان نڪتيون هيون. اهڙيءَ طرح مقامي ٻولين ۾ مروج لفظن ۽ اچارن کي لاطينيءَ سان ڀيٽي سندن هڪ ٻئي سان ماٽتاڻو لاڳاپو ڏيکاريائين.

### (الف) "اصل ٻولي" يا "ماءُ ٻوليءَ" جي ڳولها:

انهن عام مقامي ٻولين ۾ به دانتي نه رڳو محاورن جي موجودگيءَ کان باخبر هو پر اٽليءَ جي انهن محاورن جو هڪ تمام جامع سروي ڪري انهن تي جمالياتي رائزني به ڪندو ويو آهي. سندس راءِ موجب بلڪل ڪامل محاورو ته ڪوبه ڪونه ٿي ٻيٺو. پر سندس خيال مطابق ٽسڪي محاورو سڀني کان وڌيڪ مڪمل هو. اهو ان خيال جي ابتڙ هو جنهن مطابق پاڻ وٽ کنهن زماني ۾ عالم سگهورا چوندا هئا ته وراڇڊ اپڀرنش سڀني کان بگڙيل يا ردي هئي، جنهن مان وري سنڌي نهي هئي، جيڪا اهڙي ته بگڙيل هئي جو چئي ڪٽي ماٺ ڪر.

دانتي جي هن تصنيف کان پوءِ "اصل ٻولي" جي تلاش ۾ ٻولين

جا ڪيترا تشابهتي مقابلا ڪيا ويا. اول سمجهيائون ٿي تہ سيمي ٻولين جي ماءُ عبراني ٻولي هئي، جنهن مان ٻيون سيمي ٻوليون "بنهہ بگڙجي" نڪتيون هيون. جيئن پارٽ وٽ اپيرنش ۽ سنڌي بابت ٿي چيائون.

سورهين سترهين صديءَ ۾، جڏهن هندوستان ۾ آيل عيسائي پادرين (مشنريز) جي ذريعي سنسڪرت ٻولي ۽ ان جي گرامر جو علم يورپ وارن کي پهتو ۽ يوناني، لاطيني ۽ جرمنيائي ٻولين جي لفظن سان سنسڪرت جي لفظن کي متاجرو ڏٺائون تہ گهڻا عالم انهيءَ ڳالهہ تي ڳنڍ ٻڌي ويهي رهيا تہ يورپ جون اهي مڙئي ٻوليون سنسڪرت مان نڪتيون هيون.

انهيءَ زماني ۾ روس جي راڻيءَ جي چوڻ تي P.S. Palas هڪڙي ڊڪشنري لکي (1786) جنهن ۾ ٻہ سؤ ٻولين جي 285 لفظن جو گڏيل مطالعو ڏنائين. پنجن سالن کان پوءِ 1791ع ۾، جڏهن هيءَ ڪتاب ٻيهر ڇپيو تہ منجهس ٻين اسي ٻولين جا لفظ بہ وڌايا ويا هئا.

اهڙي قسم جو ٻيو ڪم 1806ع کان 1817ع تائين ايڊلنگ (J.C Adelung) ۽ واٽير (J.S.Vater) جو مترادائيس نالي سان هو جنهن ۾ دنيا جي تقريباً پنج سؤ ٻولين ۾ عيسائين جي "الاهي دعا" (Lord's Prayer) جو ترجمو ڏنو ويو هو.

جنهن سال پالاس پنهنجو ڪتاب ڇپرايو (1782) ان سال سر وليم جونز اها مشهور تقرير ڪئي، جنهن لسانيات جي اڳئين فڪر کي بدلائي ڇڏيو. هي صاحب هندوستان ۾ ڳچ سال رهي، سنسڪرت جو گهرو مطالعو ڪري، وطن واپس آيو هو. هن چيو تہ سنسڪرت يورپ جي يوناني ۽ لاطيني ٻولين سان اهڙي قسم جو واسطو رکي ٿي، جنهن کي نظرانداز نٿو ڪري سگهجي. هن چيو تہ اهو لاڳاپو ڏيکاري ٿو تہ اهي ٽئي ٻوليون ڪنهن هڪ اهڙيءَ ٻوليءَ مان ڦٽي نڪتيون آهن، جيڪا (شايد) هينئر موجود ناهي.

ٻوليءَ جي علم جي گهورن کي وليم جونز اهڙيءَ طرح هڪ نئين وندر سان لڳائي ڇڏيو. يارن اصل دير ئي ڪانہ ڪئي، تشابهتي گرامرن جي تصنيفن جو مينهن وسي ويو. بوپ (Bop) (1816) راسڪ

1818) ۽ ٻارن جي آکاڻين واري گرم (Grimm) (1819) جون تصنيفون انهن ٻولين جي تصريفي ڀيچاڙين جي ڀيٽ. لفظن جي اچارن جي ڀيٽ. ۽ آوازن جي بدلجڻ جي قانونن (Grimm's Law) بابت ڇيڇجي ميدان ۾ اچي ويون.

تشابهتي لسانيات جي مطالعي لاءِ جن صوتياتي ۽ معنوياتي اصولن، نحوي ترڪيبن ۽ جاگرافيائي ايراضين جي اصولن جي ڄاڻ جي ضرورت هئي، جن جي ڪري ٻوليون ورهايون ٿي ويون. انهن جو جائزو 1787ع ۾ اڳي ئي ڪراس (G.J. Kraus) ڪري چڪو هو. هاڻي هندوستانين جي ٻولين ۽ سندن علم بابت شليگل (Schlegel) 1808ع ۾ هڪ تفصيلي ڪتاب لکيو انهن سڀني تصنيفن جو نتيجو اهو نڪتو، جو تشابهتي ۽ تاريخي لسانيات جو علم سائنٽفڪ واٽ تي لڳي ويو.

هيسٽائين لسانيات جا ماهر ان خيالي ٻوليءَ جي تلاش ۾ هئا جنهن مان موجوده ٻوليون نڪتيون هونديون ۽ جيڪا ڪنهن وقت ناپيد ٿي وئي هوندي شليخير (Schleicher, 1861) پنهنجي معرڪةالاراء تصنيف "هند جرمنيائي ٻولين جي تشابهتي گرامر جو اختصار: هند – جرمنيائي ماءُ ٻوليءَ جي صوتيات ۽ علم الصرف جو هڪ خاڪو" جهڙي نالي سان لکي ڇپرائي، جنهن ۾ ڌرتيءَ تي موجود ٻولين کي گروهن ۾ ورهائي، انهن جي هڪ جهڙاين کي ڏيان ۾ رکي، ان وقت جي مروجہ علم النباتات (ٻاٽنيءَ) ۾ استعمال ٿيندڙ نالن جي علم (Taxonomy) جي انداز تي ٻولين کي ڪٽنبن ۽ اپڪٽنبن ۾ ورهايو ويو. هر اُپ – ڪٽنب جو هڪ "ماءُ ٻولي" (grundsprache) سان ناتو ڏيکاريو ويو ۽ سڀني "ماءُ ٻولين" کي وري ان اصلي ٻوليءَ (ursprache) سان ملايو ويو جيڪا سمجهيائون ٿي تہ هينئر ڌرتيءَ تان ختم ٿي وئي آهي.

شليخير اهڙو ڪم ڪيو جو ان خيالي اصلي ٻولي (اُرسپراخا) ۾ هڪ ڪماڻي بہ جوڙيائين، جنهن تي گهڻي وٽ پڪڙ ڪيائونس. وڻ جي صورت ۾، ٻاٽنيءَ جي ٽيڪسانامي‌ءَ جي آڌار تي جوڙيل هن نظريي جي ماڊل کي جرمن ٻوليءَ ۾ سٽامباميٿيوري (Staumbaumtheorie) ڪري سڏيائون.

يورپ جا ڳالهايل محاورا هونئن ته رومانٽڪ هلچل کان وٺي لسانيات جي توجهه جو مرڪز رهيا هئا (جو اُن تحريڪ هر "عوامي" ڳالهه کي کنيو هو) پر هنن جوانن انهيءَ ميدان ۾ تحقيقي ۽ علمي جان وڌي. انهيءَ ڪري جو هن – يورپي ڪٽنب جي ٻولين جي فرقن يا آراڌاين (Variations) جو آخري زنده مثال اِهي يورپ جون ٻوليون هيون. انهن ٻولين جي تشابهتي اڀياسن جو اهڙو اچي شوق پيدا ٿيو جو محاورائي مطالعن، محاورائي جاچن (سروي) ۽ محاورائي ائٽلسن تي ڳاٽيٽي کان ٻاهر ڪتاب لکجي پڌرا ٿي ويا.

# باب ستون

## لسانياتي جاگرافيءَ جو پهريون دؤر

## (اٺوين صديءَ جي آخر کان ويهين صديءَ جي ٽئين ڏهاڪي تائين)

**(الف) جرمنيءَ ۾ ٿيل ڪم:**
جرمنيءَ ۾ لسانياتي جاگرافيءَ تي ڪم جارج وينڪر (Wenker) 1876ع کان شروع ڪيو. اول هن ڊسلڊورف جي اوسي پاسي جو ڪم هٿ ۾ ڪنيو پر پوءِ سموري اترئين ۽ وچينءَ جرمني شهنشاهيت جي لسانياتي ائٽلس مرتب ڪيائين. انهيءَ جي پهرين قسط ڇهن نقشن سان 1881ع ۾ ڇپي. هن سروي لاءِ وينڪر معياري جرمن ٻوليءَ جا چاليهه جملا مقامي محاورن ۾ ترجمو ڪرڻ لاءِ اسڪول ماسترن کي پوسٽ ذريعي ڏياري موڪليا ته اتي جي محاورن ۾ ترجمو ڪرائي موڪلين. ڪيس موٽ ۾ چاليهه هزار جواب پهتا. هيءُ مواد لفظن جي استعمال ۽ گرامر جي فرقن معلوم ڪرڻ لاءِ تمام گهڻو ڪارائتو ثابت ٿيو پر هڪ لفظ جي مختلف اُچارن معلوم ڪرڻ لاءِ هيءُ طريقو ڪارائتو ثابت نه ٿي سگهيو، ڇو ته اسڪول ماستر، جن کي اُهي سوالناما موڪليا ويا هئا، علم صوتيات جا ڄاڻو ڪونه هئا. انهيءَ ڪري اُهي لفظن جو صوتياتي فرق نه ڄاڻائي سگهيا. وينڪر جي اهم تصنيف (Sprachatlas des deutschen Reichs) هئي، جنهن جا ڪي آسان نسخا Wrede جي ادارت هيٺ 1926ع کان Deutscher sprachatlas نالي سان ڇپيا. هن تصنيف جي هر نقشي ۾ هڪ هڪ لفظ کٽي ان کي مختلف محاورن جي ورهاست مطابق ڏيکاريو ويو.

**(ب) انگلنڊ ۾ ٿيل ڪم:**

محاوراتي مطالعن جي انهيءَ شوق جرمنيءَ مان انگلنڊ پهچندي ويرم نه ڪانه ڪئي. 1873ع ۾ والٽر وليم سڪيٽ (Skeat) "انگلش ڊاياليڪٽ سوسائٽي" جو بنياد وڌو، جنهن جو مقصد اهو هو ته لفظن کي مختلف اُچارن جي صورتن ۾ گڏ ڪيو وڃي. مختلف هُنرن وارا ۽ فني لفظ، چوڻيون ۽ پهاڪا هٿ ڪيا وڃن، ۽ محاوراتي متن جي ڪن مثالي ٽڪرن کي صوتياتي رسم الخط ۾ اُتاريو وڃي. انگريز قوم طبيعت ۾ وري آهي سيني کان آزاد، تنهن محاوراتي اٽلسن ڏي توجهه ڪرڻ بدران محاوراتي ڊڪشنرين ۽ محاوراتي گرامرن جوڙڻ ڏي توجهه ڪيو.

جوزف رائٽ (Joseph Wright) جي مشهور ڊاياليڪٽ ڊڪشنري 1898ع کان 1905ع تائين ڇپي. انهيءَ سلسلي ۾ رائٽ جو مشهور ڪتاب انگلش ڊاياليڪٽ گرامر به ڊڪشنريءَ جي پهرئين ڇاپي سان گڏ ڇاپيو ويو ۽ پوءِ وري الڳ به ڇپيو.

خود سڪيٽ، جيڪو انگريزيءَ جي اٽمالاجيڪل ڊڪشنريءَ جي ڪري مشهور آهي، انهيءَ 1911ع ۾ "انگلش ڊاياليڪٽ" نالي ڪتاب ڇپرايو. سنڌس ڊڪشنريءَ لاءِ مواد پوسٽ ذريعي موڪليل سوالنامي جي جوابن مان هٿ ڪيو ويو.

"انگلش ڊاياليڪٽ سوسائٽي" جي بنياد پوڻ واري سال (1873)، جيمز مري (Murray) سڪاٽلنڊ جي مختلف ٽپن (ڪائونٽيز) جي محاورن جو هڪ سروي ڪيو.

**(ج) فرانس ۾ ٿيل ڪم:**

هولگر پيڊرسن جي چوڻ مطابق اوڻيهه سؤ ٽيهن واري ڏهاڪي تائين جيڪو به لسانياتي جاگرافيءَ تي ڪم ٿيو هو، انهيءَ مان ڪوبه ڪم اهڙي ڪمال ۽ اهميت واري درجي کي نه پهتو هو، جهڙو رومانس ٻولين تي ٿيل ڪم. ۽ اُنهن سيني ۾ اهم ترين تصنيف هئي 1897ع کان 1901ع تائين واري عرصي ۾ گڏ ڪيل مواد تي ٻڌل فرانس جي لسانياتي جاگرافي: *Atlas linguistique de la France*

هيءَ تصنيف هڪ سئيز ماهر، جولز گليئرون، جي نظرداريءَ هيٺ 1902ع کان 1908ع تائين ڇپجي راس ٿي. پنهنجي اُستاد برونو پالين گاسٽن پاريس جي 1888ع ۾ ڊاياليڪٽ ڪارٽوگرافيءَ جي اصولن جي آڌار تي ٺاهيل ڪم جي اسڪيم ۽ سوالنامي کي گليئرون هڪ سيڏي وڪڻندڙ هنائيءَ ايڊمونڊ ايڊمونٽ (Edmond Edmont) جي حوالي ڪيو. هيءَ سيڏي وڪڻندڙ ايڊمونٽ ڪنن جو اهڙو تہ ڪو موچارو ۽ سرلو هو جو آوازن جي تمام نازڪ فرقن کي بہ سڃاڻي سگهيو ٿي، ۽ وري انهن کي صحيح طرح صوتياتي الف بي ۾ اُتاري (لکي) بہ سگهيو ٿي. روز مرھ جي استعمال ٿيندڙ شين جي نالن تي ٻڌل 1920 لفظن، فقرن ۽ جملن جو هي سوالنامو کڻي ايڊمونٽ اڪيلي سر اڳ رٿيل 639 جاين تي ويو ۽ ساڍن چئن سالن ۾ (آگسٽ 1897ع کان ڊسمبر 1901ع تائين) هڪ ڳوٺ کان ٻئي ڳوٺ تائين اڪيلي سر گهمندو، سوالن جا جواب هٿ ڪندو آيو. مواد گڏ ٿيڻ کان پوءِ هر هڪ لفظ يا تلفظ لاءِ ڌار ڌار نقشا ٺاهيائين.

اهڙيءَ طرح گليئرون جي مشهور "اٽلس لنگوسٽيڪ دي لافرانس" ڇپجي راس ٿي، جيڪا ايندڙ مڙنئي لسانياتي اٽلسن ۽ جاگرافين لاءِ هڪ معيار ٿي. صوتيات ۽ الفاظ جي ذخيري ۾ هيءَ اٽلس وينڪر واري اٽلس کان اڳئون ڪيئون گوءِ کڻي وئي، پر هڪ ماڻهوءَ جي ٿورن هنڌن تي پهچي سگهڻ واري جيڪا گهٽتائي لازمي ٿيڻي هئي سا منجهس رهجي وئي.

### (د) اڻ — ورهايل هندو پاڪ کنڊ ۾ ٿيل ڪم:

يورپ ۾ لسانيات جي ماهرن ۽ لسانياتي سروي جي شوقينن مان ڪيترا ماهر ۽ شوقين اُنهيءَ زماني ۾ هند پاڪ جي ننڍي کنڊ ۾ بہ علمي پيٽون ڏيڻ آيا ۽ مختلف نوعيت جا اهڙا علمي ڪم سرانجام ڏنائون، جو اسان جي مقامي عالمن لاءِ اُهي اڄ بہ علم ۽ محنت جو مثال آهن. اهڙن خفتين مان هڪڙو جارج ايبراهم گريئرسن هو، جيڪو ڊبلن (آئرلنڊ) ۾ 1851ع ۾ ڄائو ۽ سري ۾ 1941ع ۾ گذاري ويو.

گريئرسن جا ڪيو جو انجيل جون ٻه مشهور پر ننڍڙيون حڪايتون هندوستان جي مختلف ٻولين ۽ محاورن ۾ ترجمو ڪرايائين، جن جو تعداد بعد ۾ 364 پڌرو ٿيو. انهن پنگتين يا علائقن ۾ مروج رسم الخط ۾ انهن ٻن ڪهاڻين کي لکيو ويو ۽ وري رومن الف – بي ۾ انهن کي اتاريو ويو. اهڙيءَ طرح يارهن جلدن (اوڻيهه ڀاڱن) ۾ هيءَ لنگوسٽڪ سروي آو انڊيا 1903ع کان وٺي 1928ع تائين ڇپجي تيار ٿيو.

گريئرسن جي هن سروي جي اٺين جلد ۾ سنڌي ۽ لهندا جي مختلف محاورن جو سروي ڪيل آهي. ڪتاب جي شروع ۾ ٻوليءَ جي پس منظر ۽ گرامر جي قاعدن وغيره جو تفصيل ٻه ڏنو ويو آهي. گريئرسن جي ڪم جي نوعيت يورپ ۾ ان وقت ٿيندڙ لسانياتي اٽلسن جي ڪم جي نوعيت کان گھڻو مختلف هئي. يورپ ۾ سيني ٻولين ۽ محاورن جو اصل رسم الخط اِهو ئي ساڳيو رومن هو. هتي هزارن رسم الخطن جي چڪر ۾ توجه جو مرڪز بدلجي ويو. يورپ ۾ فيلڊ ورڪر ٻه عالم هئا، اُنهن تي نظرداري ڪرڻ وارا ٻه عالم هئا ۽ سيئي سروي هيٺ ايندڙ ٻولين چڱيءَ طرح ڄاڻندا هئا. هتي گريئرسن هڪڙو عالم، هزارن قسمن جون ٻوليون، اُنهن جا ڪارڪن حڪومت جا ملازم، جيڪي ٻه آيا سي اگهيا. خود گريئرسن ٻه هندوستان ۾ اچي لازمي طرح نظرياتي لسانيات جي اُن خاص وهڪري مان نڪري ويو هو جنهن ۾ يورپ وارا گهڙيا وينا هئا. اهو فرق سندس ڪتاب جي نالي مان ئي پڌرو آهي. هُتي يورپ وارا لسانياتي "اٽلسن" ۽ لسانياتي "جاگرافين" جي ڪمن ۾ رڌل هئا ته هِتي گريئرسن لسانياتي "سروي" ۾ مشغول هو.

# باب اٺون

## لسانياتي جاگرافيءَ جو ٻيو دؤر

### (ويهين صديءَ جي ٽئين ڏهاڪي کان اڄ تائين)

ويجهڙائيءَ وارن سالن ۾ انهن ساڳين ملڪن ۾ جتي اڳي لسانياتي جاگرافيءَ جو ڪم تي چڪو هو، ٽئين سر ڪم ڪيو ويو، ٻين ملڪن ۾ جتي اڃا اهڙو ڪم نہ ٿيو هو، اُتي پهريون پيرو اهڙو ڪم ڪيو ويو. انهن ٻنهي قسم جي ڪمن ۾ گذريل زماني جي ڪمن جي گس واٽ ۽ طور طريقي مان فائدو ورتو ويو ۽ اڳين اوڻاين مان سبق پرائي، طريقہ ڪار کي بهتر بنائي، ڪم کي وڌيڪ علمي سطح تي آندو ويو.

**(الف) اٽليءَ ۾ ٿيل ڪم:**

ڪارل جيبرگ ۽ جيڪب جوڊ (Jaberg, Jud) اٽليءَ جي لسانياتي ائٽلس 1928ع کان 1940ع تائين سورهن جلدن ۾ ڇاپي ڇپرائي. هيءَ ائٽلس فرانس ۾ گليئرون واري ائٽلس جي نموني تي ٺاهي وئي، پر منجهس ٻہ نيون ڳالهيون رکيون ويون.

1. لفظن جي واهپي وقت مختلف محاورن جي ثقافتي (سماجي) پس منظر کي ڌيان ۾ رکيو ويو.
2. هر شهر مان هڪ جي بدران ٻن ڄاڻن کان سوال ڪيا ويا تہ جيئن مختلف ثقافتي (سماجي) سطحن جي واهپي کي رڪارڊ ڪيو وڃي.

**(ب) فرانس ۾ ٻيهر ٿيل ڪم:**

گليئرون کان پوءِ فرانس ۾ وري البرٽ ڊئوزٽ Albert Dauzat اوڻيھ سؤ چاليهن واري ڏهاڪي جي اوائل ۾ فرانس جي نئين لسانياتي ائٽلس جو افتتاح ڪيو، جنهن جو نالو هو:

*Le Nouvel Atlas Linguistique de la France.*

گليئرون هڪ ماڻهوءَ جي سرلي ڳن تي ڀاڙيو هو پر ڊئوزٽ ڪيترن ماڻهن کي تربيت ڏئي انهيءَ ڪم تي موڪليو. ماڻهو جو جهجها هئا ته گهڻن هنڌن تي وڃي سگهيا. ڊئوزٽ جا فيلڊ ورڪر جيڪي پنهنجي خوشيئون بنا پگهار جي هن ڪم ۾ شامل ٿيا هئا، سي سوالنامي استعمال ڪرڻ بدران، اڳ سيڪاريل ۽ رٿيل طريقن سان ماڻهن کي ڳالهه ٻولهه ۾ وچڙائي ۽ موقعي تي گهربل اطلاع لاءِ ڪو موزون سوال ڪري پنهنجو مواد هٿ ڪندا ويا. ڊئوزٽ جي هن ڪم کي "عالمن جي علمي ڪم جي سهڪار" جو سهڻو نمونو سمجهيو ٿو وڃي. (Potter, 1967 p.131)

**(ج) امريڪا ۾ ٿيل ڪم:**

امريڪا جي گڏيل پرڳڻن ۾ ڪيترن ننڍن ڪمن کان پوءِ 1928ع ۾ رٿيل پروگرام مطابق هانز ڪُرات جي نظرداريءَ هيٺ نيو انگلنڊ وارن پرڳڻن (مين، هيم پشر، ورمون، ميساچوسيٽس، روڊ آئليند ۽ ڪنيڪٽيڪٽ) ۾ جيبرگ ۽ جوڊ واري اٽليءَ جي لسانياتي ائٽلس جي ماڊل تي ڪم شروع ڪيو ويو. نوَن (9) فيلڊ ورڪرن مان ڪن کي اڳ ئي لسانيات ۾ ڊاڪٽوريٽ جون ڊگريون مليل هيون ۽ اُن زماني جي لسانياتي ضابطي ۾ چڱيءَ طرح ڳنڍ ڀيڙيل هئا. ان کان سواءِ ڪم شروع ٿيڻ کان اڳ هڪ وسيع تربيتي پروگرام ۾ شامل ٿيڻو پيو جنهن ۾ کين صوتياتي رسم الخط (فونيٽڪ ٽرنسڪرپشن) جي تربيت ڏني وئي. تربيت ڏيڻ وارن مان هڪ جوڊ خود به هو.

گهڻن فيلڊ ورڪرن جي ڪري ڪم جلدي (25 مهينن ۾) (پڄائجي) ويو. پر مختلف شخصيتن جي ڪري مختلف قسم جي

مواد تي زور ڏنائون. انهيءَ ڪري جو پراڻن لفظن ۽ اصطلاحن سان ڪن ماڻهن جي رغبت گهٽ هئي تہ ڪن جي وڌيڪ.

ائٽوڊ جي خيال مطابق اهڙن مختلف فيلڊ ورڪرن کي ساڳين علائقن ۾ موڪلڻ ڪپي ها تہ جيئن هڪڙن جي مواد مان ٻين جي مواد جي پٺڀرائي يا اصلاح ٿي سگهي ها. هن چيو تہ اهڙن ماڻهن کي مختلف علائقن ۾ موڪلڻ سان مواد مان استعمال جي جاگرافيائي قوت (Geographical cleavage) ظاهر ٿيندي، جيڪا حقيقي جاگرافيائي قوت نہ پر فيلڊ ورڪر جي قوت هوندي.

نيو انگلنڊ (امريڪا) جي 213 وڏن ننڍين شهرن ۽ نيم ٻهراڙيءَ جي علائقن کي هن سروي لاءِ چونڊيو ويو. ٻهراڙي جي عوامي (Folk) ٻوليءَ بدران ڪراٽ ٽن مکيہ قسم جي خابرن جي ٻوليءَ کي شامل ڪرڻ جي رٿ ٺاهي:

- پهرئين قسم جا خابرو اُهي هئا، جن جي تعليم نہ جهڙي هئي، لکڻ پڙهڻ جي صلاحيت خير ڪا هُين(يعني ڪا نہ هُين)، ۽ سماجي ناتا محدود هئن. مڙنئي 413 خابرن مان هن پهرئين قسم جي خابرن جو تعداد 148 وڃي بيٺو.
- ٻئي قسم جا خابرو اهي هُئا، جن کي ڪجهہ تعليم حاصل هئي، لکڻ پڙهڻ جي چڱي صلاحيت هين ۽ سماجي تعلقات نسبتاً وسيع هئن. هن قسم جا 214 خابرو هٿ ڪيائون.
- ٽئين قسم جا ماڻهو ججهي تعليم وارا هئا (عام طرح ڪاليج پورو ڪيل)، مهذب پُٺ وارا هئا، لکڻ پڙهڻ ۾ پڙ هئا ۽ سماجي ناتا وسيع هُين. هن قسم جا 51 ماڻهو هٿ ڪيائون.

هنن ٽن قسمن جي گروهن مان هرهڪ کي وري عمر جي حساب سان ٻن گروهن ۾ ورهايائون.

(الف) وڏي عمر وارا يا پراڻي نموني وارا ۽

(ب) وچيين ئهي، اڌڙوٽ يا ان کان گهٽ عمر وارا

انهيءَ تقسم (ورڇ) جو مقصد اهو هو تہ مختلف ساهتي گروهن جي وڌيڪ تعليم يافتہ ماڻهن جي ٻوليءَ جي محاوراتي

خصوصيتن کي پڌرو ڪيو وڃي. خابرن جي چونڊ فيلڊ ورڪرن تي ڇڏي وئي هئي. پر اهو تاڪيد ڪيو ويو هو ته خابرو ان جڳهه جو مقامي (اصلي) رهاڪو هجي، ڪنهن ٻاهرئين هنڌ گهٽ عرصو نه رهيو هجي. عورتون به خابرو تي سگهيون ٿي، ايتري قدر جو هن جاچ ۾ اڌوگابريون خابرو عورتون ٿي هيون.

نيو انگلنڊ (امئريڪا) ۾ استعمال ڪيل سوالنامي ۾ 711 سوال هئا، جن کي ذڪڻ ۾ استعمال ڪرڻ وقت وڌائي 872 تائين آندو ويو. جيڪي ڳالهيون سوالنامي ۾ رکيون ويون سي روز مره جي تصورن سان واسطو رکندڙ هيون، ۽ اهڙيون هيون جن جي ڄاڻ اسڪول بدران خانداني ماحول ۾ زباني طور ملڻ جو وڌيڪ امڪان هجي. سوال موضوع آهر اهڙيءَ ترتيب سان رکيا ويا جو سوال پڇڻ وقت خابرو هڪ ٿنو (هڪ من وارو)، هڪ ٿنهون جواب ڏيندو اچي، هڪڙي موضوع کان ٻئي تائين اجايا شادا (ٽپ) کائيندو نه وتي. سوالنامي جا ڪي موضوع هئا. آب هوا، گهر، ٽانوَ ٽپا ۽ اوزار، گهرو جانور ۽ کاڌا. هنن سوالن ۾ اُچارن جي خصوصيتن، لفظن جي خصوصيتن، صرفي فرقن، ۽ ڪتي ڪتي نحوي خاصيتن سان تعلق رکندڙ سوال هئا. انن ڪلاڪن يا وڌيڪ جي هن انٽرويو لاءِ هر سوال کي پوريءَ طرح لفظن ۾ لکيو نه ويو هو. هر ڪارڪن جي سمجهه ۽ عقل تي ڇڏيو ويو هو ته هو ڪيئن ڪو لفظ پنهنجي خابروءَ کان اُڪلائي. پر لازمي هو ته گهربل لفظ جي نالي وٺڻ کان سواءِ ان شيءِ جي اهڙي طرح تشريح ڪئي وڃي جو ان جو صحيح تصور خابروءَ جي ذهن ۾ اچي سگهي ۽ هو پاڻمرادو اهو لفظ چوي جيڪو اُتي جا ماڻهو استعمال ڪندا هجن. ڪارڪنن کان اها توقع رکي وئي هئي ته هر خابروءَ جي حياتيءَ جو هڪ مختصر خاڪو به پيش ڪن. جوابن لکڻ لاءِ انٽرنيشنل فنيٽڪ ايسوسيئيشن جي صوتياتي الف — بي کي استعمال ڪيو ويو. نيو انگلنڊ جي سروي ۾ آواز رڪارڊ ڪرڻ جو ڪوبه اوزار استعال ڪونه ڪيو ويو. پر ٻين علائقن جو سروي، جڏهن ساڳين ماڻهن اڳتي هلي ڪيو ته فونو گراف رڪاٽ (ريڪرڊ) استعمال ڪيا ويا. ڪُراٿ جي نظرداريءَ هيٺ، 1939ع کان 1961ع تائين هيءُ

ورڪرن جي ذريعي مواد هٿ ڪيو. جنهن قسم جي مواد جي کين گهرج هئي، ان لاءِ پوسٽ واري سوالنامي تي ڀاڙڻ نٿي سگهيا. اونهاري جي وئڪيشن ۾ ٻنهي گڏجي سوالنامي جي تياري ڪئي. 1947ع جي سيپٽمبر ڊاري ڊرافٽ ڪاپي تيار ٿي. جيڪا ڪجهه فيلڊ جي ڪم کان پوءِ 1952ع ۾ ڇاپيائون. پر پوءِ ڏٺائون تہ سوال پورن جملن ۾ نہ هئڻ ڪري، ٻچڻ ۾ گهڻي تڪليف پيدا ٿئي ٿي. ان ڪري سوالنامو ٻيهر، ٽيهر ۽ چوٿون دفعو وري وري لکڻو پيو. نيٺ مڙئي سوال پورن جملن ۾ رٿيائون، جن مان شيءِ جو نالو وٺڻ کان سواءِ اهڙي نموني خابروءَ کان پڇا ڪجي جو هو پنهنجي ٻوليءَ ۾ پاڻمرادو ان شيءِ جو نالو وٺي. جيئن سوال نمبر 6_1_1 هو تہ: "اُهي پکي اوهين ڪٿي رکندا آهيو جيڪي اوهان لاءِ آنا لاهيندا آهن؟"

يا سوال نمبر 1 - 2 - 1 هو تہ: "انهيءَ ماڻهوءَ کي ڇا چوندؤ جيڪو اَنَ ڏيڻ وارن جانورن جي نظرداري ڪندو آهي؟"

سوالنامي ۾ 1095 سوال هئا، جيڪي واڌاري کان پوءِ وڌي 1270 سوال ٿي بيٺا. اُهي سوال نون (9) ڪتابڙن يا ڀاڱن ۾ ورهايل هئا. جن جا عنوان هئا:

1. ڪيتي ٻاڙي،
2. پوک،
3. جانور،
4. فطرت،
5. گهر ۽ گهر داري
6. انساني جسم،
7. عدد، وقت، ۽ آب وهوا،
8. سماجي ڪرتون، ۽
9. ناڻون، حالتون، ڪم ۽ لاڳاپا.

مختصر طور، اهي سڀ سوال هاري ۽ ان جي زندگيءَ سان واسطو رکندڙ هئا. هنن ڄاڻي واڻي ڪاڻين، مڇي مارڻ ۽ ڪورڪي ڪم ڪرڻ وارن کي پنهنجي جاچ ۾ شامل ڪونہ ڪيو. جو هاريو ڏنڏو آفاقي آهي ۽ ٻيا ڏنڌا مقامي آهن. شهرن کي بہ نظرانداز ڪيائون. هن سوالنامي جا جيڪي سوال ڪنهن بہ محاوري بابت هُئا تن مان
365 سوال صوتي نظام بابت هئا.

62 سوال صرفي نظام بابت هئا.
41 سوال جوڙجڪ نموني گرامر بابت هئا.
730 سوال لفظي صورتن بابت هئا.

سوالن ناهڻ جو ڪم سپ ڪان وڏيڪ ڏکيو لڳي. پنجن قسمن جا سوال نيث وجي بيٺا، جن کي پاڻ ڪوٺيائون:

(1) نالي ڏيڻ وارا سوال
(2) خالي جاءِ پرڻ وارا سوال
(3) ڳالهائڻ وارا سوال
(4) بدلائڻ وارا سوال ۽
(5) ابتا سوال.

(1) نالي ڏيڻ وارن سوالن لاءِ ڪنهن شيءِ ڏانهن اِشارو ڪري، يا ان جي تشريح ڪري، تصوير ڏيکاري، يا آلھ ڪري پڇيو تي ويو تہ هن کي ڇا چوندا آهيو.
مثلاً 1– 2– vi هن کي ڇا چوندا آهيو. (وار) [1_2 vi جو مطلب ٿيو ڇهين ڪتاب جي ٻئي صفحي تي پهريون سوال]
5–13 _iii اڌ ٻزن ٻچن واري ڪتي کي ڇا چوندا آهيو؟
1 – 8 – v [پيڻ جي آلھ ڪندي] آءٌ ڇا پيو ڪريان؟

(2) جملي پوري ڪرڻ واري سوال جو مثال: (vi–3–4) اهو ماڻهو جيڪو نپ نہ ڏسي سگهي ان کي ڇا چئبو........؟ [انڌو]

(3) ڳالهائڻ واري سوال جو مثال: (v–5–4) "ڪير مان ڇا ناهيندا آهيو؟" [مکڻ، پنير، ڏڌ، لسي، جهڻ]

(4) بدلائڻ وارو سوال: (vi–5–11): "جڏهن مون وٽ صوف هوندو تہ آءٌ ان کي ......[کائيندس] (انهيءَ مان وري) ڪالھ جڏهن مون وٽ صوف هو تہ مون ان کي ......." [کاڌو]

(5) ابتو سوال وري اهو جو پڇندڙ لفظ چئي ۽ خابرو ان جي تشريح ڪري مثلاً: پانڊو ڇا کي چوندا آهيو؟ ويڙهو ڇا کي چوندا آهيو؟

نون ڪتابڙن مان هر هڪ ڪتابڙي تي جواب ڏيڻ ۾ ٻہ ڪلاڪ لڳا تي، ۽ سڄو سوالنامو هفتي ۾ پورو ٿيو تي. ان ۾ اتي رسڻ، جڳھ هٿ ڪرڻ، جاڻ سڃاڻ پيدا ڪرڻ، بهترين خابرو هٿ ڪرڻ ۽ ٽيپ

رڪارڊ ڪرڻ وارو سڄو ڪم اچي ٿي ويو.

مڙني فيلڊ ورڪر تربيت يافته هئا، انهن مان ستن کي اڳ ئي صوتيات جي تعليم هئي. انهن مان پنج ڪارڪن لسانياتي جاگرافيءَ تي ڊاڪٽوريٽ جي ڊگري لاءِ انهيءَ دوران ٿيسس پيش ڪري چُڪا هُئا، جهون نه پيش ڪرڻ وارو هو. فيلڊ ورڪر جو تعليم يافته هئڻ کان سواءِ جسماني ۽ ذهني طرح مضبوط هئڻ لازمي هو جو خابرن مان سهاجهڙائي، ڪلمڪائي ۽ رمز سان گهربل اطلاع ڪڍي سگهي. خابرن جو مقامي هئڻ لازمي هو جيڪي فطري طرح اتي جو مقامي محاورو ڳالهائيندا هجن. هاري يا هاريءَ ڏنڏي سان واهپو رکڻ وارا هجن. لڪيل پڙهيل ماڻهوءَ کي ڪڏهن به ان اطلاع لاءِ استعمال نه ڪيو ويو نڪي ڪنهن اهڙي ماڻهوءَ کي جو ڪنهن خاص سبب جي ڪري ڪو ٻيو محاورو به ڳالهائيندو هجي. خابرن جو سٺ سالن جو يا ان کان مٿي هئڻ لازمي هو پر اهڙو هجي جنهن جو مٿو اڪيون، وات ۽ ڪن اچا سٺي حال ۾ هجن. هر هڪ هنڌ سوالنامو صرف هڪ دفعو استعمال ڪيو ويو پر مختلف حصن لاءِ مختلف خابرن کي به استعمال ڪيو ويو. اهڙيءَ طرح جو هڪ هنڌان ڪڏهن ٻن خابرن کان اطلاع ورتو ويو ڪڏهن ٽن کان. شروع وارن ناتجربيڪاريءَ وارن ڏينهن ۾ پنجن خابرن کي به استعمال ڪيو ويو. ڪڏهن ڪڏهن خاص خابرن کي ڳالهه ٻولهه جي دعوت ڏئي انفارمل انداز ۾ ڳالهرائي، اهو ٽيپ رڪارڊ به ڪيو ويو. ٽيپ رڪارڊ واري ڳالهه هميشه سوالنامي کان ٻاهر، اڻ لڪيل، تياري (ريهرس) کان سواءِ طبعي يا في البديهه هوندي هئي.

# باب نائون

## لسانياتي جاگرافيءَ کان سماجي لسانيات تائين

فرانس ۾ گليئرون ۽ ان کان پوءِ دئوزت وارن ڪمن تي، آمريڪا ۾ ڪراٿ ۽ سندس ساٿين جي ڪم تي، ۽ انگلنڊ ۾ اورٽن ۽ ڊئيٿ جي ڪمن تي، جيئن سنڌيءَ ۾ چڱا چوندا آهن "پلان پليءَ جو چيهه" ٿي ويو. لسانياتي جاگرافيءَ جي ميدان ۾ هنن معيارن جو ڪم وري انتيٽو آهي. انهيءَ ڪري جو هر ڪمال کان پوءِ زوال آهي. اوڻيهه سو چاليهين ۽ پنجاهن جي ڏهاڪن ۾ جيڪي ماڻهو اهڙن ڪمن ۾ رُڌل هئا، تن يا ته پنهنجا ڪم هيستائين پورا ڪري ورتا آهن، جيڪي اڃا به ڪم سان لڳا پيا آهن، تن جي ڪم جي رفتار ڍري ٿي وئي آهي. گهڻا ته پنهنجا دفتر ڪُٽن کي اڇلي وڃي گهرن يا قبرن ۾ آرامي ٿيا آهن. آئنووڊ جنهن امريڪا جي لسانياتي ائٽلس جي تشريح، تعليم ۽ فروغ تي وڏو اثر ڇڏيو ۽ امريڪا ۾ فعلن جي صورتن جي سروي تي هڪ ڪتاب به لکيائين، تنهن لسانياتي ائٽلس جي ڪم جي ڍرائيءَ جا سبب مختصر طور هن ريت ڄاڻايا آهن:

> "گهڻا محاوراتي عالم پنهنجي تحقيق کي هلائڻ لاءِ خانگي چندن هٿ ڪرڻ ۾ سُٺا پينو ثابت نه ٿيا آهن. پئسي جي کوٽ سان گڏوگڏ انساني سگهه (مئن پاور) جي به اڻاٺ رهي آهي. (۽) اهو جو بيو نمونو آهي (ائين) ڇوڙ جو ته ڏينهن بدلجي ويا آهن."

"Most dialect scholars have not been good beggars for private funds to carry on their research. Along with lack of money has gone lackof manpower which, ofcourse, is only another way of saying that times have changed". (Atwood, 1963).

ائٽووڊ چوي ٿو تہ ٻيءَ مهاياري لڙائيءَ کان پوءِ لنگوسٽڪ جاگرافيءَ جي ڪم لاءِ پئسو ڏيندڙ ادارن جي توجه جو مرڪز ٿڌي جنگ جي ڪري، ڌارين ٻولين جي تعليم ۽ انگريزيءَ ٻوليءَ جي ڌاري يا ٻي ٻوليءَ جي حيثيت سان تعليم جهڙن "سٽريٽيجڪ" ميدانن ڏانهن هليو ويو آهي. ان کان سواءِ 1930ع واري ڏهاڪي جي معاشي ڪوٽ يا بدحالي (ڊپريشن) ۽ بي روزگاريءَ واري زماني ۾ جنهن معيار جي ڪارڪنن کي معمولي پگهار تي هٿ ڪري سگهبو هو اهو اڄ وري ممڪن ناهي. لسانياتي جاگرافيءَ جي ادارن لاءِ مشڪل آهي تہ پنهنجي ڪارڪنن کي ٻين ادارن جي مقابلي جا پگهار ڏين، ۽ ٻئي پاسي ڪارڪن بہ تيار ناهن تہ آفيس يا ڪلاس روم جي آرام واري ماحول کي ڇڏي ڳوٺ ڳوٺ رُلندا وتن ۽ در در ٿاٻا کائيندا وتن. ائٽووڊ جو چوي ٿو تہ "ڏينهن بدلجي ويا آهن." سو ڏينهن گهڻين معنائن ۾ بدلجي ويا آهن. جيڪڏهن پئسن ڏيڻ وارن جو ڌيان توضيحي لسانيات ۽ ٻولين جي تعليم سان لاڳو مسئلن ڏانهن ٿي ويو آهي تہ يونيورسٽين مان ڊگرين وٺڻ وارن جي شوق جو لاڙو بہ لسانياتي جاگرافيءَ ڏانهن ناهي رهيو ۽ يونيورسٽين بہ اهڙن قسمن جي ڪورسن جي آڇ ڪرڻ بند ڪري ڇڏي آهي. ڪنهن بہ يونيورسٽيءَ جي ڪورسن جو ڪئٽلاگ کڻي ڏسو لسانياتي جاگرافي توڙي ان جا اڳواڻ "تاريخي لسانيات" ۽ "تشابهتي لسانيات" جا ڪورس ورلي ڪي هٿ اچن. جيڪڏهن ڪو مضمون يونيورسٽين ۾ نہ پڙهائبو تہ ابتدائي لسانيات جي ڪورسن جي ڪتابن ۾ اهڙو باب هرويرو ڏئي ڇا ڪبو؟ ان ڪري 1960ع ۽ 1970ع وارن ڏهاڪن ۾ امريڪا ۾ ڇپيل ابتدائي لسانيات جي ڪتابن تي نظر وجهبي تہ ڊاياليڪٽ جاگرافي يا لنگوسٽڪ جاگرافيءَ جو باب ڪٿي بہ ڏسڻ ۾ ڪونہ ايندو جيئن اڳي بلومفيلڊ يا

هاڪيٽ وغيره جي ڪتابن ۾ هوندو هو. ان جي بدران ان وقت جي ابتدائي ڪتابن ۾ ٻوليءَ جي اختلافن، تنوع يا ويرئيشن (Language variation) جهڙا باب ڏسڻ ۾ ايندا. الغرض،

"لسانياتـــي جاگـرافي" وئـي ڙي ويئي،
جهلي سوين ٻڪن ۾ پر وتين ڪان ويئي."

پئسي ۽ انساني سگهه جي ڪوٽ ڪان سواءِ، ڪي نظرياتي ڳالهيون به هيون، جن جي ڪري نج لسانيات ۾ ڪم ڪرڻ وارن جو توجه لسانياتي جاگرافيءَ تان هٽي، ٻين نظرياتي ۽ عملي "سودمند" ميدانن ڏانهن تيڙ لازمي ٿي پيو هو. ڊايالڪٽالاجيءَ جي مڙنئي اڳين اهم تصنيفن تي "لسانيات" وارن جي طرفان اها نڪتہ چيني ٿيندي رهندي هئي تہ ڊايالڪٽالاجيءَ وارا عالم نظرياتي لسانيات جي علم ڪان اکيون پوري، پنهنجو مواد گڏ ڪري، رڳو ان ڪي ڇپائي ڇڏڻ ۾ دلچسپي رکن ٿا. پنهنجي ڪم جو بنياد ڪنهن نظرياتي اصول تي نٿا رکن، نڪي پنهنجي مواد جي تشريح نظرياتي اصولن تي ٿا ڪن، حالانڪ اٺويهين صديءَ ۾ جڏهن "لسانياتي جاگرافيءَ" جو ڪم شروع ٿيو هو تہ ان کي نظرياتي پنيرائي حاصل هئي. لابوف چوي ٿو:

> "But in the 20[th] century, dialectology as a discipline seems to have lost any orientation toward the theoretical linguistics, and dialect geographers have been content to collect their materials and publish them."

لابوف جي خيال مطابق توضيحي لسانيات ۽ محاورتي لسانيات وارن جي هڪ ٻئي سان اها اڻوٽت يا بي تعلقي اُٽيهہ سو پنجاهہ واري ڏهاڪي تائين قائم رهي. ايستائين جو وچي مارٽيني (1955ع)، مولٽن (1962ع)، ۽ وينرخ (1954ع) جون لکتون ڇپيون، جن علاقائي لسانيات ۾ نظرياتي سگهہ جي پنيرائيءَ آڻڻ جي ڪوشش ڪئي، اُن هوندي بہ اهي سڀ ڪوششون لسانياتي جاگرافيءَ جي "مُئل مڙهہ" ۾ ساهہ وجهي نہ سگهيون، پر جيئن قدرت جو قاعدو آهي، لسانيات جي انهن ٻن شاخن جي لهہ وچڙ ۾ اچڻ ڪري لسانياتي جاگرافي ڪيترن مختلف قسم جي نون لسانياتي تحقيقن کي جنم ڏئي، پاڻ پنهنجا

پساهه پورا ڪري، هلندي رهي.

لسانياتي جاگرافيءَ جي اُسرڻ (پوري ٿي هلڻ) تائين جيڪي مرحلا لڳا، سي اُنهن نالن مان ئي ظاهر آهن، جيڪي ان علم لاءِ استعمال ٿيندا رهيا آهن: ڊاياليڪٽ جاگرافي، لنگوسٽڪ جاگرافي، ڊاياليڪٽالاجي، ريجنل ڊاياليڪٽالاجي وغيره. بيلي (1973 ع– ص 2–161) نيٺ تجويز ڪيو ته ڊايا ليڪٽالاجي ۽ ڊاياليڪٽ وارا نالا به غير موزون آهن. ان ڪري جو جنهن شيءِ کي "ڊاياليڪٽ" ٿو چئجي، اُها شيءِ هن ڌرتيءَ تي ته ورلي ليبي. ڊاياليڪٽ جنهن شيءِ کي چئبو هو سا هئي

"mutually intelligible forms of a language delimited by isoglossic bundles".

(پاڻ ۾ سمجهه ۾ ايندڙ ٻوليءَ جون اُهي صورتون، جنهن جون حدون ائسو گلاسز جي موڙين سان محدود ڪيل هجن.) جيڪي تحقيق مان هٿ آيو آهي سو اهو آهي ته اهي خالي ليڪون، آئسوگلاسز هڪ ٻئي سان ملن گهٽ ٿيون، هڪ ٻئي کي ڪاٽين وڌيڪ ٿيون، جڻ ته ڪو "ڊاياليڪٽ" اهڙو نج نه هوندو جنهن کي ٻين کان بلڪل الڳ ڪري سگهجي. اها حقيقت تڏهن وڌيڪ واضح ٿي ٿئي، جڏهن عمودي (سماجي) فرقن سان اُفقي جاگرافيائي فرقن کي ملائي پرکيو ٿو وڃي. اهڙيءَ حالت ۾ "محاورن" جي ڳالهه ڪرڻ بدران "عارضي (transitional) محاورن" جي ڳالهه ڪرڻ گهرجي. انهيءَ ڪري بيلي تجويز ڪيو آهي ته ڪن به لساني فرقن جي وچور لاءِ "ليڪٽ" (lect) لفظ استعمال ڪيو وڃي، ۽ هڪ ٻوليءَ جي هڪ جهڙين صورتن جي اندر رهي جيڪي گهٽ ۾ گهٽ فرق ڏسڻ ۾ اچن، انهن کي آئسو ليڪٽل فرق چئجي، ۽ ٻوليءَ جي ان تفريق کي آئسوليڪٽ (Isolect) چئجي.

جيڪي نوان علمي ميدان لسانياتي جاگرافيءَ مان نڪري نروار ٿيا آهن، اُهي سيئي ٻوليءَ جي آراڏاين لساني تفريق يا تنوع (لئنگوج ويريئيشن) هيٺ اچي وڃن ٿا. انهن مان هڪڙا سماجي لسانيات جي سري هيٺ ايندا، ۽ ٻيا وري "لئنگويجز ان ڪانٽيڪٽ" (هڪ ٻئي سان لهه وچڙ ۾ ايندڙ ٻوليون) جي سري هيٺ اچي وڃن ٿا.

# باب ڏھون

## سماجي لسانيات کان محاورن جي اڀياس تائين

**(الف) سماجي لسانيات جي اوسر:**
اها حقيقت آڳاٽي زماني کان وٺي ماڻھن کي معلوم ھئي تہ ھڪ ٻوليءَ ۾ علائقائي آراڌاين کان سواءِ سماجي ڪلاسن جي ڪري، ۽ ڳالھ ٻولھ جي موقعي (ڪانٽيڪسٽ) جي اعتبار سان آراڌايون پيدا ٿين ٿيون. وڏن اديبن جي لکتن ۾ اھڙي قسم جي ساڃاھ موجود ھئي. مثلاً شيڪسپيئر جو ھيمليٽ جڏھن مسخرن سان ٿو ڳالھائي، يا پنھنجي دوستن سان ٿو ڳالھائي، بادشاھ سان ٿو ڳالھائي يا اوفيليا سان ٿو ڳالھائي تہ سندس گفتگوءَ جو انداز ھر موقعي محل جي مناسبت سان مختلف آھي. لسانياتي علم ۾ اھڙين ويريئيشنز (آراڌاين، تفريقن يا اختلافن) ڏانھن علمي ھمدرديءَ جي نظر سان گھٽو پوءِ ڏنو ويو. لسانياتي جاگرافيءَ ۾ اھڙين آراڌاين کي اٿليءَ واري جيبرگ ۽ جوڊ جي مطالعي ۾ تڏھن جڻ اصولاً مڃيو ويو. جڏھن ھر شھر يا ھنڌ مان ٻن مختلف سماجي حيثيت جي ماڻھن کان انٽرويو ورتا ويا. امريڪا واري لسانياتي ائٽلس جي سروي جو بنياد انھيءَ اٽليءَ واري ماڊل تي ھو. ڪارڪنن کي تربيت ڏيندڙ بہ جوڊ ئي ھو. ان ڪري علائقائي آراڌاين سان گڏ سماجي آراڌاين جو بہ اھڙي طرح مطالعو ڪيو ويو جو خابرن کي سندن تعليم، لکڻ پڙھڻ جي صلاحيت ۽ سماجي ناتن جي لحاظ کان ٽن سماجي حيثيتن ۾ ورھايو ويو ۽ ھر گروھ جي خابرن کي وري عمر جي حساب سان ٻن گروھن ۾ ورھايو ويو. وڏي عمر وارا ۽ اڌڙوٽ يا ننڍي ٿھيءَ وارا. لسانياتي جاگرافيءَ جي انھيءَ سروي اھو ڏيکاريو تہ ھر ھڪ علائقي جي سماجي حيثيت ۽ عمر جي فرقن ڪري

ڏهين بلاڪ جي ستين اپارٽمنٽ جي رهاڪوءَ کان اطلاع ونبو بشرطيڪ هو پاهرئين ملڪ جو نہ هجي وغيره. اُچار جي مختلف اسلوبن (اسٽائلن) هٽ ڪرڻ لاءِ هن جيڪو انٽرويو جو طريقو جوڙيو اهو بہ پنهنجي نموني جو پهريون هو.

- آزاد ڳالهہ ٻولهہ ۽ رسمي ڳالهہ ٻولهہ جي طريقن سان الڳ مواد هٽ ڪيائين.
- ان کان وڌيڪ رسمي اچار لاءِ خابروءَ کان مضمونن جا ٽڪرا پڙهايائين ۽
- حد درجي جي احتياط واري اُچار لاءِ خابرن کان لفظن جون فهرستون پڙهايائين.

لابوف جي ڪم جي هن طريقي (ميٿڊالاجي) جي ڪم جو سماجي لسانيات جي ڪم تي وڏو اثر پيو. پر ان کان وڌيڪ اهم اثر لابوف جي "مقصديت" جو هو جنهن سان هن سماجي لسانيات تي ڪم ڪرڻ تي گهريو. لابوف ان ڳالهہ کي رد ڪيو تہ سندس مطالعن جو مقصد رڳو ٻوليءَ جي آراڌاين ۽ سماجي فرقن جو باهمي لاڳاپو ڏسڻ هو. لابوف پنهنجي ڪم کي سماجي ۽ لساني مسئلن حل ڪرڻ جي ڪوشش ڪري سمڌو. ههڙي قسم جو نظرياتي جهيڙو هن کان اڳ ادب ۽ آرٽ جي ميدانن ۾ وقت بوقت ٿيندو رهيو هو جنهن ۾ ٻن ڌرين جا نعرا هوندا هئا "ادب، ادب جي لاءِ" يا "ادب زندگيءَ جي لاءِ"، هتي بہ اهڙيءَ طرح اهو مسئلو پيدا ٿيو تہ لسانيات رڳو لسانياتي رمزن حل ڪرڻ (ڪئي جا ٻرڙ ڳولهڻ) جي اندروني شوق لاءِ هجي يا ان کي زندگيءَ جي مسئلن حل ڪرڻ لاءِ استعمال ڪجي. جيتوڻيڪ لابوف جي هن ڪم مشهور ٿيڻ کان پوءِ بہ ڪيترو ئي سماجي لسانيات جو ڪم اهڙو ٿيندو رهيو جنهن جو مقصد رڳو ٻوليءَ ۽ سماجي آراڌاين جي لاڳاپي ڏسڻ تائين محدود هو پر انهيءَ زماني جي گهڻي ڪم جو مقصد رڳو وچي تعليمي (academic) رهيو. ٻوليءَ جي تعليم لاءِ هڪڙي پاسي سماجي ۽ نسلي اقليتن جي ٻوليءَ ۽ انهن جي ٻوليءَ جي معياري ٻوليءَ سان فرق تي ڪم ٿيڻ لڳا، ٻئي پاسي معياري ٻوليءَ جي

تشريح ۽ توضيح ٿيڻ لڳي، جنهن ۾ سماجياتي پهلوءَ سان تشريح جو وارو بہ آيو.

**(ب) اقليتي گروهن جي محاورن تي ٿيل تحقيق:**

امريڪا ۾ اقليتي محاورن تي توجہ جو هڪڙو عملي سبب اهو هو جو حڪومت اقليتي گروهن جي تعليم تي توجہ ڏنو ۽ ان سان لاڳو تحقيقي ۽ تعليمي ڪم تي گهڻو پئسو سيڙايو. پئسي جي ڇڪ لسانيات وارن کي بہ ڇڪي ورتو جن اقليتي گروهن جي ٻارن جي اصل ٻوليءَ تي گهڻو تحقيقي ڪم ڪيو. ٻولين جو گهٽ يا وڌ عزت وارو هئڻ، ٻولين جي ڪري ڪن قومن جو سڌريل هئڻ ۽ ٻين جو اڻ سڌريل هئڻ ۽ هڪڙين ٻولين جو ٻين ٻولين کان گهٽ يا وڌيڪ منطقي هئڻ، يا ڪن جو ماڳهين غيرمنطقي هئڻ جهڙا غير علمي خيال گهڻو وقت ٿيو بي معنيٰ ثابت ٿي چڪا هئا، ۽ هنن لسانيات جي ماهرن جي تربيت ئي اهڙي بنيادي خيال تي آيل هئي تہ ٻولين جا ڳالهائيندڙ ڪتي بہ هجن، ڪيترا بہ هجن، سڌريل هجن توڙي اڻ سڌريل، سڀئي ٻوليون علمي نقطہ نظر کان هڪ جهڙي عزت ۽ اهميت جون مستحق آهن. انهيءَ ڪري امريڪا ۾ آراڌاين ۽ اختلافن کي عزت جي نگاهہ سان ڏٺو ويو ۽ اقليتي گروهن يا ڌارين ملڪن جي ٻارن کي، اسڪول ۾ انگريزيءَ سيکارڻ سان گڏوگڏ، پنهنجي اصلي (پهرين، يا مادري) ٻوليءَ تي فخر ڪرڻ سيکاريو ويو. سٺ ۽ ستر وارن ڏهاڪن ۾ "بائلنگول ايجوڪيشن" واري تحريڪ جو اهوئي مقصد هو. ۽ اقليتي ٻارن جي ٻوليءَ تي ٿيل ڪم مان پراڻن ماڻهن جا اُهي خيال بہ غلط ثابت ٿيا تہ ڪارا ٻين آمريڪين وانگر "ري" جو اُچار ڪري نٿا سگهن جو سندن چپ ٿلها آهن. ٿلهن يا سنهن چپن جو "ري" جي اُچار سان علمي لحاظ سان ڪوبہ لاڳاپو ڪونهي. چپن جي ٿولهہ سان جيڪڏهن ڪي اُچار متاثر ٿي سگهن ها تہ "بي پي ۽ ميم" جا هجن ها، جن جي اُچارڻ ۾ چپ استعمال ٿين ٿا، پر اهي ٽئي آواز تقريباً آفاقي آهن ۽ دنيا جي هر ٻوليءَ ۾ آهن. الغرض انهيءَ

1. **محاوراتي لحاظ سان پيدا ٿيندڙ آراڏايون:**

هي آراڏايون پنجن قسمن جون آهن:

(الف) واپرائيندڙ جي شخصيت جي اعتبار کان اسرندڙ ذاتي آراڏايون (Idiolectal varieties) نهنديون جيئن چوندا ته هيءَ فلاڻي جي ٻولي آهي. لکيل ٻولي جي لحاظ کان چئي سگهجي ٿو ته هيءَ ڪاڪي ڀيرو مل جي ٻولي آهي، هيءَ مرزا قليچ بيگ جي، هيءَ ميران محمد شاهه جي، ۽ هيءَ غلام محمد گراميءَ جي ٻولي آهي. ڳالهايل ٻوليءَ مان نه ڏسندڙ ماڻهو به آواز ٻڌي، ٻڌائي سگهندو ته ڪير پيو ڳالهائي. ذاتي آراڏايون اُچارن، لفظن جي چونڊ ۽ گرامر جي واهپي مان سڃاڻي سگهبيون.

(ب) زماني اصليت جي لحاظ کان ٿيندڙ آراڏايون (varieties according to temporal provenance) جيئن چئجي ته هيءَ پندرهين صديءَ جي ٻولي آهي، هيءَ اوڻيهين صديءَ جي، يا ويهينءَ صديءَ يا آزاديءَ کان اڳ يا پوءِ جي فلاڻي ڏهاڪي جي، جنگ کان اڳ جي، يا پوءِ جي وغيره.

(ج) جاگرافيائي اصليت واريون يا فاصلاتي آراڏايون (Geographical or spatial varieties) جيئن برطانيه جي انگريزي امريڪا، آسٽريليا، نيوزيلنڊ، هند پاڪ يا آمريڪا جون انگريزيون، يا جيئن پاڻ چونداسين ته هيءَ لاڙ جي، وچ جي، يا سري جي سنڌي آهي يا هيءَ شڪارپور جي يا خيرپور جي سنڌي آهي، يا هيءَ هندوستان جي سنڌي آهي.

(د) واپرائيندڙ جي سماجي اصليت واريون آراڏايون (varieties according to social provenance) جيئن مٿين طبقي جي ٻولي، نوجوانن جي، يا پوڙهن جي ٻولي.

(هه) واپرائيندڙ جي سمجهه ۾ اچي سگهڻ جي اعتبار سان ٿيندڙ آراڏايون (varieties according to range of intelligibility) جيئن چئجي ته ڪا معياري آرڏائي آهي ته ڪا غير معياري.

2. **ڊاياٽائپڪ پهلوئن واريون آراڏايون:**

هن سري هيٺ گريگريءَ هي آراڏايون ڄاڻايون آهن:

(الف) واپرائيندڙ جي مقصد (Purpose) واريون آراڏايون، جيئن:

(1) فني يا (2) غير فني.

(ب) واپرائيندڙ جي وسيلي (ميڊيم) واريون آراڪاين:
جيئن (1) ڳالهايل ٻولي، يا (2) لکيل ٻولي.
(ج) مخاطب سان لاڳاپي (گهاٽائپ يا ڇڙاڻپ) ظاهر ڪرڻ واريون آراڪاين. مثلاً:
(1) ذاتي سطح تي:
(1) رسمي آراڪاين
(2) غير رسمي آراڪاين.
(2) مقصدي سطح تي:
(1) سکيائي (تعليمي) آراڪاين
(2) غير تعليمي آراڪاين

گريگري، لکيل ۽ ڳالهايل آراڪاين ۾ وري وڌيڪ فرق اهو رکيو آهي:
1. ڳالهايل آراڪاين
(الف) في البديهہ آراڪاين گفتگو Spontaneous
- (Conversing)
- (monloguing)
۾ استعمال ٿيندڙ آراڪاين،
پنهنجي منهن ڳالهايل آراڪاين.
(ب) غير في البديهہ (non – spontareous)
قرأت (لئي) سان پڙهڻ واريون آراڪاين. (reciting)
لکيل شيون پڙهڻ واريون آراڪاين.
2. لکيل آراڪاين
اها آرڪائي جنهن ۾ لکيل ڳالهہ ائين پڙهجي جيئن اها لکيل نہ هجي.
لکيل ٻوليءَ واري اها آراڪائي جيڪا ضروري ناهي تہ ڪڏهن پڙهي وڃي

## ٽيبل پهريون

گريگري جي مضمون "آرڏاين جي تفريق جا پهلو" تان ورتل ٽي چارٽ:

چارٽ پهريون: محاوراتي آرڏاين جي تفريق جا تجويز ڪيل قسم

### Suggested categories of dialectal variety differentiation

| | Situational Categories | Contextual Categories | Examples of English varieties (descriptive contextual categories) | |
|---|---|---|---|---|
| User's | individuality | idiolect | Mr. X' s English, Miss Y's English | DIALECTAL VAF the linguistic reflection of reasonably pern characteristics of the USER in language situations |
| | temporal provenance | temporal dialect | Old English, Modern English | |
| | geographical provenance | geographical dialect | British English, American English | |
| | social provenance | social dialect | Upper Class English, Middle Class English | |
| | range of intelligibility | standard/non-standard dialect | Standard English, Non- Standard English | |

## ٽيبل ٻيون

### گريگري جو ٻيون چارٽ: آرڊاين جي ٻـ پهلوئي (ڊاياٽائپڪ) تفريق جا تجويز ڪيل قسم

### Suggested categories of diatypic variety differentiation

| | situational categories | contextual categories | example of English varieties (descriptive contextual categories) | |
|---|---|---|---|---|
| | purposive role | field of discourse | Technical English, Non- Technical English | |
| | medium relationship | mode of discourse | Spoken English, Written English | DIALECTAL VAR the linguistic reflection of recurrent characteristics user's USE of language in |
| User's | addresses relationship | tenor of discourse | | |
| | (a) personal | personal tenor | Formal English, Informal English | |
| | (b) functional | functional tenor | Didactic English, Non- Didactic English | |

## ٽيبل ٽيون

گريگري جو ٽيون چارٽ: "واپرائيندڙ جي وسيلي جي تعلق جي لحاظ کان ٿيندڙ آراڌايون"

suggested distinctions along the dimension of situation variation categorised as user's medium relationship



جيڪي ڳالهائيندڙ جي ذهني اٽيٽيوڊ (attitude) سان تعلق رکن ٿيون. جوز (Joos) جي اڳي پيش ڪيل ماڊل [1967] تي انهن اسلوبن جي رسمي يا غيـر رسمـي هئڻ جي پنجن لاڳيتين صورتن کي چيائون:

[1] سخت يا ٺوس.
[2] رسمي [فارمل].
[3] طبعي يا نيچرل.
[4] غير رسمي ۽
[5]ويجهڙائپ وارو [بي تڪلفاڻو يا بي حجاباڻو] جُوز وٽ رڳو نالن جو فرق هو. جنهن مان البت نقطئہ نظر جي فرق جو پتو ٻہ پيو ٿي:
[1] منجمد [فروزن]. پاري وانگي ڄميل
[2] رسمي.
[3] مشاورتي.
[4] بي اوناڻيءَ وارو. ۽
[5] وڏيڪ ويجهڙائپ وارو.

## مداخلت [انٽرفيئرنس] جي لحاظ کان اُسرندڙ آراڌايون:

اهي آراڌايون جيڪي معياري توڙي غير معياري آراڌائيءَ ۾ ڳالهائيندڙ جي اصلي ٻوليءَ جي مداخلت ڪري واقع ٿينديون هجن. گهڻ مداخلت واري پاسي. هن طبقي ۾ هندوستاني - پاڪستاني انگريزيون. جني انگريزي عام جام ڳالهائي ۽ سمڏي ٿي وڃي. پر معياري محاوري ۾ ڳالهائڻ توڙي لکڻ وقت مادري ٻولين جي اثر هيٺ اُچارن توڙي لفظن جي چونڊ ۾ آراڌايون پڏريون ٿي پونديون. مداخلت جي ٻئي آخري چيڙي تي پجنون ۽ ڪريولون اچي وينديون جن جو ڳالهائڻ توڙي سمجهڻ اُتي جي ماڻهوءَ کان سواءِ ٻئي ڪنهن بہ انگريزيءَ ڄاڻيندڙ لاءِ ناممڪن هوندو آراڌاين جو هي ماڊل انگريزيءَ کان سواءِ ٻي ڪنهن ٻوليءَ جي لاءِ بہ استعمال ڪري سگهجي ٿو.

3. **اسٽريونز جو ماڊل:**

تعليمي مقصدن لاءِ آراڌاين جي ڄاڻ جي تشريح ۾ سٽريوينز پنهنجو

هيءَ ماڊل 1977ع ۾ پيش ڪيو جنهن ۾ ڪنهن به زبان جي آراڙاين کي عملي مقصد لاءِ ٽن سِرن هيٺ ورهائي سگهجي ٿو.

(1) اُهي آراڙايون جيڪي واپرائيندڙ (user) جي فرق سان تعلق رکنديون هجن.
(2) اُهي آراڙايون جيڪي واهپي (uses) جي فرق سان تعلق رکنديون هجن.
(3) اُهي آراڙايون جيڪي سماجي تعلقات (social relation) جي فرق سان تعلق رکنديون هجن.

1. واپرائيندڙ جي فرق سان واسطو رکندڙ آراڙايون ڏيکاريندڙيون ته واپرائيندڙ جي علائقائي اصليت ڪهڙي آهي (يعني ڪٿي جو رهاڪو آهي)، ۽ سندس سماجي ۽ تعليمي تاريخ ڪهڙي آهي (يعني ڪهڙي سماجي طبقي مان آيل آهي ۽ تعليم ڪيتري اٿس). انهيءَ حساب سان جيڪي آراڙايون پيدا ٿين ٿيون، انهن کي سٽريونز محاورن (ڊاياليڪٽن) ۽ لهجن (ايڪسينٽن) جي فرق ۾ ورهائي ٿو. سٽريوينز چوي ٿو ته:

> "ٻوليءَ جون اُهي صورتون جن ۾ گروهي خصوصيتون هجن..... (ٻوءِ اُهي ڀلي علائقائي هجن، سماجي هجن، يا طرز تڪلم جون هجن) انهن کي ڊاياليڪٽ ۽ ايڪسينٽ چئبو."

**ڊايا ليڪٽ (dialect) ۽ ايڪسينٽ (accent) ۾ فرق ڪيئن ڪبو؟**

سٽريوينز (1977ع ص 134) وضاحت ڪندي چوي ٿو ته "جتي سڃاڻپ جا خاص اهڃاڻ رڳو اُچار جا هجن ته ان صورت کي لهجو (ايڪسينٽ) چئبو. جتي سڃاڻپ جا اُهڃاڻ نحوي (گرامر جا) يا صرفي [لفظي] هجن ته اُن صورت کي ڊاياليڪٽ چئبو." سٽريوينز جي چوڻ مطابق انگريزيءَ جي ڪابه آراڙائي ڪابه صورت، جيڪا ڪو به ماڻهو ڪٿي به ڳالهائي يا لکي اها ڪنهن نه ڪنهن

ڊاياليڪٽ ۾ هوندي. جنهن کي عام طرح معياري انگريزي سڏجي ٿو سا تيستائين بي معنيٰ هوندي جيستائين اهو پڌرو نہ ڪجي تہ ڪهڙي ڊاياليڪٽ واري معياري انگريزيءَ جي ڳالهہ پئي هلي. وري جڏهن اُها معياري انگريزي ڳالهايل صورت ۾ هوندي تہ ڪنهن نہ ڪنهن ايڪسينٽ (لهجي) سان واسطو رکندي.

الغرض جڏهن ڳالهائيندڙ ڪا ڳالهہ ڪري ٿو تہ ٻڌندڙ جهٽ اُن جي متعلق ڪي جاگرافيائي اندازا ڪري ٿو ونئي تہ هيءُ ماڻهو ڪٿي جو آهي. اها معلومات هو ٻڌندڙ کي هيٺين ڳالهين مان مُهيا ڪري ٿو ڏئي:

1. ڳالهائيندڙ جي علائقائي ڊاياليڪٽ (محاوري) ۽ اُن سان واسطو رکندڙ علائقائي ايڪسينٽ (لهجي) مان.

1. رڳو ينهنجي علائقائي ايڪسينٽ مان.

لکيل معياري محاورا بہ وري علائقائي ٿيندا يا غير علائقائي. انهن مان ڪنهن خاص علائقي جي خصوصيتن جي خبر پوندي يا اهڙي خبر نہ پئجي سگهندي. مثلاً سائنسي ۽ صحافتي نوعيت جي ڪتابن توڙي رسالن ۾ سڄي دنيا جا مختلف سائنسدان ۽ صحافي مضمون ڏيندا آهن. پر سندن لکيتن مان لکندڙ جي علائقائي اصليت جو پتو ڪونہ پوندو جيئن انسائيڪلوپيڊيا برٽينيڪا ۾ سنڌ ۽ بلوچستان بابت لکيل مضمونن مان لکندڙ جي علائقائي اصليت جي خبر نہ پوندي جيستائين نالي جي مخففن مان ڪنهن جاتال سڃاتال ماهر تعليم جي نالي جو پتو نہ پوي. پر انسائيڪلوپيڊيا جا اهي ماهر جڏهن ڳالهائيندا تہ ٻڌندڙ کي جهٽ احساس ٿي ويندو تہ هيءُ ماڻهو فلاڻي علائقي جو ناهي يا فلاڻي علائقي جو آهي. اها ڳالهہ انهيءَ ڪري ممڪن ٿي سگهندي جو اُهي معياري، غير علائقائي انگريزيءَ جي محاوري (ڊاياليڪٽ) کي علائقائي لهجي (ايڪسينٽ) سان ڳالهائيندا.

معياري انگريزيءَ جي انهن محاورن ۽ لهجن جي آوازن کان سواءِ سٽريوينز "ٻيءَ زبان" جي آوازن (مثلاً هندوستاني پاڪستاني انگريزيءَ ۽ پڃنن ۽ ڪريولن) جو بہ ذڪر ڪري ٿو.

2. **واهپي جي آڌار تي پيدا ٿيندڙ آراڌايون:** هنن ۾ قانوني آراڌاين واريون ٻوليون، موسيقيءَ جي ٻوليءَ واري آراڌائي، سنجيده صحافت واري ٻوليءَ جي آراڌائي، ڪرڪيٽ واري ڪمينٽري يا پين راندين توڙي ڏنڌن سان واسطو رکڻ واريون آراڌايون اچي وينديون. اهي آراڌايون پنهنجي خاص لفظن جي واهپي، توڙي گرامر ۽ اُچارن جي پهلوئن سان سڃاتيون وينديون. انهن آراڌاين کي ڪي ماڻهو "ريجسٽر" ڪري ٿا سڏين. جيئن چئجي ته تعليم کاتي وارن جي روز مره گفتگو ۾ ڪي خاص الفاظ هوندا، جي وري وري پيا استعمال ٿيندا. ڪاسائي، ڪنڀر يا ڪوري پنهنجي ڌنڌي آهر ڪي ڳالهيون پنهنجي گفتگو ۾ ضرور هر هر پيا آڻيندا رهندا وغيره.

3. **سماجي تعلقات آهر پيدا ٿيندڙ آراڌايون:** ڪير ماڻهو ڪنهن سان ڪهڙي موضوع تي ڪهڙي هنڌ ۽ ڪهڙي وقت ڳالهائي ٿو اُن مان سماجي تعلقات واريون آراڌايون پيدا ٿينديون.

# باب يارهون

## سنڌي ٻوليءَ جي آراڌاين تي تحقيق جا ميدان

جيڪي عالم ۽ محقق سنڌي ٻوليءَ تي تحقيق ڪرڻ جو شوق رکن ٿا، انهن لاءِ تحقيق جا تمام گهڻا پهلو موجود آهن. جن جي اعتبار سان تحقيق ڪري سگهجي ٿي. اول تہ سنڌي ٻوليءَ جي لسانياتي جاگرافي، لسانياتي ائٽلس ۽ لسانياتي جاگرافيءَ جي حساب سان ڊڪشنريون لکڻ جا ميدان آهن. جيڪي بنيادي آهن ۽ ٻيو مڙئي تحقيقي ڪم هوند اُن کان پوءِ ٿئي. گريئرسن جي ڪم کان اڳتي وڌي لسانيات جي اصولن مطابق هوند اُن ڪم کي اُجهائجي.

اُن کان پوءِ سماجي لسانيات جي مدد سان تحقيقون ڪيون وڃن جن ۾

- نوجوانن ۽ پوڙهن جي ٻوليءَ جون آراڌايون.
- شهر ۽ ٻهراڙيءَ جي ماڻهن جي ٻوليءَ جون آراڌايون.
- مختلف سماجي طبقن جي ماڻهن جي ٻوليءَ جون آراڌايون.
- مختلف علمي لياقت رکندڙن جي ٻوليءَ جون آراڌايون.
- هڪڙي ماڻهوءَ جي مختلف هنڌن ۽ حالتن ۾ ڳالهائڻ واري ٻوليءَ جون آراڌايون وغيره پڌريون ڪيون وڃن.
- اُن کان سواءِ هڪڙي هنڌ جي مختلف زمانن ۾ ٻوليءَ جي آراڌاين تي تحقيق ٿي سگهي ٿي.
- يا هڪڙي زماني ۾ مختلف هنڌن جي ٻوليءَ جي آراڌاين تي تحقيق ٿي سگهي ٿي.
- مختلف ڌنڌن، ڪرتن، پيشن جي ٻولين جي آراڌاين تي تحقيق ٿي سگهي ٿي

سماجي لسانيات جي مدد سان ٿيندڙ تحقيقن ۾ هڪڙو وڏو ميدان آهي لاڳاپي وارين ٻولين (Languages in Contact) جي آراڏاين تي تحقيق جو. ترپارڪر ضلعي ۾ سنڌي ٻوليءَ تي مارواڙي ۽ ڍٽڪي ٻوليءَ جو اثر آهي، اُن ڪري اُتي جي سنڌيءَ جي اُچارن، نحوي ترڪيبن ۽ لفظن جي چونڊ جون ڪهڙيون آراڏايون آهن. جيڪي ٻين ضلعن کان مختلف آهن. يا وري اُتي جي ٿري ۽ مارواڙيءَ تي سنڌيءَ جو ڪهڙو اثر پيو آهي. ٻئي پاسي سرائڪي ۽ بلوچي علائقن ۾ اتي جون ٻوليون، هڪ ٻئي تي اثرانداز ٿي رهيون آهن. اُن جي نتيجي ۾ ڪهڙيون آراڏايون پيدا ٿيون آهن: شهر جي سنڌي ٻوليءَ تي پنجابي، اردو ۽ گجراتي، ميمڻي ۽ مڪراني ٻولين جو اثر پئجي رهيو آهي، اُن ڪري اُتي جي ٻوليءَ جي اُچارن، نحوي ترڪيبن ۽ لفظي چونڊ جي حساب سان مختلف آراڏايون پئدا ٿي رهيون آهن، اُنهن ميدانن تي تحقيق ڪري سگهجي ٿي.

**(الف) ڊاڪٽر محمد قاسم ٻگهئي جو سماجي لسانيات تي ٿيل ڪم:**

سنڌي ٻوليءَ تي لسانياتي علم جي نقطهءِ نگاهه سان هيستائين ڪم ٿورو ٿيو آهي. جان ٻورڊي (1958) ۽ لڇمڻ خوبچندائيءَ (1961ع) جي سنڌي صوتيات تي ٿيل ڪمن کان پوءِ ڊاڪٽر محمد قاسم ٻگهئي صاحب يونيورسٽي آو ايسيڪس انگلنڊ ۾ "سنڌي ٻوليءَ جي سماجي لسانيات" جي سري هيٺ پي ايڇ ڊي جي ڊگريءَ لاءِ "سنڌ، پاڪستان ۾ ڳالهائجندڙ سنڌي ٻوليءَ جي آراڏائي ۽ ايندڙ ڦير گهير يا فرق جو مطالعو" جي عنوان هيٺ پنهنجو ٿيسس پيش ڪيو جنهن جو موضوع هو "سماجي لسانيات جي لحاظ کان ڳوٺاڻي ۽ شهري سنڌي جو تشابهتي مطالعو." سندن ٿيسس جرمنيءَ مان لنڪام يوروپا (EUROPA LINCOM) وارن 2001ع ۾ ڇپايو ۽ ان جو پاڪستاني ايڊيشن 2004ع ۾ آيو آهي.

هن مطالعي ۾ اول ڊاڪٽر ٻگهئي صاحب ٿيسس جي مطالعي جي مقصد ۽ ان جي حدن جي احاطي جو ذڪر ڪندي

سنڌي ٻوليءَ جي مختصر تاريخ ۽ اتي ڳالهائجندڙ ٻولين جو ذڪر ڪيو آهي. ٽئي باب ۾ تحقيق جي طريقڪار جو تفصيل ڏنو آهي. پاڻ جيڪو طريقڪار يا ميٿاڊالاجي اختيار ڪئي اٿس، ان مطابق وچولي سنڌي ڳالهائيندڙ حيدرآباد ۽ پراڻن هالن جي ٻن پنگتين يا ڪميونٽين مان جنس، عمر، تعليم ۽ سماجي مقام جي ڦرڻ مطابق مخبر چونڊي هٿ ڪيائون جن کان ٽن لسانياتي ڦرڻ بابت معلومات حاصل ڪيائون ته:

1. سنڌيءَ ۾ ٻٽا سر (diphthongs) (آءِ،ايءِ،اوءِ) آهن "ياءِ" ماءِ، پيءُ، جوءِ ۽ هوءَ جهڙن لفظن ۾ استعمال ٿين ٿا. انهن جي اچارجڻ جي ڪيفيت هيءَ آهي جو هڪڙي سُر جو اُچار پورو ٿيندي ئي ٻيو سُر شروع ٿئي ٿو. اهي ٻٽا سر (ياءِ، پيءُ، ماءِ ۽ جوءِ) جهڙن لفظن ۾ ظاهر ٿين ٿا.

فاضل محقق اول ته معلوم ڪرڻ چاهي ٿو ته اهڙا ٻٽا سر يا ڊگها آواز (diphthong) هڪ سر (آ) ۾ بدلجن ٿا يا نه. جيئن مثال طور ڳالهائيندڙ (ياءِ) مان (يا)، (پيءُ) مان (پي)، ماءِ مان (ما)، ويهه مان وي، ۽ جوءِ مان (جو) چوندا هجن. ۽ جيڪڏهن اها تبديل ٿئي پئي ۽ اهي آواز ائين بدلجن پيا فاضل محقق معلوم ڪرڻ چاهي ٿو ته اهي ڪير ڳالهائيندڙ آهن، ڪهڙيءَ جنس وارا، ڪهڙيءَ عمر ۽ ڪيتري تعليم وارا ۽ ڪهڙين حالتن ۾ ڪين اڪيلي سر (Vowel) (آ) ۾ بدلائين ٿا. ٻيو ته اهي ڪهڙا ڳالهائيندڙ آهن جيڪي اهڙي سهڪائي وارو اچار اختيار ڪرڻ بدران پنهنجي اصل ٻٽي سر واري اچار تي قائم رهڻ پسند ڪن ٿا.

2. ٻيو ته سنڌي ٻوليءَ جي لفظن جي آخر ۾ استعمال ٿيندڙ تصريفي حرڪت وارو سر (vowel) ڪري يا حذف ٿئي ٿو يا نه ۽ ڪهڙين حالتن ۾ ۽ ڪيئن ڳالهائيندڙ ڪيرائي يا حذف ڪري ٿو. جيئن (اڄُ جي بدران اڄ، هرڻُ يا هرڻَ جي بدران هرڻ) چون ٿا.

سنڌن سماج ڪيتري قدر متاثر ٿيو آهي.

9. رڌ پچاءَ جا نسخا (recipes).

10. راندين جون سهولتون.

11. ٻوليءَ جي بدلجڻ متعلق مخبرن جي راءِ.

12. صحت ۽ صفائي جي خدمتن سان واسطو رکندڙ لوڪل ادارن جي ڪار گذاري.

13. لوڪ ڪهاڻين کي ياد ڪرڻ.

انهن موضوعن تي ڪلي گفتگو ڪان سواءِ مخبر نمبر 39 جيڪو ان وقت 29 سالن جو اسسٽنٽ پروفيسر هو ۽ بظاهر انگلنڊ جون هوائون کائي آيو هو. انهيءَ کي ٻين راندين جو ته وڏو شوق هو پر ڏهن ڏونڪن (pins) واري بائولنگ جو وڏو شوقين هو تنهن اهڙو ڪم ڪيو جو پنهنجي گفتگو ۾ انگريزي لفظ ته استعمال ڪيائين ٿي ڪيائين پر 74 دفعا سر ((vowels) استعمال ڪيائين ۽ 51 جاين تي سر حذف ڪيائين. جيڪو 69 سيڪڙو ٿيو انهيءَ ڦرٽي جو. (ص 150)

اهڙي طرح ٿيل گفتگو مان هٿ آيل مواد مان فاضل محقق جو مقصد هو ته معلوم ڪري ته ٻهراڙيءَ واري ۽ شهري آراڌائي جي اعداد شمار جي لحاظ سان هڪ ٻئي سان نسبت ڪهڙي هئي ۽ ڪهڙيون آراڌايون ڇانئجي غالب ٿي وڃڻ جي صلاحيت رکنديون هيون. اهڙي طرح فاضل محقق پنهنجي مواد مان شهري ۽ ٻهراڙيءَ جي آراڌاين جي تناسب معلوم ڪرڻ لاءِ هڪڙو فارمولو به ناهي اختيار ڪيو ۽ استعمال ڪيو. (جنهن جي ڪري هن مطالعي کي ڪوائنٽيٽيٽو مطالعو (Quantitative) سڏبو. يعني سڄي ويڙهه آهي انگن اکرن جي هٿيارن جي. جنهن نندي هوندي کوڙا پڪا نه ڪيا ۽ وڏي هوندي (statistician) جي گهر يا آفيس جو در نه کڙڪايو سو هن راند ۾ پوئتي رهجي ويندو. فاضل محقق مون کي ٻڌايو ته اڳين عالمن جو ڪم هو ڳولهڻ يا سرچ ڪرڻ هاڻوڪن عالمن جو ڪم آهي ان ڳولهيل ڪم تي ريسرچ ڪرڻ يا تحقيق ڪرڻ. ڳالهه مون کي اهڙي دل سان لڳي جو مون قميص جي پلاند سان ڳانڍاپو ٻڌي رکي آهي. آئندي جي

حياتي هوندي تہ آءٌ بہ اهڙي ئي ريسرچ يا تحقيق ڪندس. پوءِ ڪٿن ياڳـا) هن فارمولا جي آڌار تي شهري آراڌائيءَ جي فرڪونسي انڊيڪس (frequency index) برابر هن طريقي سان نڪرندي جو شهري آراڌائيءَ مطابق استعمال ٿيل ڪن لفظن ڪي جوڙ ڪبو ٻهراڙي ۾ استعمال ٿيل آراڌائيءَ جي عدد سان ان جي جوڙ ڪي ونڊ ڪبو شهري آراڌائيءَ ۾ استعمال ٿيل ڪل تعداد سان انهيءَ طرح شهري آراڌائيءَ جي فرڪونسي نڪري ايندي ان جي ابتڙ وري طريقو استعمال ڪبو. ٻهراڙيءَ جي فرڪونسي انڊيڪس ڪڍڻ جو.

لفظ جي آخر واري تصريفي حرڪت لاءِ استعمال ٿيندڙ سر جي باقي رکڻ يا محذوف ڪرڻ بابت جيڪڏهن مواد هٿ ڪيو ويو. تنهن ۾ هينيان مثال خاص طور رڪارڊ ڪيا ويا. هڪڙن مخبرن ڳالهائڻ ۾ تصريفي حرڪتن لاءِ استعمال ٿيندڙ سر (vowel) استعمال ڪيا تہ ٻين نہ ڪيا.

1. (الف) هن ملڪ ۾ امن امان جي صورتحال ڏينهون ڏينهن خراب ٿيندي پئي وڃي.
1. (ب) هن ملڪ ۾ امن امان جي صورتحال ڏينهون ڏينهن خراب ٿيندي پئي وڃي.
2. (الف) اڄڪلهہ جا جوان ماڻترن جو چوڻ ئي ڪونہ ٿا ڪن.
3. 2. (ب) اڄڪلهہ جا نوجوان ماڻترن جو چوڻ ئي ڪون ٿا ڪن.

ڊاڪٽر صاحب جن ان مان اهو نتيجو ڪڍيو تہ مختلف حرف علت يا وينجنن جي پويان اهو سر جي ڪرڻ يا حذف ٿيڻ جو عمل ٿئي ٿو. انهيءَ سلسلي ۾ پاڻ پنهنجي يادداشت مان مثال ڏنا اٿن جن مان معلوم ٿو ٿئي تہ وچولي لهجي ۾ جيڪو ٻنو سر (ڊپٿانگ) آهي ۽ هڪ سر واري جيڪا حرڪت آهي سي ٻئي لاڙي لهجي ۾ ناپيد آهن. مثال طور وچولي ۾ استعمال ٿيندڙ (ياءُ، پيءُ، ماءُ، ويهہ، ٽريهہ، جوءِ، هرڻُ، چانهہ، ڳالهائجي، شامَ، صُبُوحُ، جاءِ) لاڙي لهجي ۾ آخري سر يا (vowel) کان سواءِ ٻڌڻ ۾ اچن ٿا. جيئن اهي لفظ (يا، پي، ما، وي، ٽي، جو هرڻ، ٺاهہ ڳالهائج، شام، صُبُح، جا) ڪري اچارجن ٿا. ڪاڪي ڀيرو مل آڏواڻي

ڪي بورڊ وغيره (ص 143 کان 146) اهڙيءَ طرح چوڻ ٿا ته اردو ۽ انگريزي جي اثرن ڪري سنڌي ٻوليءَ ۾ ٽي لفظي گروه (lexical classes) پيدا ٿيا آهن. اهي لفظ جيڪي اصلئون سنڌيءَ جا آهن. اردو مان اڌار ورتل الفاظ ۽ انگريزيءَ مان اڌار ورتل. چوڻ ٿا انهن مان پهرئين گروه وارن لفظن ۾ اڻ سيڪڙو سر حذف ٿين ٿا ۽ ٻيانوي سيڪڙو سرن جي باقي رهڻ جو امڪان رهي ٿو. ٻئي ڪلاس (اردوءَ تان مستعار ورتل لفظن ۾) 44 سيڪڙو سر حذف ٿئي ٿو ۽ 56 سيڪڙو باقي رهڻ جو امڪان رهي ٿو ۽ ٽئي ڪلاس (انگريزيءَ تان ورتل لفظن) ۾ ٻٽيهه سيڪڙو سر محذوف ٿيڻ جو امڪان آهي ۽ انهڻ سيڪڙو سر داخل ٿيڻ جو امڪان آهي.

ڇهين باب ۾، جتي ٻگهئي صاحب مورڏني ويجنن ۾ (ر) جي اچارجڻ يا محذوف ٿيڻ جي ڳالهه ڪئي آهي. اتي ڪنهن آراڏائيءَ جي شانائتي، معتبر يا باعزت (prestigious) هئڻ جي ڳالهه به ڇيڙي آهي ۽ ڏيکاريو اٿائون ته ڪهڙيءَ طرح خصوصاً وچولي لکيل پڙهيل عورتون ان ڳالهه تي پڪيون بيٺل هيون ته سنڌن نياڻيون (ڊ. ٽ. وغيره) کي بنا (ر) جي شامل ڪرڻ سان اچارين جو اها آراڏائي وڌيڪ شانائتي يا معتبري واري آهي. (ص 163 ۽ 164)

البته (ٽر ۽ ڊر) وارو هيءُ معاملو ڪجهه ڏکيو ۽ ڪجهه منڌل آهي، ان ڪري ان کان اڳ جو ڊاڪٽر ٻگهئي صاحب جي ڳالهه پاڻ کي سمجهه ۾ اچي ڪي وضاحتون پيش ڪرڻ ضروري آهن. اول ته هي مسئلو انگريزيءَ ۾ سٽار واٽر، يا هارڊ (star, water, hard) جهڙن لفظن جي اچارڻ جي مسئلي کان مختلف آهي. جنهن ۾ (ر) فونيم هارڊ، واٽر، يا سٽار جهڙن لفظن ۾ اصلئون موجود آهي پر اچارڻ وقت انگريزن جي ڪن لهجن ۾ حذف ٿئي ٿي ۽ انهن لفظن جو اچار (سٽا)، (واٽ) ۽ (هاڊ) (sta:, wa: ta: and ha: d:) (ر) کان سواءِ ٻڌڻ ۾ اچي ٿو. دراصل انهن لفظن ۾ (ر) اصلئون فونيم جي حيثيت ۾ موجود آهي ۽ فونيم جي حيثيت ۾ حذف ٿي ٻڌڻ ۾ نه ٿي اچي. انگريز اهو ڄاڻن ٿا. ان قياس تي جڏهن سنڌي ٻوليءَ ۾ (ر) جي حذف جي ڳالهه ٻڌائون ته سنڌن دل کي لوڏوئي ڪو نه

آهن، ۽ پاڻ پيشگوئي ڪن ٿا ته پراڻن هالن وارا ٻه سگهو ئي نوانٽين ڏانهن ورڻ شروع ڪندا جو انهن جي ٻوليءَ تي شهري ٻوليءَ جو اثر ٿيندو ويندو. ان جو ڪارڻ اهو ڄاڻائين ٿا ته ابلاغ جي ذريعن جي نوڙي يا رسي شهر تورڙي ٻهراڙيءَ جي ڳالهائيندڙن جي ڳچيءَ ڏانهن سوڙهي ٿيندي وڃي.

1. ٻئي سر جي هيڪلي سر ۾ بدلجڻ بابت اهو چون ٿا ته ڳالهائيندڙ يا مخبر جيتري قدر نوجوان ۽ وڏيڪ پڙهيل هوندا اوتري قدر اهي شهري آراڏائيءَ ڏانهن وڏيڪ لڙيل ڏسڻ ۾ ايندا.
2. لفظن ۾ تصريفي سرن جي محذوف ٿيڻ بابت پاڻ نتيجو اهو ڪڍيو اٿن ته عمر جو ڦرڦو ان معاملي ۾ تمام اهم آهي. (يعني وڏي عمر وارا پنهنجي گفتگو ۾ اهي سر باقي رکن ٿا ۽ ننڍي وهيءَ وارا حذف ڪرڻ ڏانهن لاڙو رکن ٿا.
3. مورڏني وينجن (ٺ، ڍ، وغيره) سان (ر) جي اچارڻ واريءَ آراڏائيءَ بابت به چون ٿا ته تعليم کان وڏيڪ عمر ان ڏس ۾ وڏو رول ادا ٿي ڪيو.
4. جنسي تقسيم سان پيدا ٿيل آراڏاين تي وڏيڪ نيڪا ٽپڻي ڪرڻ کان احتراز (پاسو) ڪندي، ان تي وڏيڪ تحقيق ڏانهن توجه ڇڪائين ٿا.

ڊاڪٽر صاحب پنگتيءَ جي ڇڪ ۽ فرد جي آزاديءَ جي لاڙي واري ڪشا ڪش ڏانهن اشارو ڪندي چون ٿا ته سنڌن حيدرآباد ۽ هالا جي ٻن پنگتين جي ٻولين جي هن مطالعي مان معلوم ٿيندو ته ٻوليون ڪيئن بدلجن ٿيون ۽ منجهن ڪيئن آراڏايون ٿين ٿيون، ۽ پنگتين جي انهيءَ ضرورت ڏانهن توجه ڇڪجي ٿو ته ٻوليءَ جي هيڪڙائي ۽ وحدت ۽ استقامر ڪيئن قائم رکيا وڃن.

**(ب) سماجي لسانيات، ٻوليءَ جي رٿابندي، ۽ تعليم:**

لسانياتي جاگرافي، سماجي لسانيات، ۽ ٻوليءَ جي آراڏاين تي گذريل اڌ صديءَ ۾ جيڪي تحقيقي ڪم ٿيا آهن، انهن تعليمي ميدانن ۾ ڪم ڪندڙ ماڻهن جي سوچ ويچار تي وڏو اثر ڇڏيو آهي. هنن علمن جي

اٿاٿ واري زماني ۾ ماڻهن جي فڪر ۽ عمل ۾ جيڪا غير فطري سختي هئي، ۽ جيڪا لچڪ جي اٿاٿ هئي، يا فردن ۽ گروهن جي نقطهٔ نظر کي نه ڏسڻ جي جيڪا منفي صلاحيت هئي، اُن ۾ هاڻي گهڻو فرق اچي ويو آهي. ٻين جي ٻولين سان نفرت ۽ پنهنجي ٻوليءَ سان چرپائپ جي حد تائين پيار واري صلاحيت جي بدران هاڻي ٻين جي ٻولين لاءِ عزت ۽ پنهنجي ٻولين کي سائنسي نقطهٔ نظر سان ڏسڻ جي تمنا پئدا ٿي رهي آهي. انهيءَ لچڪ ۽ نرميءَ جي ڪري خاص ماڻهو ٻولين جا ماهر آراڏين کي عزت جي نظر سان ڏسن ٿا. انهن تحقيقي ڪمن جي نتيجي ۾ لکيل ٻوليءَ جي بدران هاڻي ڳالهايل ٻولي تحقيق جو مرڪز بنجي وئي آهي ۽ ٻوليءَ جي صحيح يا غلط جو معيار جيڪو اڳي گرامر جي ڄاڻوءَ کي سمجهندا هئا، اُهو اعزاز اُن ماڻهوءَ کان ڦري ٻوليءَ جي اصل ڳالهائيندڙ مالڪ جي حوالي ڪيو ويو آهي. هاڻي ٻولي اها صحيح ناهي جيڪا گرامر وارو چوي، پر جنهن بابت ڳالهائيندڙن جي ايقاني قوت (Intuition) چوي. گهڻ ٻوليائي (ملٽي لنگول) ماحول ۾ اڳي جو پنڊت چوندا هئا ته قوم يا گروهه جي بقاءَ ۽ وحدت لاءِ ضروري آهي ته ماڻهو پنهنجي اختلافن ۽ آراڏاين کي وساري هيڪڙائي اختيار ڪن. اُها ڳالهه هاڻي غير علمي ۽ غير فطري ثابت ٿي چُڪي آهي. هاڻي ماڻهن تي واضح ٿي چڪو آهي ته وحدت لاءِ ڪثرت ضروري آهي. آراڏايون فطري آهن ۽ انهن کي هيسائڻ ۽ دٻائڻ سان غير فطري حالتون پئدا ٿين ٿيون. جيڪي قومن ۽ گروهن جي صحت لاءِ سٺيون ناهن. جڏهن اِهو صاف ظاهر آهي ته سيڪو ماڻهو پنهنجي ٻوليءَ، پنهنجي لهجي ۽ پنهنجي محاوري سان فطري چاهه رکي ٿو تڏهن ماڻهن کان پنهنجي شيءِ ڦري مٿن ٻي ڪا ڌاري ڳالهه مڙهڻ قدرت جي قانون جي خلاف آهي ۽ ان مان نڪي ڪو سماجي ڀلائيءَ جو آسرو رکي سگهبو نڪي ڪنهن سياسي حل جي اُميد رکي سگهبي. نڪي ان مان ڪو لسانياتي مونجهارو حل ٿي سگهندو.

اهڙين حالتن ۾ قومن ۽ گروهن جي لاءِ لازمي ٿيندو ته ٻوليءَ جي رٿابندي صحيح ڏس تي ڪن. جنهن ۾ فيصلا ڪيا وڃن ته ڪهڙين

ٻولين جو تعليم ۾ ڪيترو حصو هوندو ۽ انهن ٻولين کي وڌائڻ ۽ ويجهائڻ لاءِ ڪهڙا اُپاءَ ورتا ويندا.

ٻوليءَ جي رٿابندي وارو علم (Language planning) هاڻي تعليم جي ماهرن، ڪتاب لکندڙن ۽ ڇاپيندڙن، پڙهائيندڙن ۽ حڪومت جون پاليسيون ڇاپيندڙن، سڀني ماڻهن لاءِ لازمي آهي. لئنگوج پلاننگ لسانيات جي هڪ نئين شاخ آهي، جنهن تي گذريل پنجاهه سالن کان ڪم ٿي رهيو آهي.

ٻوليءَ جي صحيح رٿابندي ڪرڻ کان اڳ اِهو ضروري ٿيندو ته اهڙي رٿابندي ڪرڻ واري کي ٻوليءَ جي آراڌاين جو صحيح علم هجي ۽ رٿابنديءَ وارن کي صحيح قسم جي ڄاڻ هجي ته ڪهڙا فيصلا ڪهڙن اصولن مطابق ڪيئن ڪرڻا آهن. رٿابندي ڪرڻ تي جيڪي ماڻهو مامور هجن، انهن لاءِ لازمي هوندو ته اهڙي تربيت ۽ ڄاڻ حاصل ڪن، جنهن جي آڌار تي، جوش ۽ جذبي جي بدران عقل ۽ عملي قدمن جي لحاظ کان فيصلا ڪري سگهن.

ماڻهوءَ کي جيڪڏهن ڌرتيءَ تي سک، سانت، صلح ۽ آبروءَ سان رهڻو آهي ته اهو محبت، ميٺ ۽ هڪ ٻئي لاءِ عزت ۽ احترام، سهپ ۽ برداشت جي جذبن ڌارڻ سان ئي ممڪن ٿي سگهي ٿو. انهيءَ لاءِ ماڻهوءَ کي ڪُتي جي پڇ مان نڪري، ڏيڏر واري کوهه مان ٻاهر اچي، "منهنجي واڙي وسي، ٻين جي ٻلي پينگ ٿي وڃي" واري اصول کي ترڪ ڪري "جهانن جو خير" گهري "دوست مٺا دلدار عالم سڀ آباد ڪرين" وارو نعرو هڻي. پنهنجو به خير ۽ پر جو به خير گهرڻو پوندو. "ٻلي ته ٻَر وسن، ٻلي ته ٿَر وسن، ٻلي وسن ترايون." سيئي جهان جيڪي خلقيا اٿس، تن تي ٻلي وسون ڪري، پر اسان جو پنهنجو خير به ڪري، دهلي، دکن، ڪابل ۽ قنڌار جو خير هجي، پر ٻوءِ ٻلي:

"سائينم سدائين، ڪرين مٿي سنڌ سڪار،
دوست مٺا دلدار، عالم سڀ آباد ڪرين!"

ٻولي، تهذيب ۽ تمدن پاڻ ۾ تمام ويجهو لاڳاپو رکن ٿا ۽ انهن ۾ خوبصورتي ۽ رنگيني پيدا ڪرڻ لاءِ ضروري آهي ته آراڌاين جي

موجودگيءَ کي سهپ ۽ برداشت واري جذبي سان ڏسڻ سکجي. اهو علم ٻن طريقن سان حاصل ڪري سگهجي ٿو:

پهريون طريقو انهن لاءِ آهي جيڪي عملي ۽ تجرباتي (Empirical) علم ۾ ويساهه رکن ٿا. انهن کي جڳائي ته پاڻ تلاش ۾ جستجو ڪري ڏسن ته ڪيئن معاشري ۾ آراڌايون موجود آهن، جن کي سمجهڻ جي ضرورت آهي. دل ۾ تمنا ڪرڻ سان اهي آراڌايون متجي ڪونه وينديون. ۽ اهڙي تمنا ڪرڻ عقل سان دشمني ۽ اخلاقيات سان وير ٻرائڻ جي برابر ٿيندو.

ٻيو طريقو انهن لاءِ آهي جيڪي وحي جي معرفت آيل علم تي ويساهه رکن ٿا. جيڪڏهن اهي ويچار ڪن ته رب پاڪ ڪيئن ڌرتيءَ جا علائقا مختلف نمونن وارا پيدا ڪيا. ڪيئن آسمان يا فضا ۽ آب و هوا کي الڳ الڳ ڌرتيءَ جي حصن جي لحاظ کان آراڌو ڪيائين، انهي زمين ۽ آسمان جي نسبت سان، ڪيئن ماڻهن جي ٻولين ۽ رنگن کي مختلف ڪيائين. نه رڳو انسانن جون ٻوليون آراڌايون جوڙيائين، پر سندن رنگ به الڳ الڳ ڪيائين. اهي سڀ ڌڻي تعاليٰ جون آيتون يا نشانيون آهن. انهن جي آراڌاين سان ئي دنيا جي زينت ۽ رنگيني قائم آهي. جن کي خدا هڪڙي طريقي سان خلقيو آهي ۽ آراڌو بنايو آهي، تن کي متائي جيڪڏهن ماڻهو پائنيين ته سڄي ڌرتيءَ تي هڪ جهڙي متي هجي، هڪ جهڙا گل، ميوا ۽ گاهه پيدا ٿين ۽ سڄي ڌرتيءَ تي هڪ جهڙو آسمان، هڪ جهڙي فضا ۽ هڪ جهڙي آب هوا هجي، سڄي دنيا جا ماڻهو هڪ ٻولي ڳالهائين ۽ سڄي ڌرتيءَ جا ماڻهو هڪ جهڙي هاني ڪاني ۽ هڪ رنگ روپ وارا هجن ته اهو ڪفران نعمت ٿيندو ۽ قدرت سان وير وجهڻ جي برابر ٿيندو.

جيڪڏهن ڌڻي تعاليٰ چاهي ها ته هڪڙي نموني جي زمين، هڪڙي نموني جي آب و هوا ۽ فضا، هڪڙي نموني جي ٻولي ۽ هڪڙي نموني جو رنگ سڄي ڌرتيءَ تي چانئجي وڃي ته هو وس وارو هو پر پاڻ قدرت واري ائين ڪرڻ مناسب نه ڄاتو ۽ انهن چيئني شين ۾ اختلاف يا آراڌايون پيدا ڪيائين ۽ پاڻ چيائين ته اِهي آراڌايون علم وارن، عالمن يا سائنسدانن لاءِ نشانيون آهن.

وَمِنْ اٰيٰتِهٖ خَلْقُ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ
وَاخْتِلَافُ اَلْسِنَتِكُمْ وَاَلْوَانِكُمْ
اِنْ فِيْ ذَالِكَ لَاٰيٰتٍ لِّلْعٰلِمِيْنَ (الروم 22: 30)

۽ سندس نشانين مان آهي آسمانن ۽ زمين جو پيدا ٿيڻ
۽ اوهان جي ٻولين جو آراڊو (مختلف) هئڻ.
۽ اوهان جي رنگن جو (آراڊو هئڻ).
انهن ۾ نشانيون آهن ڄاڻن (عالمن يا سائنسدانن) لاءِ
قرآن حڪيم وٽان هيءَ تنبيهه آهي انهن ماڻهن لاءِ پنهنجي ملڪ جي اصلي ۽ بنيادي ٻولين کي ميساري ڌرتيءَ جي ماڻهن تي هڪ ڌاري ٻولي "قومي ٻولي" جي حيثيت سان مڙهڻ ٿي چاهي ۽ ان شوق ۾ اڌ ملڪ جو وڃائي ويٺا تہ بہ اڃا سبق ڪونہ سکيو اٿن.

**(ج) ٻوليءَ جون آراڊايون ۽ تعليمي فيصلا:**

تعليم جو سڄو نظام هر مرحلي تي ٻوليءَ سان ٻڌل آهي. گهڻين صورتن ۾ تعليم جي زوال يا تباهيءَ جو اصل ۽ اهم سبب ٻوليءَ جو زوال آهي، يعني ٻوليءَ جي صحيح تعليم نہ هئڻ ڪري تعليم کي صحيح طرح شاگردن تائين نٿو پهچائي سگهجي. ان ڪري تعليم ڪاتي وارن کي هڪڙي معاشري جي اندر موجود ٻولين جي نسبتي اهميت کي سمجهي، ان سمجهہ آهر تعليمي فيصلا ڪرڻ گهرجن. لسانيات جي علم کان سواءِ ۽ خصوصاً ٻولين جي لسانياتي جاگرافيءَ ۽ سماجي لسانيات ۽ ٻولين جي آراڊاين کي سمجهڻ جي علمن کان سواءِ اهڙا فيصلا ڪرڻ ممڪن ناهن. انهن علمن جي پس منظر کان واقفيت کان سواءِ اهڙا فيصلا ڪري تہ سگهجن ٿا، ۽ ماڻهو ڪندا رهيا آهن ۽ شايد ڪندا رهندا. پر هڪڙو ڪم رٿا سان ڪجي ۽ ٻيو ڪم بنا رٿا جي ڪجي، ٻنهي جو نتيجو ساڳيو ڪونہ ٿيندو. هڪڙو ڪم علم جي روشنيءَ ۾ ڪجي، ۽ هڪڙو اڻ واقفيت واريءَ اونداهي حالت ۾ ڪجي، ٻنهي جو

تنيجو هڪ جهڙو نہ ٿيندو. ٻوليءَ جي تعليم لاءِ ٻولين سيڪاربندڙ استادن کي ٻوليءَ جون خاصيتون، انهن جي اُچارن، ترڪيب، صرف ۽ لغت جي علمن کان سواءِ لسانياتي جاگرافي، ۽ ٻوليءَ جي آراڌاين جو علم ڄاڻڻ ضروري آهي.

ٻوليءَ جي تعليم تي جيڪي حڪومت جا ادارا مامور آهن، جيستائين انهن سڀني کي هڪ جهڙي يا ساڳي تعليم نہ هوندي، تيستائين ڪم جي نوعيت ۾ ان کي اڪلائڻ ۾ جيڪي دشواريون هن وقت پيش آهن، سي برقرار رهنديون. ان ڪري لسانيات ۾ خصوصاً لسانياتي جاگرافي، سماجي لسانيات ۾ ٻوليءَ جي آراڌاين جا علم ۽ لئنگوج پلاننگ جا علم جيتري قدر استادن لاءِ ڄاڻڻ لازمي آهن، اوتروئي نصاب جوڙڻ (بيورو آو ڪريڪيولم) وارن لاءِ، اوتروئي ڪتابن لکڻ (ٽيڪسٽ بڪ بورڊ) وارن لاءِ، اوتروئي امتحان وٺڻ وارن ادارن (بورڊ آو سيڪنڊري ايجوڪيشن ۽ يونيورسٽي) وارن ۽ پڙهائڻ وارن ۽ انتظام رکڻ وارن لاءِ.

**عام تعليم کي سڌارڻ لاءِ ٻوليءَ جي تعليم کي سڌارڻو پوندو ۽ ٻوليءَ جي تعليم کي سڌارڻ لاءِ اُنَ کي جديد علمي ۽ لسانياتي ڪوجنائن جي نتيجن آهر سيڪارڻو پوندو.**

۽ علم وارن ڏنو تہ هنن جملن ۾ فاعل تہ پنهنجيءَ جاءِ تي آهي ڪون..... انهيءَ وچ ۾ هندوستان جي گنهي سامتاڻي اهڙي ٻوليءَ کي "ابتي ٻولي" ڪوٺيو (4) معلوم ٿو ٿئي تہ پوءِ انهيءَ معاملي تي گهٽين سطحن تي بحث شروع ٿي ويو تہ اهڙن جملن کي "ابتي ٻولي چئجي يا نہ؟ اهڙي ٻوليءَ کي نئون تجربو چئجي يا نہ" انهيءَ کي صحيح ٻولي ۽ فطري ٻولي ڪري مڃجي يا نہ؟ لائق ليکڪ خود انهيءَ خيال جو ٿو ڏسجي تہ اهڙيءَ ٻولي کي نڪي اُبتو سمجهڻ گهرجي نڪي نئون تجربو. انهيءَ ڪري جو اهڙي ٻولي تہ "سنڌي ٻوليءَ سان گڏوگڏ پيئي هلي"، پوءِ اها نئين ايجاد ڪيئن ٿي؟ (5) ائين سمجهڻ ۽ چوڻ جي باوجود اُنهيءَ مقالي ۾ اهو ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي تہ اهڙا جملا "غلط ۽ غير فطري آهن." (6)

هِنَ زيرنظر باب ۾ اول ٻوليءَ جي ڳالهائيندڙن ۽ گرامر جي ڄاڻن جو جيڪو اختلاف هلندو اچي، ان جو مختصر جائزو ورتو ويندو. ان کان پوءِ ڳالهايل ۽ لکيل ٻوليءَ جي مختلف لهجن هئڻ ۽ انهن جي مختلف گرامري (نحوي) تقاضائن جي فرق کي واضح ڪري جهيلار ۽ لفظي ترتيب جي معيارن تي انگريزي، اردو، فارسي ۽ سنڌي ٻولين کي پرکيو ويندو جنهن مان پڌرو ٿيندو تہ نہ رڳو هڪ ئي لفظي ترتيب ۾ جهيلار جو مرڪز جملي ۾ جاءِ مٽائي سگهي ٿو پر ڪڏهن ڪڏهن جهيلار جو مرڪز (Focus of intonation) ۽ جملي جو موضوع (Theme) هڪُ ٿي سگهن ٿا. جن جي ڪري دنيا جي مڙنئي ٻولين، ويندي انگريزي زبان ۾، بہ ضرورت جي لحاظ کان "فاعل فعل مفعول" يا "فاعل مفعول -- فعل جي" لفظي ترتيب کان گريز ٿي سگهي ٿو هتي سگهجي ٿو. حالانڪہ اِها ٻولي لفظي ترتيب جي گهڻو پابند آهي ۽ اهو تہ سنڌي ٻوليءَ جي تصريفي (Inflectional) ٻوليءَ هئڻ ڪري ان کي لفظي ترتيب جي پابنديءَ جو اُهو لاچار ڪونهي جيڪو انگريزيءَ کي آهي ۽ هنن ٻنهي معيارن جي مناسبت سان اهو ثابت ڪيو ويندو تہ نہ رڳو سنڌيءَ ۾ "اُٺيو آهيان ننڊ مان" جهڙا جملا صحيح ۽ فطري جملا آهن، پر خود انگريزيءَ ۾ بہ اهڙا جملا ٻڌڻ ۽ پڙهڻ ۾ ايندا، جن کي گرامر جا ڄاڻو صحيح ٿا مڃين. (7)

1. Leave him I couldn't.....
2. His face I'm not fond of
3. John his name is.

## (الف) ٻوليءَ جي صحت جو مسئلو ۽ ان ۾ گرامر جي ڄاڻوءَ جي ذميداري

ٻوليءَ جي لفظي ۽ نحوي صورتن ۽ انهن جي صحت متعلق گهڻي وقت کان ٻه رويا هلندا اچن. هڪڙو رويو آهي "مسڪُنِ" (نـ سمنڊڙن) جو جنهن کي فرِيز "رسمي نقطئه نظر" ڪري سڏيو آهي. هيءُ نظريو ٻوليءَ جي ڪتابن، نحو ۽ صرف جي ڪتابن، تعليمي امتحانن ۾ ماپن جي ڪتابن ۽ اخبارن ۽ رسالن جي ايڊيٽوريلن ۾ وقت ۽ "بي" وقت ظاهر ٿيندو رهيو آهي. هن نظريي مطابق ٻوليءَ جي صحت جو نـ رڳو هڪ حتمي معيار ٿئي ٿو جيئن رياضي ۽ حسابن جو هوندو آهي، پر ان جا ڪي اٽل، پڪا ۽ پختا قاعدا ۽ قانون ٿين ٿا. (جن جي سُڌِ رڳو گرامر جي ڄاڻن ۽ لسانيات جي ماهرن کي هوندي آهي!) جن کي ٽوڙڻ ڪنهن بہ قيمت تي روا ناهي. ان جي ابتڙ ٻيو نظريو آهي "علمي نقطئہ نظر" وارو. (8) هيءُ نظريو ٻوليءَ جي علم جي ڄاڻن جي گهڻن ڪتابن ۾ ايندو رهيو آهي ۽ هر زماني ۾ ۽ هر هنڌ هر ٻوليءَ ڳالهائڻ وارن جي گهڻائي هن نظريي جي پوئلڳن جي هوندي آهي. هنن جو خيال آهي تہ لکيل گرامر اول تہ مثل ٻولين بابت لکيا ويا ۽ ڳالهايل ٻوليءَ بدران لکيل ٻوليءَ جو اڀياس ڪن ٿا. هنن جو خيال آهي تہ جيڪا ٻولي عوام ۾ مروج ۽ مستعمل آهي، اُها ئي صحيح ٻولي آهي. ان ۾ جيڪي ڦيرا فرق، يا تنوع ڏسڻ ۾ اچن ٿا، تن کي غلطيون نہ پر فرق، اختلاف، آراڏايون (Variations) چئبو ۽ سندن نقطئہ نظر جي لحاظ کان گرامر جي ڄاڻوءَ جو اهو ڪم ناهي تہ رستي ويندي ڳالهائيندڙن جي جيءَ پڪڙيندو وتي، پر سندس ڪم آهي تہ مستعمل ٻوليءَ جو مطالعو ڪري ان مطابق گرامر جو نظريو ناهي. جيڪڏهن ٻولي ڳالهائيندڙ ۽ گرامر ۾ ڪو اختلاف ڏسڻ ۾ اچي ٿو تہ اهو ڳالهائيندڙ جي گهٽتائي يا غلطي ظاهر نٿو ڪري، پر گرامر جي گهٽتائي (inadequacy) ظاهر ٿو

1928ع جو هڪ ايڊيٽوريل جو حوالو ڏنو اٿس. جو هڪ پروفيسر جي انهيءَ "چڙواڳيءَ" واري تجويز جي خلاف لکيو ويو تہ aren't جو مخفف ain't، جيڪو سيني ڳالهائيندڙن ان وقت ڳالهائڻ ۾ استعمال ڪيو ٿي، تنهن کي غلط نہ چئجي. اخبار لکيو: "..... هن ملڪ (امريڪا) ۾ گهٽي مقدار ۾ ردي انگريزي ٻڌڻ ۾ اچي ٿي. ان جو علاج گرامر جي قاعدن تي نظرثاني ڪرڻ ۾ نہ. پر انهن قاعدن کي وڌيڪ سخت هوشياريءَ سان اسڪولن ۾ نافذ ڪرڻ ۾ آهي..... گرامر جي قانونن ۽ رسمي استعمال خلاف (انهي پروفيسر وارو) هيءُ اعتراض هن زماني ۾ چوڌس پکڙيل لاقانونيت جي انهيءَ نامراد لاڙي جو هڪڙو بيو اظهار آهي..... شاگردن کي سيکاريو وڃي تہ صحيح ڳالهائڻ شائستگيءَ جو ثبوت آهي ۽ اهو تہ صحيح ڳالهائي سگهڻ لاءِ کين انهن قاعدن قانونن تي دسترس هئڻ کپي، جيڪي ٻوليءَ جي استعمال سان لاڳو آهن..... " (14)

ڊبليو ڊبليو چارٽرز 1924ع ۾ لکيو:

"گرامر ڪن قاعدن ۽ وصفن جي سلسلي سان واسطو رکي ٿو جيئن ـ..... سيني شاگردن ۽ استادن مان پنجانوي سيڪڙو اهڙن گهرن ۽ محلن مان اچن ٿا، جتي غير صحيح (غلط) انگريزي ڳالهائي وڃي ٿي، ان ڪري منجهانئن گهٽ وڌ هر هڪ جي مٿان اِها مشڪل ذميداري اچي ٿي تہ هو انهن خراب عادتن کي پنهنجي وس ۾ آڻي بدلائين، جيڪي هنن پنهنجي زندگيءَ جي اوائل واري زماني ۾، اسڪول ۾ اچي ٻولي ۽ گرامر سکڻ کان اڳ پرايون هيون". (15

هڪ پنگتيءَ جا پنجانوي سيڪڙو ماڻهو جيڪا ٻولي ڳالهائين سا چئجي ردي، پنج سيڪڙو ماڻهو جيڪا ٻولي ڳالهائين سا تي شاناٿي (Prestigious) ٻولي ۽ اهو ٿيو انصاف. اهڙيءَ سوچ وارا ماڻهو اڳي بہ هئا، هينئر بہ آهن. پر انهيءَ رسمي نقطئہ نظر کان سواءِ هڪ علمي نقطئہ نظر اڳين ڏينهن ۾ بہ هو. گهٽائي ساڃاهہ وارا ماڻهو هن نقطئہ نظر سان متفق هئا. (پنجانوي سيڪڙو؟) جن جو خيال هو تہ گرامر جي ڄاڻوءَ جو ڪم اهو آهي تہ پنهنجي پنگتيءَ ۾ ڳالهايل ٻوليءَ جو مطالعو ڪري ۽ ان جي تشريح ۽ توصيف (Describe). ڪري؛ سندس ڪم اِهو

نہ هو تہ ڏنڊو ڪٽي اينڊي ويندي تي صحيح ٻولي ڳالهائڻ جا قاعدا ۽ قانون لاڳو (prescribe) ڪندو وتي.

اٺويهين صديءَ جي آخري چوٿائيءَ ۾ هينري سويٽ هڪ گرامر جو ڪتاب لکيو جنهن ۾ گرامر جي ڪارج ۽ صحيح ٻوليءَ بابت لکيائين: ”جن اصطلاحن (ڪلمن) کي اڻ – گرامري ٿا چوڻ، تن جي اصطلاح لاءِ گرامر کي استعمال ڪرڻ بابت سوچيندي اها ڳالهہ ڌيان ۾ رکڻ گهرجي تہ گرامر جي قاعدن جي، ڪن حقيقتن جي بيان (description) کان وڌيڪ ڪا اهميت ڪانهي. هڪ ٻوليءَ جي عام استعمال ۾ جيڪو فقرو يا ترڪيب مروج آهي، سو بلڪل انهيءَ ئي سبب جي ڪري، گرامر جي نقطئہ نظر کان صحيح چئبو (جو اُهو زبان ۾ مروج آهي) (16)

اوٽو ييسپرسن 1909ع ۾ پنهنجو گرامر جو ڪتاب لکيو جنهن ۾ هن چيو تہ ٻوليءَ جي فرقن ۽ ڦيرين گهيرين، اختلافن يا آراڏاين کي غلط چوڻ بدران هو ان عمل کي هڪ جيئري ٻوليءَ جي ترقي پذير هئڻ جو ثبوت ٿو سمجهي ۽ گرامر کي سخت تعصبي قانونن جو مرصع ڏيکارڻ بدران (جن جي ڪري ڪن ڳالهين کي صحيح چئجي ڪن کي بلڪل غلط) هو ڪوشش ڪري اهو ثابت ڪرڻ چاهي ٿو تہ ٻولي لڳاتار لاهين چاڙهين ۽ ڦيرين گهيرين هيٺ وڌي ويجهي رهي آهي ۽ ڏيکارڻ چاهي ٿو تہ ڪيئن گرامر ماضيءَ تي بنياد رکي آئندي جي لاءِ واٽ سنئين ٿو ڪري. گرامر هڪ اهڙي شيءِ آهي، جا سدائين هڪ جهڙي اڻ بدلجندڙ ۽ ڪامل ناهي، پر ترقي پذير ۽ تڪميل پذير آهي. هڪ لفظ ۾ ڪٽي چئجي تہ انسانيت پسند (ماڻهپي وارو) آهي. (17)

1925ع ۾ گراڻن ۽ گري ”اسان جي جيئري ٻولي“ جهڙي نالي وارو هڪ ڪتاب لنڊن مان ڇپرايو جنهن ۾ هنن هڪ پنگتيءَ ۾ ڳالهايل ۽ لکيل ٻوليءَ کي گرامر جو هڪ حصو سمجهيو. گرامر کي ان جي توضيح لاءِ استعمال ڪرڻ جي سفارش ڪندي لکيائون:

”ڪنهن ٻوليءَ جو گرامر انهن قاعدن جي پٽي يا فهرست

ٻئي اگرائن ۽ ٻاٻن ۾ ورهايل حصا آهن. جيڪي ڳالهه سمجهڻ ۾ مدد ڏيندا. تجزئي ڪرڻ ۾ آساني پيدا ڪندا.

ٻئي پاسي ڏسجي ٿو ته ڳالهايل ٻوليءَ کي جهيلار آهي. ٽون (tone) آهي، آواز جي لاهي چاڙهي آهي. لفظن تي سندس اهميت ۽ ڪارج آهر زور (Stress) آهي. ڳالهائڻ وقت منهن جا تاثرات آهن. هٿن پيرن. نڪ اک، بلڪ سڄي بت جي ڀائيواري آهي. معني ادا ڪرڻ ۾ اک جو رابطو آهي. جنهن سان اڳلي جي تاثرات جي خبر پئي پوي. ٻڌندڙ وٽان ٿيندڙ اهڙن اشارن سارو ڳالهائيندڙ پنهنجو آواز گهٽائي ۽ وڌائي ٿو. لفظ ۽ جملا ورجائي ٿو. ضرورت وقت ڳالهه سڄي ورجائي ڪري ٿو. جيستائين پڪ ٿئيس ته اڳلو (مخاطب) سندس ڳالهه سمجهي ويو آهي.

هاڻي اهي سڀئي ڳالهيون لکت ۾ ڪٿان ايندييون؟ لکت ۾ ته اها به خبر ڪانه پوندي ته مون اهو جملو چوندي ڪهڙي لفظ کي جملي جي اطلاع جو مرڪز بنايو. جيڪو جملو هونئن آءُ ڪنهن دوست کي اک ڀڃي ٻوڳ ڪري چوان ها. انهيءَ جي هاڻي لکت مان ڪيئن خبر پوي ته مون ٻوڳئون چئي يا سابيئون.

انهيءَ بي سرو ساماني‌ءَ يا اپاهجپڻي جي ڪري، اسان کي لکت ۾ فطري ٻوليءَ کي ڇڏي غير فطري (20) انداز ۾، جملن جي ساخت اهڙي نموني ڪرڻي ٿي پوي جو وقت ۽ فاصلي جي دوريءَ جي باوجود پڙهندڙ کي اسان جي من جي مراد سمجهه ۾ اچي وڃي ۽ ڪنهن مونجهاري جي گنجائش نه رهي.

انهيءَ لحاظ کان لکيل ٻوليءَ جو گرامر الڳ ٿيندو ۽ ڳالهايل ٻوليءَ جو گرامر الڳ ٿيندو.

ولڪنز چوي ٿو:

"جيئن ته لسانيات جي ماهر جو واسطو ڳالهايل ٻوليءَ سان آهي. ان ڪري گرامر يا گرامر جا ٽڪرا جيڪي هو ٺاهيندو سي ڳالهايل ٻوليءَ جا گرامر هئڻ کپن، ۽ نه لکيل ٻوليءَ جا گرامر. گهڻا ماڻهو اهڙي فرق يا تنوع (Variable) کي ماڳهين گرامر مڃڻ لاءِ ٿي

تيار نه هوندا آهن. درحقيقت هو اڪثر ڳالهايل ٻوليءَ لاءِ ”گريميٽيڪل“ (گرامر جي لحاظ کان صحيح) جو لفظ استعمال ئي نه ڪندا آهن. پر اهڙي ٻوليءَ کي لازمي طرح اڻ – گرامري (Ungrammatical) چوندا آهن.“ (21)

ٻي ڳالهه ته جيئن هڪ ٻوليءَ جون جاگرافيائي آراڌايون آهن. (22)، تيئن ڪي آراڌايون سماجي نقطه نظر سان آهن ته وري ڪي ڏنڏن ڪرتن جي حساب سان، ڪي وري گفتگو جي انداز يا طرز جي لحاظ کان ٿين ٿيون. سماجي آراڌايون جو تعين ڳالهائيندڙن جي زندگيءَ جي معيار، علمي لياقت، عمر، جنس ۽ انهن مان ڪهڙو ڳالهائيندڙ ۽ ڪهڙو مخاطب آهي، ان لحاظ کان ٿينديون. هنن سماجي لهجن (سوشل ڊايلاڪيٽس يا سوشيوليڪٽس) (23) کان سواءِ ڏنڌي ڌاڙي، ڪرت، پروفيشن، جي لحاظ کان الڳ الڳ آراڌايون ٿينديون. جن کي ريجسٽرز (24) چئبو. هاڻي ڪو اُچي درجي وارو ماڻهو ٻيو ڪو نيچي درجي وارو ماڻهو ڪو لکيل پڙهيل، ڪو جٽ چاموٽ، ڪو پوڙهو پڪو بردبار، مانيٽو ساحه وارو ڪو وات ڳاڙهو واچ گودو اٿاسو ٻي – پتو جهڙا ماڻهو تهڙا ٻول. اِهي سڀ ماڻهو ڪيئن روزمره جي گفتار ۾ ”فاعل – مفعول – فعل“ جو ٽراڙو ذهن ۾ رکي ڳالهائيندا؟.

ٻولي جي رنگارنگي تنوع (variations) جي فهرستن ۾ هڪڙي فهرست ايندي طرزن (Styles) جي، جنهن مان خبر پوندي ته ڳالهائيندڙ ڪهڙي موقعي تي ڪهڙن ماڻهن سان ڪيئن ٿو ڳالهائي. هڪڙو ماڻهو جو باتني، باياڻاجي يا قانون جو ڪو ڪتاب پيو لکي، جنهن ۾ جذبات، خواهشات، محبت، نفرت، خوف، خوشيءَ جهڙو ڪو جذبو ڪونهي. نوس ڳالهيون آهن، غير جذباتي، سرد ۽ منجمد (پاري پيل، پاري هاڻا) الفاظ آهن. اهو ساڳيو ماڻهو وري ڪلاس ۾ ليڪچر پيو ڏئي. ماڻهن جي آڏو انسان جي حيثيت سان هڪ فاصلي تان. ڪنهن کي ويجهو نه اچي، نه پاڻ هيٺ ٿئي، نه ڪنهن ٻئي کي هيٺ ڪري. مؤدبانه يا تڪلف واري (فارمل) انداز ۾ ڳالهه ڪري وڃي ڪلاس مان ٻاهر نڪتو. اهو ساڳيو ماڻهو وري دڪان تي، رستي تي، گهر ۾ فطري

انداز ۾ پيو ڳالهه ٻولهه ڪري، جنهن ۾ ادب ۽ اخلاق، لحاظ ۽ مروت به رکڻي آهي، ٽيڙي ٽيگر به ڪانهي ڪرڻي، ماڻهن جهڙو ماڻهو ٿي ڳالهائڻو آهي، رسمي طريقي سان نارمل ٿي ڳالهائڻو آهي يا دوستن احبابن جي ڪچهريءَ ۾ ٿورو کلي، تڪلف تعارف جو خول لاهي، بي حجاب ٿي انفارمل انداز ۾ ڳالهائي ٿو، اجا به ويجهو پنهنجي گهرن دوستن سان ڳالهائي ٿو، زال سان يا ٻارن سان، جتي گهڻي گهرائپ، ويجهڙائپ (فيميليرٽي) آهي. هنن سيني موقعن ۽ طرزن جي لاءِ پنهنجي پنهنجي نوعيت جي لفظن جي گهرج ٿيندي، پنهنجي پنهنجي نوعيت جون نحوي ترڪيبون يا لفظي ترتيبون (ورڊ آرڊرز) استعمال ٿيندا. لکيل پڙهيل ماڻهو علمي لياقت وارو، نوڪريءَ وارو مجبور آهي ته اهڙي ٻولي ڳالهائي جا سندس اسڪول ماستر کيس ٻڌائي ته صحيح آهي ۽ عزت واري (شائستي) آهي. اهڙي ٻوليءَ ڳالهائڻ جو ڪتيو ڪائي ڏنو اٿس، سندس نوڪريءَ ۾ سندس ترقيءَ جو ڪڏهن انهيءَ تي مدار هوندو آهي ته هُو ڪيئن ڳالهائي ٿو ۽ ڪيئن لکي ٿو. پنهنجي زندگيءَ جي جنهن مقام تي آهي اُتي بيهي هو نٿو چاهي ته اهڙي ٻولي ڳالهائي، جنهن تان ماڻهو مٿس کلن يا ٽوڪون ڪن يا کيس ماڳهين نوڪريءَ مان ڪڍي ڇڏين. اجا به جيڪڏهن اهو ماڻهو لسانيات جو ماهر آهي، اديب يا شاعر آهي ته جهڙا نظريا رکندو هوندو، جهڙو ادب پڙهندو ۽ لکندو هوندو پنهنجي روزمره جي ٻولي به اهڙي نهج تي آڻي رکندو. هاڻي جيڪڏهن هڪڙو ماڻهو سائنس جا علمي ڪتاب لکندو ته اهو ويچاري لکندو ته متان خيال کي لفظن ۾ آڻيندي ڪا ڪوتاهي رهجي وڃي. اِنهيءَ جي مقابلي ۾ اڻ پڙهيل يا گهٽ پڙهيل ماڻهو آهي جنهن جي طرز جو دائرو (رينج) گهري ڪان چڙهي بي حجاب تائين (فيميليير ڪان انفارمل تائين) پورو ٿيندو جنهن فاعل، فعل ۽ فاعل ۽ مفعول جي پابندين کي نه ڪڏهن مڃيو نه ان جي پابنديءَ سان ڪڏهن پرايت پرايائين. نڪي آسرو اٿس. ته جي لسانيات جي ماهر جو چيو مڃيم ته ڪو پگهار ۾ واڌارو ٿيندو، سو جتان وٽندس اتان پيو ايندو، جتان وٽندس اتان پيو ويندو. پر سندس اها ٻولي فطري ٻولي هوندي،

ڪنهن اسڪول ماستر جي پڪيڙيل تدريسي تنظيمي پابنديءَ کان آزاد هوندي. اها تہ ٿي دنيا جي ڪنهن بہ ٻوليءَ جي ڳالهہ. اسان جي سنڌي ٻوليءَ جي وري خصوصيت اها آهي جو نج پاڪ ۽ سني ٻولي آهي ٿي ڀرڙاڙيءَ جي اڻپڙهيل ماڻهن وٽ. ان کان پوءِ هڪڙو ڪهاڻيڪار يا ناول لکڻ وارو آهي، (جنهن جي ٻوليءَ هيءَ سڄو جهڳڙو پيدا ڪيو آهي). ان ڪهاڻيڪار کي حق آهي تہ جڏهن لسانيات جي ماهر کي ڳالهائيندي ڏيکاري تہ "فاعل، فعل ۽ فاعل، مفعول" جو ان کي پابند ڏيکاري، جڏهن عام ماڻهوءَ کي ڳالهائيندي ڏيکاري تہ ان جي فطري ٻوليءَ جي عڪاسي ڪري. جيڪڏهن ياڳناڙيءَ کان سنڌ ۾ تازي آيل ڪنهن ماڻهوءَ جي ڳالهہ ڪري تہ لکندڙ کي حق آهي تہ "منهنجو پنج ڍڳي مري ويو" جهڙا جملا بہ لکي. جيڪي مادري زبان واري جو داخلي تخليقي گرامر ڪڏهن بہ تخليق نہ ڪندو.

## (ج) جهيلار جو لفظي ترتيب سان لاڳاپو:

"... اٿيو آهيان ننڍ مان" جهڙن جملن کي غير فطري يا غلط جملا انهيءَ ڪري سڏيو ويو آهي جو اُنهن جي لکڻ محل يا اُنهن جملن ۾ لفظن جي بيهڪ ۾ تبديل ڪرڻ وقت جهيلار جو اصل خيال ئي نہ رکيو ويو آهي. "بقول ڊاڪٽر الانا صاحب" بلڪ ڪهاڻيڪار کي اهو وهم ۽ گمان ۾ بہ نہ هو تہ ڪنهن گفتار ۾ جهيلار جو هجڻ اشد ضروري آهي. "(25).

اول تہ اها ڳالهہ واضح ڪرڻ تمام ضروري آهي تہ اسان جو انهيءَ ڳالهہ تي ڪو تڪرار ڪونهي تہ "ڪنهن گفتار ۾ جهيلار جو هجڻ اشد ضروري آهي." ڪڏهن ڪنهن اهڙي ماڻهوءَ کي ڪا سنڌي ٻوليءَ جي شيءِ پڙهڻ لاءِ ڏيو، جيڪو اُهي لفظ تہ پڙهي وڃي پر انهن جو مطلب نہ سمجهندو هجي، جنهن کي اها خبر نہ هجي تہ هنن لفظن مان فعل ڪهڙو، فاعل ڪهڙو ۽ مفعول ڪهڙو، ڪهڙي موڊ ۾ ڪهڙي قسم جي ڳالهہ چيل آهي. يا سنڌي رسم الخط ۾ ڪنهن انگريزي نہ ڄاڻندڙ سنڌيءَ کي پنج ست انگريزيءَ جا جملا لکي ڏيو تہ اوهان کي پڙهي ٻڌائي. اوهان کي انهيءَ جهيلار جي اهميت جي خبر پوندي، جيڪا

لکندڙ جي ذهن ۾ لکڻ وقت هُئي ۽ پڙهندڙ جي ذهن ۾ پڙهڻ وقت اچي ٿي. ان جهيلار جي لباس کان سواءِ جيڪو اسان پاڻ جملن کي پهرائيون ٿا جملا بي معنيٰ آهن. ڪڏهن اوهان ويچاريو آهي ته ڪو ڪتاب ۽ ڪا اخبار، زور سان پڙهندي اوهان هڪڙي جملي کي هڪ جهيلار ۾ ادا ڪندي ڪندي موٽ ٿا کائو. ۽ هڪ خاص جڳهه تان ٻيءَ جهيلار سان جملي کي کڻي اچي پورو ڪريو ٿا. سوچيو؟ اِنهيءَ ڪري جو پڙهڻ وقت اوهان جي ذهن وارو ڪمپيوٽر اڳڪٿي ڪندو ته اچي ته جملي جو ايندڙ حصو ڪهڙو هوندو. اها اڳڪٿي گهڻو ڪري صحيح بيهي ٿي ۽ ماڻهو صحيح نون سان صحيح جهيلار سان پڙهندو وڃي ٿو. پر ڪٿي ڪٿي لکندڙ ڪا اهڙي ترڪيب استعمال ڪري ٿو وڃي جا اوهان جي اڳڪٿي ڪندڙ ڪمپيوٽر جي ويچار کان مختلف ٿيو پوي، ان وقت اوهان فوراً پوئتي هٽو ٿا. پنتي وارو گيئر مٽائي، ۽ ڳالهه کي اُتان کڻو ٿا جتان اوهان کان غلطي ٿي هئي.

مطلب ته جيهلار ٻوليءَ جو اڻٽوٽ حصو آهي. جيئن آوازن کان سواءِ ڳالهايل ٻولي ٻولي نه ٿي ٿي سگهي، تيئن جهيلار کان سواءِ ٻوليءَ جو تصور نٿو ڪري سگهجي. جيتوڻيڪ دنيا ۾ هيتري علمي ترقيءَ کان پوءِ به اهڙو ڪو رسم الخط اڃا ايجاد نه ٿيو آهي، جنهن جي مدد سان لکندڙ جي موڊ، زور، نون ۽ جيهلار کي پڙهڻ وارو بلڪل اهڙي انداز سان پڙهي سگهي جهڙي انداز سان لکڻ واري لکيو.

اهو خيال صحيح ناهي ته لکندڙ لکڻ وقت "جهيلار جو اصول" خيال ۾ نٿو رکي، ائين ڪرڻ هُن لاءِ ممڪن ئي ناهي. ائين برابر آهي ته ڊينيئل جونز جي ڪتاب ۾ جيڪي اُصول ڄاڻايل آهن، سي دنيا جي هر ڪنهن لکندڙ ۽ ڳالهائيندڙ ڪونه پڙهيا هونا، پر انهن کي پڙهڻ ۽ ڄاڻڻ جي ڪا اهڙي ضرورت ڪانه اٿن. بهرحال جيڪو به ماڻهو ڪو جملو لکي ٿو، سو ائين لکي ٿو جيئن هُن جو ذهن سوچي ٿو ۽ ڪو به جملو ذهن ۾ جهيلار کان سواءِ پيدا نٿو ٿي سگهي. کڻي ايئن چئجي ته لکندڙ جيڪو جملو لکي ٿو سو لفظن ۽ ترتيب جي صورت ۾ جهيلار سان گڏ ذهن ۾ اچي ٿو. الفاظ جڏهن ذهن ۾ پيدا ٿين

ٿا تہ جملي جي ترتيب ۽ معنوي ۽ صوتياتي دخل کان سواءِ پيدا ٿيندا ٿين. لڪندڙ هر جملو اندر ۾ ورجائي ٿو، اَن جي موسيقي، آهنگ ۽ جهيلار سندس ذهن ۾ اچن ٿا. پوءِ ڪڏهن ايئن بہ ٿئي ٿو تہ جيڪڏهن ڪنهن ماڻهوءَ کي ڪا علمي ڳالهہ لکڻي آهي يا ڪنهن ڌارئين ماڻهوءَ کي ڪا ڳالهہ مؤدبانہ انداز ۾ چوڻي آهيس تہ اڳ لکيل جملي جي موسيقي، آهنگ ۽ جهيلار کي پرکڻ لاءِ هر لفظ کي وري وري ورجائي ٿو ۽ لفظن کي ڪاٽي ڇاٽي، اڳتي پوئتي ڪري ٿو ۽ پنهنجي اندر جمع ڪنن کان راءِ وٺي ٿو تہ جيئن جملو ڪنن کي ڀاڙو نہ لڳندو هُجي، تان جو جملي جي ساخت ۽ بيهڪ جي موسيقيءَ مان سندس اندر جا ڪن راضي ٿا ٿين ۽ ڳالهہ کي اڳتي وڌائي ٿو.

ان کان سواءِ جيئن زنده رهڻ، ساهہ کڻڻ، هلڻ، ڦرڻ، جي عملن کان اڳ اسان جي لاءِ اهو ضروري ناهي تہ طبي علم ۽ علم بدن ۾ جيڪا ترقي ٿي آهي ان جي ڄاڻ رکون، يا بدن ۾ موجود عضون جي ڪارڪردگيءَ جي واقفيت رکون، ڦڦڙن جي ساخت، انهن جي ڪم جي طريقي کان واقف ٿيون يا مُشڪن جي بناوت ۽ رت جي نهڻ ۽ سڙڻ جي عملن جي سُڌِ رکون، تيئن اسان لاءِ اهو بہ ضروري ناهي تہ ڳالهائڻ يا لکڻ کان اڳ صوتيات جو علم ڄاڻون يا جهيلار جا اُصول ڊينيئل جونز جي ڪتاب مان پڙهي ياد ڪريون. اسان جي نامياري ليکڪ جو اهو قول جهيلار جي عالمن تي ٺٺولي آهي تہ "بلڪ ڪماٽيڪارن کي اهو وهم ۽ گمان ۾ بہ نہ هو تہ ڪنهن گفتار ۾ جيهلار جو هجڻ اشد ضروري آهي." (ص 138)

صوتيات، جهيلار، گرامر ۽ لسانيات تہ ڊاڪٽرن، ماهرن ۽ ذاهن ماڻهن جي ذهانت ۽ قابليت جا اوزار آهن، انهن جي ڄاڻڻ جي اَنَ عام ماڻهوءَ کي ڪهڙي ضرورت آهي، جيڪو اُها فطري ٻولي ڳالهائي ٿو جيڪا پنهنجي چوڌاري ٻڌي ٿو ۽ ذهن جي خداداد لياقت کي استعمال ڪري سگهي ٿو. ڪنهن گرامر جي ڪتاب کي پڙهي ڪونہ ٿو سگهي. جنهن کيس پيدا ڪيو آهي، اِهو ئي کيس ٻڌڻ جي صلاحيت بہ ٿو ڏئي.

خَلَقَ الْاِنْسَانَ عَلَّمَهُ الْبَيَانَ (الرحمان 3—55:2)

زير بحث مضمون جي جهيلار وارو حصو جيڪو مهراڻ 2/ 1979ع جي صفحي 136 تي هيٺان کان انهين سٽ کان شروع ٿي آخر تائين پهچي ٿو علمي وڏائيءَ ۽ لاچاريءَ جو عجب مرصع آهي. انهيءَ ڪري جو هن کان اڳ اِهو ٻڌايل قاعدو ته "جملي جي بيهڪ ۾ پهريائين هميشه فاعل جاءِ وٺي بيهندو پوءِ مفعول ۽ ان کان پوءِ فعل "جهيلار جي هن بحث کي پهچي پاڻ ئي ٽُٽي ٽڪرا ٽي پيو. ليکڪ صاحب جي چوڻ مطابق "انهيءَ ڪري هر تحرير ۽ تقرير ۾ جملي جي ترتيب، عبارت ۽ اسلوب جو انداز جهيلار ۾ تبديلي ۽ ڦير ڦار آڻڻ سان، ڦيرائي سگهبو آهي. جهيلار ۾ تبديلي آڻڻ سان جملي ۾ لفظن جي ترتيب ۾ به تبديل ايندي ته اصل معنيٰ ۾ به فرق ايندو." ان هوندي ائين ڪونه چئبو ته اِهي ڪماٽيڪار آهن جيڪي جاهل آهن، جهيلار جي علم کان بي خبر آهن، ۽ "فاعل ۽ مفعول" جي اصول کي ٽوڙي نئين نسل کي گمراهه ڪري رهيا آهن.

### 1. انگريز ٻوليءَ جي جهيلار جا ڪي نمونا ۽ انهن جا اُصولَ:

هن بحث ۾ اول ته اهو ياد رکڻ گهرجي ته جيتوڻيڪ گرامر جا ڪي آفاقي پهلو آهن جي سڀني ٻولين ۾ هڪ جهڙا هوندا آهن. (21) اُن جي باوجود هيءُ بحث انگريزي ٻوليءَ جي جهيلار متعلق آهي. سنڌي جهيلار متعلق جيڪو ٿورو گهڻو ڪم ٿيل آهي (25) اهو اسان جي هن بحث ۾ ايڏو مفيد ڪونهي. ان لاءِ جيستائين ڪو ڄاڻو ماڻهو سنڌي ٻوليءَ جي جهيلار جا نمونا گڏ ڪري، انهن جا اُصول مرتب ڪري ڪو نظريو نه ٺاهي ۽ وڏيڪ تحقيق تي ان کي ٻيا ماڻهو نه پرکين، تيستائين هنن ڳالهين جا خيالي نتيجا ڪڍي انهن تي نظريا ٻڌڻ اجايو آهي. ان کان سواءِ لسانيات جي ڄاڻوءَ جي لاءِ اهو تمام ضروري آهي ته جنهن ڪتاب کي (مثلاً ڊينيئل جونز جي) هو سَنَدَ بنائي ماڻهن کي "فاعل — فعل" ۽ "فاعل —مفعول" جي ترتيب جو قانون ڏئي ٿو ۽ ان سان لڳندڙ جهيلار سان ڳالهائڻ تي مجبور ڪري رهيو آهي، ان کي چڱيءَ طرح سمجهي ۽ ان کان اڳ ۽ پوءِ جي ٿيل تحقيق تي به نظر رکي. جيڪي

ٽڪرن (يونٽن Units) ۾ ورهائي ٿي ۽ اها ورهاست ڳالهائڻ وقت جهيلار مان ظاهر ٿيندي آهي. هنن مان جهيلار جو هر يونٽ هڪ اطلاعي يونٽ جي نمائندگي ڪندو آهي ۽ اُها جاءِ جتي زور جو مرڪز ٿيندو سا اطلاع جو مرڪز هوندي آهي. هڪ جملي ۾، جيئن اڳي چيوسين، گهڻو ڪري هڪ ٽون يونٽ هوندو، پر جيڪڏهن جملي جي شروع ۾ ڪو ظرف وارو فقرو هوندو ڪو تنبيل ڪلمو يا ندائي اسم هوندو تہ ان فقري يا ڪلمي يا لفظ وارو حصو بہ هڪ الڳ ٽون يونٽ ٺاهيندو.

1. گذريل سال، اسان موڪلون مريءَ ۾ گذاريون (ٻہ ٽون يونٽ)
2. جپاني، جن جي محنت ملڪان ملڪ مشهور آهي، صنعت ۽ حرفت ۾ دنيا کي ماريو بيٺا آهن. (ٻہ ٽون يونٽ)
3. احمد، ٽون هلندين؟ (ٻہ ٽون يونٽ)
4. پڇاڙيءَ وارو مرڪز ۽ تقابلي مرڪز

(end focus and contrastive focus)

انگريزي ٻوليءَ ۾ جهيلار جي ٽون جو مرڪز عام طرح جملي جي آخري ڪليل ڪلاس جي لفظ (اسم، فعل، صفت ۽ ظرف) جي زور ڏنل حصي تي پوندو آهي. عام طرح واري اهڙيءَ جهيلار کي پڇاڙيءَ واري مرڪز واري جهيلار (end focus intonation) چئبو آهي. جيئن، جيڪڏهن چئجي:

1. Dỳlan Thomas was born in SWAN sea.

2. (ڊلن ٿامس سوانسي ۾ ڄائو)

انگريزي جملي جي آخري لفظ سوانسيءَ جي پهرئين پد "سوان" تي زور پوندو. اهو پڻ عام طرح اطلاع جو مرڪز ٿيندو ۽ اهو ئي جيهلار جو مرڪز بہ هوندو. پر جيڪڏهن ڪو خاص مقصد ادا ڪرڻو هوندو آهي تہ ڪليل ڪلاس جي آخري لفظ بدران جملي ۾ ٻيو ڪو بہ لفظ پوءِ پلي ڪليل ڪلاس جو هجي يا بند ڪلاس جو اطلاع جو مرڪز ٿي سگهندو آهي ۽ انهيءَ ڪري جهيلار جي نيوڪلئس بہ ان تي ئي ڪرندي آهي. اهڙي مرڪز کي تقابلي مرڪز (contrastive focus) چئبو. مثئين "ڊلن ٿامس سوانسيءَ ۾ ڄائو". واري مثال ۾ ڏنوسين

تہ عام بيان جملي ۾ سوانسيءَ جي "سوان" پد تي زور پيو. پر جيڪڏهن ڪنهن ماڻهوءَ اها ڳالهہ چڱي طرح نہ ٻڌي، ۽ پڇڻو پوي تہ "سوانسيءَ ۾ ڪير ڄائو؟" تہ ان کي جواب ڏيڻ لاءِ چئبو.

2. Dylan **THOmas** was (born in Swansea)

(ڊلن ٿامس (سوانسيءَ ۾ ڄائو هو) اهڙي ئي طرح ٿامس جي "ٿام" تي زور پيو) "بارن اِن سوانسي" کي ڏنگين ۾ رکڻ جو مطلب آهي تہ چوڻ واري کي اختيار آهي تہ انهي فقري کي حذف ڪري يا چوي). پر فرض ڪيو تہ ڪنهن ٻڌندڙ اها ڳالهہ صحيح نہ ٻڌي، جمڻ جي بدران پاياڻين تہ ڊلن ٿامس سوانسيءَ ۾ پڙهيو هو. پڪ ڪرڻ لاءِ پڇيائين "ڇا ڊلن ٿامس سوانسيءَ ۾ پڙهيو هو؟" ڳالهہ ٻڌائيندڙ سواليءَ جي تصحيح ڪندي چوندو.

3. No, he was **BORN** in Swansea.

(نہ، هُو سوانسيءَ ۾ ڄائو هو) زور جا بہ مرڪز ٿيا "نو ۽ "بارن"

عام طرح اسم ۽ ان جي صفت مان اسم تي زور ايندو. "ڊلن ٿامس" واري فقري ۾ ڊلن جڙ ٿامس جي توصيف ٿو ڪري (ڪهڙو "ٿامس"؟ ڊلن) ان ڪري عام ڳالهايل جملي ۾ "ڊلن" تي زور ڪونہ ايندو. پر جيڪڏهن ڳالهہ ٻڌندڙ کي پڪ نہ بيني تہ ايڊورڊ ٿامس جي ڳالهہ پئي هلي يا ڊلن ٿامس جي، ۽ پڇڻو پوي تہ "ڇا ايڊورڊ ٿامس سوانسيءَ ۾ ڄائو هو" تہ ان جي تصحيح لاءِ چئبو.

4. No, **Dylan** Thomas (was barn in Swansea)

(نہ ڊلن ٿامس سوانسيءَ ۾ ڄائو هو) تہ زور آيو "ڊلن" تي.

اهڙيءَ طرح لفظن ۽ فقرن تان تہ مرڪزي زور بدلجي ٿو. پر ويندي هڪ لفظ جي پدن تائين اِها ويڙهہ هلي ٿي. (ڏسو ڪورڪ ص 939) ۽ مرڪز بدلجڻ جو هڪڙو سبب "نئين اطلاع" کي اهميت ڏيڻ بہ آهي.

4. موضوع جو جهيلار جي مرڪز تي اثر:

جهيلار جي مرڪز (focus of intonation) ڪان سواءِ جملي جو پيو هڪ اهم جزو آهي موضوع (Theme) جو جنهن جي باري ۾ سڄو جملو چيل

"In formal speech, it is quite common for an element to be fronted with nuclear stress, and thus to be 'marked' (or given special emphasis) both thematically and information ally"

1. انهيءَ حساب سان ڪڏهن فاعل جو وڏاءُ فاعل جي جاءِ تي اچو ويهي. (33)

2. الف: جو نالو آهيس. JOE his name is (1.a)

عام طرح چئجي ها، "هز نيم از جو" ۾ نيم تي زور پوي ها.

(ب) صفا احمق مون پاڻيو (پاڻ کي) .. An utter fool I felt too (1.b)

عام طرح چئجي ها "آءِ فيلٽ ائن اٽر فول" ۾ فول تي زور پوي ها.

ڪڏهن مفعول جو وڏاءُ فاعل جي جاءِ تي اچو ويهي:

(الف) ويساهين تون انهيءَ کي تو چوين؟ 2. Relaxation you call it!

هن طريقي جي توضيح ڪندي ڪُورڪ ۽ سندس ساٿي لکن ٿا تہ ائين تو معلوم ٿئي جڻ موضوع وارو جزو پهريون ٻولُ آهي، جيڪو ڳالهائيندڙ جي ذهن ۾ اچي ٿو ۽ جملي جا باقي ٽڪرا پوءِ ويچاريل جي حيثيت سان جڻ ان ۾ پوءِ وڌائجن ٿا. (34)

"It is as if the thematic element is the first thing that strikes the speaker, and the rest is added as after thought".

زير بحث مضمون جو فاضل مصنف لکي ٿو:

"هن ڏس ۾ اسان جا نقاد ۽ اُبتي ٻوليءَ وارا اديب ڪنهن انگريزي يا فرانسيسي ڪماٽيڪار جا مثال يا ڪو مثال دليل طور ڏئي سگهندا، جن ۾ ٻوليءَ جي اصولن کي ڦيرايو ويو هجي." (35)

"ٻوليءَ" جا اُهي اصول ڪهڙا آهن، تنهن لاءِ فاضل مصنف لکي ٿو:

"سنڌي ٻوليءَ جي عام نحوي سٽاءُ موجب ڪنهن بہ جملي ۾ پهرين فاعل پنهنجي جاءِ وٺي بيهندو آهي ۽ ان کان پوءِ مفعول ايندو آهي ۽ آخر ۾ فعل. روز مره، گفتار واري ٻوليءَ جو هر جملو انهن اصولن ۽ قانونن جو پابند هوندو آهي". (36)

ٻوليءَ جي اصول ڪي ڦيرائڻ جي ڳالھ ڪونہ ٿا ڪريون، پر اهي مثي ڏنل جملا ۽ هيٺ ڄاڻايل ٻيا مثال ڪنهن ڪماڻيڪار جي افساني يا ناول تان نہ، پر عصر حاضر جي معتبر لسانيات جي ماهرن جي لکيل ان گرامر تان ورتل آهن، جيڪو اڄ لسانيات جي دنيا ۾ مستند مڃيو وڃي ٿو.

ڪُورڪ ۽ سندس همڪار (37) پنهنجي هن گرامر ۾ موضوع (جملي جي شروع وارو جزو) جي جاءِ تي ايندڙ اهڙن لفظن جا گهڻا مثال ڏنا آهن، (38) جيڪي عام گرامر ۾ هوند جملي جي ڪنهن ٻئي حصي ۾ اچن. ڳالهايل ٻوليءَ جا ڪي مثال مٿي ڏناسين. انهن کان سواءِ خطيبانہ (rhetorical) ٻولي ۾ لکيل ٻوليءَ جا بہ اهڙا مثال ڏنا اٿن.

1. خطيبانہ ٻوليءَ ۾ جاءِ مٽايل موضوع جا مثال:

1. His face I'm not FOND of .........

هن جملي ۾ حرف جر آو (of) جو واڌارو (هز فيس His Face) موضوع جي حيثيت سان استعمال ٿيو آهي. هن ۾ "فيس" ڪرندڙ جهيلار سان چئجي ٿو ۽ "فانڊ" لفظ ڪِرِيءَ اُڀرندڙ ٽون سان ڳالهائبو. سنڌيءَ ۾ چئجي "سندس ٻوٿ جو آءٌ گهورو ناهيان" عام طرح هوند هيءُ جملو چئجي ها. آءٌ سندس ٻوٿ جو گهورو ناهيان.

2. but his CHARActer I desPISE

"پر سندس لڇڻ آءٌ ڌڪاريان ٿو..." جملي جي هن حصي ۾ CHARA ۽ PISE وارن پدن تي زور آيو ۽ اهي ٻئي ڪرندڙ ٽون سان اُچاريا ويا. هن جملي ۾ اتمامي مفعول (ڊائريڪٽ آبجڪيٽ) موضوع جي جاءِ تي استعمال ٿيو آهي. هونئن هوند عام طرح چئجي ها.

But I despise his character

"پر آءٌ سندس لڇڻ ڌڪاريان ٿو" (مون کي سندس لڇڻن سان نفرت آهي).

RICH I may be (but.......)

(سکيو ڪٿي آءٌ هجان.....)

هن جملي ۾ فاعل جو وڌاءُ، نئين معنيٰ ۾ موضوع جي حيثيت سان آيو آهي، هونئن عام طرح چئجي ها.

LEAVE him I COULD n't (I may be rich [but]....)

(ڪرندڙ) (ڪري اڀرندڙ)

(ڇڏي تہ) ڪيس آئون نٿي سگهيس....)
پريڊيڪيشن جو فعل موضوع جي حيثيت سان. هونئن عام طرح هوند چئجي ها
(I couldn't leave him) (but atleast I could make his life a misery, I have promised to do it. So do it I SHALL

هونئن هن طرح چئجي ها.

And I shall do it

2. لکيل علمي ٻوليءَ ۾ جاءِ مٽايل موضوع جا مثال:
1. Most of these problems a computer could take in its stride.
انهن مان گهڻا مسئلا ڪمپيوٽر (هڪ دير ۾) هڪ ٿي وک سان حل ڪندو.
هونئن عام طرح چئجي ها.
(A computer could take most of these problems in its stride.
2. This later topic we have examined in chapter 3, and need not reconsider.

هونئن هن طرح چئجي ها.

(We have examined this later topic in....)
4. To this list may be added ten further items of importance.

هونئن چئجي ها.

(One may add, ten further items of importance to this list: Ten further items may be added to this list.

هن بحث مان بہ ڳالهيون ثابت ٿيون:
1. ساڳي لفظي ترتيب واري جملي ۾ جهيلار جو مرڪز جاءِ مٽائي سگهي ٿو ڇڻ تہ جهيلار لفظي ترتيب جي پابند ناهي.
2. ڪنهن خاص مقصد ادا ڪرڻ لاءِ جملي جي منڍ ۾ جملي جو ڪو اهڙو حصو آڻي رکي سگهجي ٿو جيڪو عام طرح مُنڍ ۾ نہ ايندو آهي." موضوع کي منڍ ۾ آڻڻ، (thematic fronting) واري انهيءَ نظريي سان جملي جي لفظي ترتيب لازمي طرح بدلبي آهي ۽ اهڙي طرح ٻوليءَ جي فطري نظام ۾ ڪو ڪهرام ڪونهي مچندو.

**(د) ٻولين ۾ لفظي ترتيب جي گهرج:**

فاضل مصنف پنهنجي زير بحث مضمون ۾ ٻوليءَ کي هڪ اهڙو قدرتي نظام ڪري ڏيکاريو آهي، جنهن جي ڪنهن بہ قانون جي ڀڃڪڙي ٿي تہ جڻ ڪو ڪهرام مچي ويندو ۽ ڊاڪٽر صاحب جن جي لکت مان اهو ظاهر ٿئي ٿو تہ ٻوليءَ جي انهيءَ نظام جا اُهي قانون، جن جي استعمال سان ٻولي ٺهي ٿي، اُهي لسانيات جي ماهرن کي معلوم آهن. مثلاً فاعل – فعل يا "فاعل – مفعول" جي سٽاءَ جا اُهي سٽ قانون، جن ۾ فاعل هميشہ جملي جي مُنڍ ۾ ايندو فاعل جو وڏاءَ جي هوندو تہ اُهو ان کان اڳيان ايندو فعل هميشہ جملي جي پڇاڙيءَ ۾ ايندو وغيره وغيره. (39) مصنف صاحب جن لکن ٿا:

"روزمره گفتار واري ٻوليءَ جو هر جملو انهن اصولن ۽ قانونن جو پابند هوندو آهي" انهيءَ ڪري چون ٿا تہ "آهي ڪاتب جو قلم هيءَ" غلط آهي، ۽ "هي ڪاتب جو قلم آهي" صحيح آهي. (40)

اڳتي چون ٿا تہ اُنهن اُصولن جي پابندي سٽاءَ جي چئن مقصدن (انتخاب، ترتيب، فعل جو لاڳاپو ۽ جهيلار) جي لاءِ ضروري آهي، اُن ڪري "اُٿيو آهيان ننڊ مان" جهڙن جملن کي لفظي ترتيب ۽ جهيلار جي اصولن تي پرکي غلط ثابت ڪيو ويو آهي. اسان مٿي ڏنو تہ جهيلار کي لفظي ترتيب جي پابندي جي ضرورت ناهي. هاڻي ڏسنداسين تہ ٻولين ۾ لفظي ترتيب ۽ جهيلار جي ڪهڙي ضرورت آهي ۽ سنڌيءَ ٻوليءَ تي اهڙي ضرورت جو ڪيتري قدر اطلاق ٿئي ٿو.

**1. گرامري تصورات: (41):**

ڪنهن بہ جملي ٺاهڻ سان ڪابہ ٻولي ڪي نحوي گرامري تصورات ادا ڪري ٿي، جن مان هڪڙن کي لازمي يا اڪثر تصورات چئي سگهجي ٿو ۽ ٻين کي ثانوي. جيڪڏهن هِڪَ رِڇَ ۽ هڪ ماڻهوءَ جي ڳالهہ ڪبي ۽ اهو ڏيکارڻو هوندو تہ هِڪَ ٻئي کي ماريو تہ اهو لازمي ٿيندو تہ ڏيکارجي تہ ڪهڙي مارڻ جو عمل ڪيو ۽ ڪهڙو ان عمل جو شڪار ٿيو. دنيا جون سيئي ٻوليون اهو لاڳاپو ادا ڪن ٿيون، جنهن کي

فريز "نام نهاد فاعل، مفعول لاڳاپو" (42) تو ڪوٺي.

- ٻئي پاسي مارڻ جو عمل ڪهڙي وقت ٿيو (زمان ۽ ٽينس)، يڪدم (جهٽ ۾) ٿيو يا ان عمل ۾ وقت لڳو (آسپيڪٽ) (43)
- ريڇ توڙي ماڻهو هڪڙو هو ٻه هئا يا گهڻا هئا (عدد).
- ۽ ڳالهه ڪندڙ ها ڳالهه پاڻ ٿيندي ڏني يا ڪنين سُڻي پيو ٻڌائي.
- اهي سيئي ڳالهيون ثانوي نحوي (گرامري) تصورات ۾ اچي وڃن ٿيون. انهن مان ڪيتريون ڳالهيون ڪيترين ٻولين ۾ ٻڌائڻ ضروري آهن، ڪيترين ٻولين ۾ انهن جو ٻڌائڻ غير ضروري آهي.
- هنن نحوي تصورن جي اظهار لاءِ مختلف ٻولين جي گرامرن وٽ ٽي مختلف وسيلا يا اوزار (Devices) آهن.
- لفظي ترتيب (Word order) وارو وسيلو انهن مان هڪڙو آهي، پر جيئن اڳتي واضح ٿيندو ٻين سيني وسيلن کان ڪمزور ۽ محدود وسيلو اهو آهي.
- انهي مقصد کي ادا ڪرڻ لاءِ جيڪي وسيلا ٻولين وٽ آهن تن مان "ڪار جي لفظ" ٻيو وسيلو (function words) هڪڙو آهي ۽
- لفظي صورتون يا تصريفون (inflections) ٽيون آهي.
- هنن ٽن وسيلن جي ورهاست هيئن آهي. يعني ٽي وسيلا
- (الف) لفظي ترتيب
- (ب) ڪار جي لفظ
- (پ) تصريفون
- جيڪا ٻولي تصريفن جي ذريعي "فاعل – مفعول" جو لاڳاپو ادا ڪري سگهي ٿي، ان جي اختيار ۾ ڪار جي لفظن ۽ لفظي ترتيب جا وسيلا ٻه آهن (جيئن سنڌي).
- جيڪا ٻولي تصريفن وسيلي ترا هو لاڳاپو ادا نٿي ڪري سگهي، پر ڪار جي لفظن ذريعي اهو ڪم سر انجام ڏئي سگهي ٿي تنهن وٽ لفظي ترتيب جو اختيار ٻه هوندو آهي (جيئن اردو) ۽ جيڪا ٻولي تصريفن ۽ ڪار جي لفظ ٻنهي ذريعن کان محروم آهي، سا انهيءَ لاڳاپي جي اظهار لاءِ سڄو دارومدار لفظي ترتيب تي ئي رکي (جيئن انگريزي).

• مثلاً سنڌي ٻولي جيڪا رِڇَ ۽ رِڇُ ۾ آخري حرڪتن وارين تصريفن سان فاعلي حالت ۽ **اتهامي مفعول** (accusative) حالت جو اظهار ڪري ٿي، ان لاءِ اهو ممڪن آهي ته لفظي ترتيب ۽ ڪارجي لفظن جي مدد سان (يا انهن جي مدد کان سواءِ) "فاعل مفعول" جي لاڳاپي جو اظهار ڪري. هن ٻوليءَ وٽ چوڻ ٽئي هٿيار موجود آهن، سخت پابندي رڳو تصريفن جي ڪرڻي اٿس. باقي ٻئي وسيلا سندس اختيار ۾ آهن ته استعمال ڪري يا نه ڪري:

1. رِڇَ ماڻهو ماريو. (فاعل رڇ، مفعول ماڻهو)
2. ماڻهوءَ رِڇُ ماريو. (فاعل ماڻهو مفعول رڇ)
3. رِڇُ ماڻهوءَ ماريو. (مفعول رڇ، فاعل ماڻهو)
4. ماڻهو رڇ ماريو . (مفعول ماڻهو فاعل رڇ)
5. رڇَ ماڻهوءَ کي ماريو. (فاعل رڇ، مفعول ماڻهو + ڪارجي لفظ "کي")
6. ماڻهوءَ کي رِڇَ ماريو. (مفعول "ماڻهوءَ" ڪارجي لفظ "کي" فاعل رڇَ)
7. رڇ کي ماڻهوءَ ماريو (مفعول رڇ + کي ، فاعل ماڻهو)
8. ماڻهوءَ رِڇَ کي ماريو (فاعل ماڻهو ۽ مفعول رڇ + "کي" ڪارجي لفظ)

سنڌي ٻوليءَ جي مقابلي ۾ وري اردو ٻولي آهي، جيڪا لازمي نحوي يا گرامري تصورن جو اظهار تصريفن سان نٿي ڪري سگهي، ان ڪري ان جو دارومدار ڪارجي لفظن جي استعمال ۽ لفظي ترتيب تي آهي، پر جيئن ته درجي بنديءَ ۾ ڪارجي لفظن وارو وسيلو لفظي ترتيب واري طريقي کان وڌيڪ سگهارو ۽ وسعت وارو آهي، ان ڪري لفظي ترتيب جي هٿيار کي پنهنجو زيردست، پنهنجي حڪم جو ٻانهو، پنهنجو غلام ڪري استعمال ڪري ٿو. اردوءَ ۾ ڪارجي لفظن جي موجود هئڻ ڪري لفظي ترتيب کي حاڪميت حاصل ڪانهي، فاعل مفعول کي جاءِ بدلائڻ جي آزادي آهي.

1. ريڇ نې آدمي ڪو مارا (فاعل + ڪارجي لفظ "نې" + مفعول + ڪارجي لفظ "ڪو")

2. آدمي ڪو ريڇ ني مارا (مفعول + ڪو، فاعل + ني)

3. ريڇهہ ڪو آدمي ني مارا. (مفعول + ڪارجي لفظ ڪو + فاعل + ڪارجي لفظ "ني")

4. آدمي ني ريڇ ڪو مارا. (فاعل + ني، مفعول + ڪو)

بهرحال اردو ٻوليءَ ۾ هنين ڪو نہ چئي سگھبو جيئن سنڌيءَ ۾ چئبو آهي(غلط جملي لاءِ لسانياتي لکڻين ۾ ستاري جو نشان ڏبو آهي)

* ريڇ آدمي مارا. (رڇ ماڻهو ماريو. رڇُ ماڻهوءَ ماريو)

* آدمي ريڇ مارا.(ماڻهوءَ رڇُ ماريو. يا ماڻهو رڇَ ماريو)

هنن ٻنهي ٻولين جي مقابلي ۾ هاڻوڪي انگريزي ٻولي وري اهڙي آهي، جو منجهس اهو لاڳاپو نڪي "فاعل مفعول" وارين تصريفن سان ادا ٿي سگهي ٿو نڪي "ڪارجي لفظن" سان. اُن ڪري انگريزيءَ کي مڪمل طور لفظي ترتيب تي ڀاڙڻو ٿو پوي. انگريزيءَ ۾ عام طرح فاعل جملي جي شروع ۾ ايندو ان کان پوءِ فعل ۽ ان کان پوءِ مفعول (خاص حالتن ۾ انهيءَ ترتيب جي پابنديءَ کي ٽوڙي بہ سگهبو جيئن جميلار جي بحث ۾ واضح ڪيو ويو.) هاڻ انگريزيءَ ۾ رڇ ۽ ماڻهوءَ جي اها ڳالهہ صرف هڪ طريقي سان ٿي سگهي ٿي. معروف فعل جيڪو اڳيان آيو سو ٿيو مارينڌڙ جيڪو آخر ۾ سو ٿيو مئل (جيڪو اڳي سو تڳي).

1. The man killed the bear ماڻهوءَ رڇُ ماريو.

2. The bear killed the man. رڇَ ماڻهو ماريو.

هن زماني جي انگريزيءَ ۾ ڪا تصريف استعمال نٿي ٿئي، جيڪا "بيئر" ۽ "مئن" جي جاءِ هٽائڻ کان پوءِ بہ سندس اصلي "فاعل – مفعول" وارو لاڳاپو قائم رکي، ڪو "ڪارجي لفظ" ڪونهي جو اهو ڪم سرانجام ڏئي. انگريزيءَ وٽ هڪڙوئي وسيلو آهي، هڪڙوئي هٿيار آهي، لفظي ترتيب جو. (ذهن ۾ اها ڳالهہ رکجي تہ هن وقت (passive) جي ڳالهہ ڪانہ پئي هلي). انهيءَ ڪري انگريزيءَ لاءِ لازمي آهي تہ انهيءَ هڪڙي وسيلي جي چڱيءَ طرح پابندي ڪري. هاڻ اسان ڏٺو تہ تصريف، ڪارجي لفظ ۽ لفظي ترتيب مان:

1. سنڌيءَ ٻوليءَ ۾ تصريف جو هٿيار آهي، جنهن جي ڪري ڪيس ڪارجي لفظن ۽ لفظي ترتيب تي اختيار آهي، جڏهن جيئن وٽيس تڏهن انهن کي تيئن استعمال ڪري، پر انهن کان سواءِ بہ ڪم هلائي سگهي ٿي. اهڙيءَ طرح اُنَ نمونن سان اهو فاعل مفعول جو طريقو سنڌيءَ ۾ ادا ٿي سگهي ٿو.

2. اردوءَ ۾ تصريف ڪانهي، پر ڪارجي لفظ هئڻ ڪري ڪيس اختيار آهي تہ لفظي ترتيب جي هٿيار کي جيئن وٽيس تيئن استعمال ڪري. ان ڪري ڇئن نمونن سان اهو تعلق ظاهر ٿي سگهي ٿو.

3. انگريزيءَ وٽ رڳو لفظي ترتيب آهي. ان ڪري اها مجبور آهي تہ ان جو چڱيءَ طرح پابنديءَ سان استعمال ڪري ۽ ٻن نمونن سان اهو ظاهر ڪيائين.

اِنهيءَ ڳالھ جي اهميت کي سمجهڻ لاءِ ڪي مثال ٿا وٺون: مثال ۾ "تصريف" پرڳڻي جو حاڪم آهي، "ڪارجي لفظ" ضلعي جو حاڪم آهي، ۽ "لفظي ترتيب" تعلقي تي اختيار رکي ٿي.

اڃا بہ ٻيو مثال وٺون تہ "تصريف" بندوق آهي، جيڪا گولي، تکي اوزار ۽ ڏنڊي ٽنهي لاءِ ڪم اچي ٿي. "ڪارجي لفظ" ڪهاڙي آهي جا تکي اوزار ۽ ڏنڊي ٻنهي جو ڪم ڏئي ٿي ۽ "لفظي ترتيب" ڏنڊي وانگيان آهي، جيڪو رڳو ڏنڊي جو ڪم ڏيندي اڃا بہ وڌيڪ مثال ڏجي تہ تصريف سج وانگي آهي، جنهن جي اڳيان چنڊ تارا ٻيئا هجن تہ بہ ڇڻ تہ ڪونهن. "ڪارجي لفظ" چنڊ وانگي آهي، جنهن جي آڏو تارن جي روشني جهڙي آهي تهڙي ناهي. "لفظي ترتيب" تارن وانگي آهي. جيڪي اونداهيءَ رات ۾ واٽهڙو کي واٽ ڏسڻ ۾ هڪڙو ڪردار ادا ڪن ٿا. هاڻي ڪير آهي جو پرڳڻي جي حاڪميت ڇڏي ڪري تعلقي جو حاڪم ٿيڻ پسند ڪندو. ڪير آهي جو سج کي هٽائي چڏي تارن جو سودو ڪندو. ڪير آهي جو جهيڙي وقت بندوق اڇلي سؤنٽو وٺڻ پسند ڪندو. اهو سودو تہ سراسر ٽوٽي وارو ٿيندو. جنهن ۾ لسانيات جو ماهر ڳالهائيندڙ کي صلاح ڏيندو هجي تہ تصريفن وارو پنهنجو قيمتي وسيلو اڇلي، ڊينيئل جونز سان نينهن نيائڻ خاطر، لفظي ترتيب جو وسليو ڪڻي قابو جهلي.

هاڻي سنڌيءَ کي جيڪي حاصل آهي سو اردوءَ کي ڪونهي (47) جيڪي اردوءَ کي حاصل آهي سو انگريزيءَ وٽ ڪونهي. هتي ياد رکڻ وارو هڪڙو نقطو اهو آهي تہ هنن ٽن وسيلن جي هڪ درجي بندي آهي ۽ انهن مان جيترو مٿئين درجي وارو وسيلو ڪنهن زبان کي حاصل آهي تہ اُها هيٺين درجن جي وسيلن کان بي نياز آهي. اُهي وسيلا سندس ڪمي (مددگار) آهن. جن کي پنهنجي پسند تي استعمال ڪندي اردوءَ ۾ ڏنوسين تہ فاعل مفعول جو لاڳاپو تصريفن سان ادا نٿو ٿئي ۽ انگريزيءَ ۾ ڏنوسين تہ اهو لاڳاپو نڪي تصريفن سان ادا ٿو ٿئي نڪي ڪارجي لفظن سان. هن زماني جي انگريزيءَ ۾ ڏنوسين تہ رڳو هڪ طريقو ممڪن آهي جنهن سان. "فاعل – فعل – مفعول" جو لاڳاپو ادا ڪري سگهجي، اهو آهي "لفظي ترتيب" وارو. اهو لاڳاپو ڏنوسين تہ لازمي گرامري تصور وارو لاڳاپو آهي.

انگريزيءَ ۾ هن زماني ۾ جيڪي بہ چار تصريفون وڃي رهيون آهن، اهي ثانوي گرامري تصورن جي ادائگيءَ جي لاءِ استعمال ٿين ٿيون. جيئن عدد جمع واري ايس (s) ٿئي شخص واحد جي فعل تي ايس. ماضيءَ جي ed جي پويان. يا پارٽيسيپل جي ing فعل جي پويان.

## 2. جڏهن پراڻي انگريزي تصريفن واري ٻولي هئي.

انگريزي ٻوليءَ جي تاريخ تي نظر وجهڻ سان معلوم ٿئي ٿو تہ ڪو اهڙو ڏينهن خدا جو هن ٻوليءَ جي تاريخ ۾ بہ هو جڏهن منجهس لازمي توڙي ثانوي (نحوي) تصورات تصريفن سان ادا ٿيندا هئا. جيئن اج سنڌي ۾ ٿين ٿا. ڳالهايل ٻولي ۽ لکيل ٻوليءَ جي انهيءَ تاريخي چڪتاڻ ۾ انگريزي آهستي آهستي تصريفي ٻولين جي قطار مان پاڻ کي ڪيندي وئي ۽ پاڻ کي لفظي ترتيب جي پابند ٻولين جي قطار ۾ آڻيندي وئي ۽ اج مڪمل طرح لازمي تصورن کي ادا ڪرڻ لاءِ تصريفن ۽ ڪارجي لفظن کي ڇڏي، لفظي ترتيب کي اختيار ڪري چڪي آهي ۽ باقي رهيل تصريفن کي رڳو ثانوي تصورن ادا ڪرڻ لاءِ رکيو ويئي آهي. پراڻي انگريزيءَ (Old English) ۾ تقريباً سيئي

گرامري لاڳاپا– لازمي توڙي ثانوي– تصريفن سان ادا ٿي سگهيا ٿي ۽ تقريباً سيئي تصريفن سان ادا ٿيندا هئا. ڪي لاڳاپا "ڪارجي لفظن" (to وغيره) سان ادا ٿيندا هئا. پر ڪوبه لاڳاپو لفظي ترتيب تي ٻڌل ڪونه هو جيئن فريز ٿو چوي

> "In Old English practically all the grammatical relationships to which the language gave attention could be expressed by inflections and nearly all were so expressed. Some were expressed by function words, but none, so far as I know, actually depended upon word order for expression."(45)

سنڌيءَ جي فاعل ۽ مفعول جو تعلق اڄ به تصريفن (انفليڪشنز) سان ادا ٿئي ٿو.

1. ماٺوءَ پاڻي لوڙهيو. (ماٺوءَ ٻنيءَ کي ڏيڻ لاءِ پاڻي ورايو)

2. ماٺو پاڻيءَ لوڙهيو. (ماٺو پاڻيءَ ۾ ٻڏي مري لُڙهي وهي ويو)

پهرين جملي ۾ ماٺوءَ جي (ءَ) حرڪت ۽ ٻئي جملي ۾ پاڻيءَ جي (ءَ) حرڪت فاعلي تصريف آهي.

اهڙيءَ طرح پراڻيءَ انگريزيءَ ۾ به فاعل، غير صريح مفعول ۽ اتهامي مفعول (نامينيٽوو، ڊيٽيوِ ۽ آڪيوزٽو) لاءِ الڳ الڳ تصريفون هيون.

مفعول اتهامي يا صريح (accusative object) جملي ۾ ڪابه جاءِ والاري سگهيو ٿي. ان جملي ۾ لفظن جي ترتيب جو جملي جي معنيٰ تي ڪوبه اثر ڪونه ٿي پيو. نحوي لاڳاپو ساڳيو ٿي رهيو. مفعول اتهامي يلي ڪهڙيءَ به جاءِ تي هجي. مٿي رڳو ۽ ماٺوءَ جي جهيڙي واري ڳالهه جيڪا ڪئي سون، پراڻي انگريزيءَ ۾ ان کي هنن چئن نمونن سان لکي يا ڳالهائي ادا ڪري سگهبو هو. (انگريزيءَ جي اڄڪلهه واري حرف تعريف (ڊيفينٽ آرٽيڪل) دَ، دي (the) وانگي ان زماني ۾ مختلف حرف تعريف هوندا هئا. جيڪي حالت (case) جي اعتبار سان تصرف ٿيل (inflected) هوندا هئا. مثلاً se فاعلي حالت لاءِ

ڪتب آڻبو هو ۽ thone مفعولي اتهامي (ڊائرڪٽ آبجيڪٽ يا آڪيوزِٽو) حالت لاءِ ۽ "Sloh" جي معنيٰ ٿي "هنيو يا ماريو" جنهن سان هاڻوڪي انگريزي ۾ Slay, slew ٺا ڇوَن. جملي جي لفظي ترتيب جي لحاظ کان هي چارئي صورتون ممڪن هيون:

(1) ماڻھوءَ رِڇُ ڪُنو /ماريو. — 1. Se mann thone beran sloh.

(The man the bear slew).

(2) رڇُ ماڻھوءَ ڪُنو. — 2. Thone beran se mann sloh.

(The bear the man slew).

(3) رِڇُ ڪُنو ماڻھوءَ. — 3. Thone beran sloh se mann.

(The bear slew the man)

(4) ڪُنو ماڻھوءَ رِڇُ. — 4. Sloh se mann thone beran.

(Slew the man the bear)

هنن چئن لفظي ترتيبن منجهان ڪا هڪڙي لفظي ترتيب بہ اهڙي ڪانهي، جنهن کي اڄڪلهہ واري انگريزيءَ جي لفظي ترتيب مطابق صحيح چئجي، حالانڪہ پراڻيءَ انگريزيءَ ۾ اهي چارئي صحيح هيون ۽ هڪڙي ئي معنيٰ ڏنائون تہ "ماڻھوءَ رِڇُ ڪُنُو"

3. چارلز فريز انهيءَ ساڳي نقطي تي 1080ع ۾ ايلفرڪ (Aelfric) جي واعظي خطن ۾ مفعول اتهاميءَ جي مثالن کي ڳڻي اهو معلوم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي تہ اهو ڪيترا ڀيرا فعل کان اڳ ۽ ڪيترا ڀيرا پوءِ استعمال ٿيو آهي، ڪيس معلوم ٿيو تہ مفعول اتهامي ان وقت ٿيونجاهہ سيڪڙو فعل کان اڳ استعمال ٿيو هو ۽ ستيتاليهہ سيڪڙو فعل کان پوءِ.

مفعول + فعل جا ڪي مثال:

1. "and Crist to helle gewende and thone deofol gewylde".
(and Christ to hell went and the devil overcame."

( ۽ حضرت عيسيٰ دوزخ ڏانهن ويو ۽ شيطانَ (کي) ماتَ ڪيائين)

2. aelc mann... the ... thone ..otherne..hyrwde."
(each man ... who ... the other despised)

(هر ماڻهو جنهن ٻئي (کي) ڌڪاريو)

4. and butan se Aelmihtiga God tha dagas gescyrhn
(and but / unless) the Almighty God those days shorten").

1000ع کان 1400ع ڏاري تائين مفعول اتمامي پنهنجي صورت ڦيرائيندو گهيرائيندو رهيو. اهڙيءَ طرح نيٺ فعل کان پوءِ واري هُن جي جاءِ وچي پڪي ٿي بيهي، جيئن لفظي ترتيب ثانيڪي ٿيندي ٿي وئي، تيئن تصريفون بہ منجهائس نڪرنديون ٿي ويون.

ٽيبل : مفعول اتماميءَ جي جاءِ فعل کان اڳ ۽ پوءِ (47)

| 1500ع | 1400ع | 1300ع | 1200ع | 1000ع | Direct Object |
|---|---|---|---|---|---|
| 1.87٪ | 14.3٪ | 40+٪ | 53.7٪ | 52.5٪ | اتمامي مفعول فعل کان اڳ (مفعول فعل) |
| 98.13٪ | 85.7٪ | 60٪ | 46.3٪ | 47.5٪ | اتمامي مفعول فعل کان پوءِ (فعل مفعول) |

هن بحث مان اِهو ثابت ڪرڻ مقصود هو تہ انگريزي ٻولي جنهن نموني سان اڄڪلهہ نام نهاد "فاعل – فعل – مفعول" جي لفظي ترتيب (Word order) کي مضبوطيءَ سان ڇهتي پئي آهي. اِهو ان ڪري جو هُن پنهنجي اوسر دؤران تصريفن کي ٻوليءَ مان ڪيدي ڇڏيو ۽ ان جي جاءِ تي فاعل، مفعول جي لاڳاپي کي ادا ڪرڻ لاءِ لفظي ترتيب تي سڄو بار وڌو. هاڻي هي ٻهريان بہ جملا مختلف گرامري لاڳاپا تا رکن ۽ پويان بہ انهيءَ لحاظ کان غلط آهن تہ انگريزي ڳالهائيندڙ ماڻهو ائين ڪونہ چوندو:

1. The man killed the bear (ماڻهوءَ رڇُ ماريو)

2. The bear killed the man (رڇُ ماڻهوءَ ماريو)

3. * Killed the man the bear.

4. * The man the bear killed.

انگريزيءَ جي برعڪس سنڌي اڄ بہ تصريفي ٻولي آهي ۽ ايتريقدر تصريفي آهي جو انگريزي 1000ع ۾ بہ اهڙي ڪانہ هئي. سنڌيءَ ۾ لازمي توڙي ثانوي نحوي (گرامري) لاڳاپن ادا ڪرڻ واريون تصريفون فعل ۾ وجهي سڄو جملو هڪ لفظ ۾ ادا ڪري سگهجي ٿو. اها ڳالهہ انگريزيءَ ۾ ڪڏهن ڪانہ هئي پر عربيءَ کان سواءِ دنيا جي ڪنهن ورلي ٻوليءَ ۾ هوندي. هي انگريزيءَ جا جملا ڏسو انهن جو ترجمو "فاعل – مفعول" واريءَ ڪتابي ٻوليءَ ۾ بہ ڏسو ۽ وري ڳالهايل سنڌيءَ ۾ بہ ڏسو.

| انگريزيءَ ۾ ترجمو | ڪتابي سنڌي جملا | ڳالهايل سنڌي |
|---|---|---|
| 1. He cursed me | هن مون کي پٽيو | پٽيائينمَ |
| 2. I wrote him | مون هن کي لکيو | لکيو مانس |
| 3. you (female) will kill (or beat) them | تون هنن کي ماريندئين | ماريندئِنِ |

انهيءَ ۾ ڪهڙي عبرت جي ڳالهہ آهي تہ تصريفون سنڌيءَ جي فعل کي لڳن ٿيون ۽ فعل جي اصلي صورت انهيءَ ننڍڙي جملي جي اڳياڙيءَ ۾ آهي، انهيءَ ڪري جو معنيٰ جو مرڪز هميشہ فعل ئي رهيو آهي، ۽ انهيءَ ڪري verb (ورب) جي معنيٰ ئي آهي "اهو لفظ" (the word) انهيءَ ڪري جيڪڏهن اسان جا ڪماٽيڪار فعل کان جملي کي شروع ٿا ڪن تہ ڪا اربع خطا ڪانہ ٿي. اِها بلڪل فطري ٻولي آهي جيڪا هو استعمال ڪن ٿا. جو فعل خود فاعل موجود آهي. اٿيو آهيان، اٿي آهيان، اٿيا آهيون، اٿيو آهي، اٿندو اٿنداسون جي معنيٰ ٿي آءٌ اٿيو آهيان، آءٌ اٿي آهيان. اسين اٿيا آهيون، هو اٿيو آهي هو اٿندو. اسين اٿنداسون.

**(هہ) سنڌي ٻوليءَ کي لفظي ترتيب جي پابنديءَ جو لاچار ڪونهي**

جنهن لاچار جي ڪري انگريزي ۽ جهڙس ٻين ٻولين کي هن وقت

وچن، جيئن گهڻن شهرين جي ٻوليءَ مان نڪرنديون ٿيون وچن، تہ پوءِ اسان جي لسانيات جي ماهرن جي دل جي اها مراد بہ جلد ئي پوري ٿي ويندي ۽ سنڌيءَ کي بہ "فاعل – مفعول فعل" جي لفظي ترتيب جو پابند ۽ غلام ٿي رهڻو پوندو.

جيئن جملن ۾ فاعل، مفعول ۽ فعل جيڪا جاءِ مٿائين ٿا، انهن مان هر هڪ جو الڳ مقصد ٿو ٿئي، ۽ ڪنهن لفظ جو جملي جي مُنڍ ۾ اچي جملي جو موضوع بنجڻ ڪو خاص مقصد ٿو رکي ۽ انهن مان ڪ. و جملو ڪهڙي وقت استعمال ٿيندو، ان جو دارومدار ڳالهہ ٻولهہ جي متن (Context) ۽ طرز گفتگو تي آهي. جيئن جهيلار واري بحث دوران واضح ٿيو. رهيو سوال تہ هنن جملن ۾ ڪهڙو جملو گهڻائيءَ ۾ استعمال ٿئي ٿو. ان لاءِ چئجي تہ سنڌي جي مختلف ساختن جي ڪثرت استعمال (frequency of usage) معلوم ڪرڻ لاءِ اڃا ڪو علمي مطالعو ڪونهي ڪيو ويو. پر لکت جي ٻوليءَ کي ڏسڻ مان معلوم ٿيو تہ هن خاص حالت ۾ جتي فاعل بہ اسم هجي ۽ مفعول بہ اسم هجي، پهريون ۽ ٻيو استعمال هڪڙي پاسي ۽ پنجون ۽ ڇهون استعمال ٻئي پاسي ڪثرت سان استعمال ۾ نظر ايندا. پر فاعل ۽ مفعول، يا اُنهن مان ڪو هڪ جڏهن ضمير جي صورت ۾ ادا ڪرڻو پوندو تہ استعمال جي ڪثرت (frequency) ۾ فرق ٿيندو.

2. جيڪڏهن رِڇ اسم کي، جيڪو هڪڙي پاسي (الف ۾) فاعل ۽ ٻئي پاسي (ب ۾) مفعول آهي، ضمير جي صورت ۾ ادا ڪرڻو پوندو تہ هينيان جملا ناهي سگهبا. انهن مان ڪي وڏيڪ استعمال ۾ ايندا. ڪي گهٽ. پر ڪوبہ انهن مان جملو اهڙو ٻڌڻ ۾ ڪونہ ايندو. جنهن جي نالي چئي سگهجي تہ هن گهڙا اوت جو جملو ڳالهايل ٻوليءَ ۾ ٻڌڻ ۾ ڪونہ ايندو.

2. الف : جنهن ۾ رچ فاعل هجي (12 ممڪن جملا)

| فاعل لاءِ ضمير جي الڳ حيثيت قائم | |
|---|---|
| ڪارجي لفظ کان سواءِ | ڪارجي لفظ سان |
| 1. هن ماڻهو ڦٽيو | 5. هُنَ ماڻهوءَ کي ڦٽيو |
| 2. ماڻهو هن ڦٽيو | 6. ماڻهوءَ کي هِنَ ڦٽيو |
| 3. ڦٽيو هَن ماڻهو | 7. ڦٽيو هُنَ ماڻهوءَ کي |
| 4. ڦٽيو ماڻهو هُنَ | 8. ڦٽيو ماڻهوءَ کي هن |
| ضمير جي ادائگي فعل ۾ تصريف سان | |
| 9. ماڻهو ڦٽيائين (1 بدران) | 11. ماڻهوءَ کي ڦٽيائين (5 بدران) |
| 9. ماڻهو ڦٽيائين (2 بدران) | 11. ماڻهوءَ کي ڦٽيائين (6 بدران) |
| 10. ڦٽيائين ماڻهو (3 بدران) | 12. ڦٽيائين ماڻهوءَ کي (7 بدران) |
| 10. ڦٽيائين ماڻهو (4 بدران) | 12. ڦٽيائين ماڻهوءَ کي (8 بدران) |

2. ب : جنهن ۾ "رِڇُ" مفعول هجي (14 ممڪن جملا)

| مفعول لاءِ ضمير جي الڳ حيثيت قائم | |
|---|---|
| ڪارجي لفظ کان سواءِ | ڪارجي لفظ سان |
| 1. اهو ماڻهوءَ ڦٽيو | 5. انهيءَ کي ماڻهوءَ ڦٽيو |
| 2. ماڻهوءَ اهو ڦٽيو | 6. ماڻهوءَ انهيءَ کي ڦٽيو |
| 3. ڦٽيو اهو ماڻهوءَ | 7. ڦٽيو انهيءَ کي ماڻهوءَ |
| 4. ڦٽيو ماڻهوءَ اهو | 8. ڦٽيو ماڻهوءَ انهيءَ کي |
| ضمير جي ادائگي فعل ۾ تصريف سان | |
| ضمير جي ادائگي | تصريف سان |
| ڪارجي لفظ کان سواءِ | ڪارجي لفظ سان |
| 9. ماڻهوءَ ڦٽيسُ (1 بدران) | 11. ڪيس ماڻهوءَ ڦٽيو (5 بدران) |
| 9. ماڻهوءَ ڦٽيسِ (2 بدران) | 12. ماڻهوءَ ڪيس ڦٽيو (6 بدران) |
| 10. ڦٽيِسِ ماڻهوءَ (3 بدران) | 13. ڦٽيو ڪيس ماڻهوءَ (7 بدران) |
| 10. ڦٽيسُ ماڻهو (4 بدران) | 14. ڦٽيو ماڻهوءَ ڪيس (8 بدران) |

3. جيڪڏهن "رڇَ" اسم رکي، اسم کي "ماڻهوءَ" اسم کي ضمير ۾ ادا ڪرڻو پوي ته هينيان جملا ٿاهي سگهبا. هنن مان به ڪي وڏيڪ ٻڌڻ ۾ ايندا ۽ ڪي گهٽ.

3. الف جنهن ۾ رڇ فاعل هجي (14 ممڪن جملا)

| ضمير جي الڳ حيثيت قائم | |
|---|---|
| ڪارجي لفظ کان سواءِ | ڪارجي لفظ سان |
| 1. رڃ هو ڦٽيو | 5. رڃ هن کي ڦٽيو |
| 2. هُو رڃ ڦٽيو | 6. هن کي رڃ ڦٽيو |
| 3. ڦٽيو رڃ هو | 7. ڦٽيو رڃ هن کي |
| 4. ڦٽيو هو رڃ | 8. ڦٽيو هن کي رڃ |
| **ضمير جي ادائگي فعل ۾ تصريف سان** | |
| ڪارجي لفظ سان | ڪارجي لفظ سان |
| 9. رڃ ڦٽيُس | 11. رڃ ڪيس ڦٽيو |
| 9. رڃ ڦٽيسِ | 12. رڃ ڦٽيو ڪيس |
| 10. ڦٽيسِ رڃ | 13. ڦٽيو رڃ ڪيس |
| 10. ڦٽيس رڃ | 14. ڦٽيو ڪيس رڃ |

**2. ب جنهن ۾ ماڻهو فاعل ۽ رڃ مفعول هجي (12 ممڪن جملا)**

| ضمير جي الڳ حيثيت قائم | |
|---|---|
| ڪارجي لفظ کان سواءِ | ڪارجي لفظ سان |
| 1. رڃ هنَ ڦٽيو | 5. رڃ کي هُنَ ڦٽيو |
| 2. رڃ ڦٽيو | 6. هُنَ رڃ کي ڦٽيو |
| 3. ڦٽيو رڃ هنَ | 7. ڦٽيو رڃ کي هن |
| 4. ڦٽيو هن رڃ | 8. ڦٽيو هُنَ رڃ کي |
| **2. ضمير جي ادائگي تصريفن سان** | |
| ڪارجي لفظ سان | ڪارجي لفظ سان |
| 9. رڃُ ڦٽيائين | 11. رڃ کي ڦٽيائين |
| 9. رڃ ڦٽيائين | 11. رڃ کي ڦٽيائين |
| 10. ڦٽيائين رڃ | 12. ڦٽيائين رڃ کي |
| 10. ڦٽيائين رڃ | 12. ڦٽيائين رڃ کي |

**4. رڃ اسم ۽ ماڻهو اسم بنهي کي ضميرن ۾ ادا ڪرڻو پوي ته:**

انهن مان هڪڙ آهي. "اٿيو آهيان ننڊ مان"

ڊاڪٽر الانا صاحب جن چوڻ تا تہ هن جملي ۾ فاعل "مُنڊ ۾ هئڻ کپي ها، پوءِ مفعول ۽ ان کان پوءِ فعل "ننڊ مان" جو فقرو فاعل بہ ڪونهي تہ مفعول بہ ڪونهي، اهو جري فقرو (prepositional phrase) آهي، ان ڪري "ننڊ مان" کي جيڪڏهن جملي جي اڳيان آڻبو تہ بہ ڊاڪٽر الانا صاحب وارو اعتراض رهندو تہ جملي ۾ فاعل پنهنجي جاءِ تي نهيو مرڳو آهي ئي ڪونہ "ننڊ مان اٿيو آهيان"

اجا بہ فاعل جڻ تہ جملي جي شروع ۾ ڪونهي. اهو تڏهن "صحيح" ٿئي ها، جڏهن چئون ها "آءٌ ننڊ مان اٿيو آهيان." يا "آءٌ اٿيو آهيان ننڊ مان!"

جيڪڏهن اسان جي ٻولي انگريزيءَ جهڙي ٻولي هجي ها، تاريخ جي ساڳين حادثن مان گذرندي اچ تصريفن کان وانجهي، لُنڊي يا ٻُنڍي ٿيل هجي ها تہ پوءِ اسان لاءِ "شايد" اهڙي ڳالهہ لازم ٿئي ها. جنهن ۾ "اٿيو آهيان" کان اڳ "آءٌ" استعمال ڪرڻ ضروري ٿي پوي ها. پر سنڌيءَ جو جيڪو فعل آهي ان ۾ فاعل جي تصريف هميشہ موجود آهي، ڪڏهن ڪڏهن منجهس مفعول بہ آهي ۽ ان هڪ تصريف مان زمان، فاعل ۽ مفعول جي شخصيت (Person) جنس، عدد ۽ حالت سڀ چاٽايل هوندا آهن. سنڌيءَ ۾ هيٺن چوڻ صحيح آهي:

1. ماريو سونس (اسان هُن کي ماريو)
2. ڏڪ هڻنديسانءِ. (آءٌ (مونث) توکي ڏڪ هڻنديس).
3. چڙائيندو سانِ. (آءٌ هنن کي چڙائيندس).

هنن جملن ۾ جيئن تہ فاعلُ فعلَ جو هڪ تصريفي حصو آهي ان ڪري "اسان"، آئون، "مون" کي الڳ فاعل جي صورت ۾ لکڻ جي ضرورت ڪانہ رهي، ۽ نتيجتاً حذف ڪيا ويا هاڻي، جملي ۾ جڏهن فاعل جي الڳ حيثيت ئي ڪانهي ۽ (گهٽو ڪري مفعول جي بہ الڳ حيثيت ڪانہ رهي) تہ پوءِ اهو ڪيئن چئي سگهبو تہ "روز مره گفتار جي ٻوليءَ جي هر جملي ۾ پهرين فاعل پنهنجي جاءِ وٺي بيهندو، پوءِ مفعول ۽ آخر ۾ فعل تيندو."

اهڙي قسم جا جملا جيڪي ڊاڪٽر الانا صاحب جي "فاعل - فعل" يا "فاعل – مفعول" واري قائدي جي پيڪڙي ڪري لکيا تا وڃن، نہ رڳو شاهہ جي ڪلام يا عام ڳالهايل ٻوليءَ ۾ ملندا، پر چڱن لکيل پڙهيل ماڻهن جي لکڻين ۾ بہ ملي سگهندا. انهن جملن ۾ ائين نٿو ٿئي جيئن ڊاڪٽر الانا صاحب چاهي ٿو تہ: "عام سنڌي ٻوليءَ جي سٺاءَ موجب ڪنهن بہ جملي ۾ پهرين فاعل پنهنجي جاءِ وٺي بيهندو آهي ۽ ان کان پوءِ مفعول ايندو ۽ آخر ۾ فعل ايندو آهي. "(48).

اچو تہ هنن جملن ۾ ڏسون تہ فاعل پنهنجي جاءِ ڪهڙي هنڌ وٺي بيٺو آهي.

1. "ڪنهن خادم جي هٿان چوائي موڪليائين تہ پلائي ڪري ڪو پاڻيءَ جو ڪوزو مون کي ڏياري موڪليو". (49)

(يعني هُن ڪنهن خادم هٿان چوائي موڪليو تہ اوهان پلائي ڪري....)

2. "جنهن خاندان سان دوستي ٿيس... تہ وري ڪانہ ٽوڙيائين"(50)

(يعني هن جي دوستي جنهن خاندان سان ٿي هُن وري اها دوستي ڪانہ ٽوڙي)

هنن بنهي جملن ۾ ڏسو تہ ڊاڪٽر صاحب جي مرضيءَ جي خلاف فاعل پنهنجا مورچا ڇڏي ڪيئن وڃي فعل جي گهر ۾ لڪا آهن؟

3. "ساري عمر مرحوم جي اها حالت رهي.."(51)

(مرحوم جي اها حالت ساري عمر رهي)

4. "انهتر ميل جي ڊسچارج وٺڻ لاءِ مون کي اختياري هئي"(52)

(انهتر ميل جي ڊسچارج وٺڻ ۾ اختياري مون کي هئي)

هنن ٻن جملن کي ڏسي فيصلو ڪريو تہ "فاعل ڪهڙا آهن ۽ ڪٿي جا وڃي ويٺا ڪن"

وري هي جملا پڙهي هر هڪ ۾ ڏسو تہ فقير فاعل آهي يا مفعول ۽ پنهنجي مورچي ۾ ويٺو آهي يا پرائي ۾:

5. "فقير کي ٿي تهجد ڪرڻ گهرجن"(53)

6. "فقير کي ٿي مانيون ڏنيون سين." (اسان ٿي مانيون فقير کي ڏنيون)

7. "فقير کي ٿي تهجد ڪندي ڏٺم." (مون فقير کي ڏٺو تہ فقير ٿي تهجد ڪيا.)

8. فقير تي تهجد ڪيا.
خود ڊاڪٽر الانا صاحب معياري ۽ لاڙي اچارن بابت لکيو آهي، جن ۾ فاعل حذف ٿيل آهي ۽ جملو فعل کان شروع ٿئي ٿو يا فاعل حذف آهي ۽ جملو مفعول کان شروع ٿئي ٿو (54)
9. ڏسين ٿو ـ آئون توکي ڏسان ٿو (ڏسئين ٿو)
10. ڏسين ٿو – تون ڏسين ٿو
11. ڏسين ته (يا ڏسين ٿو) – هو توکي ڏسي ٿو.
12. گهر اڏرايو مانس ( – مون هن کان گهر اڏرايو.)
اهڙيون ترڪيبون فارسي ۽ عربي ٻولين ۾ به آهن، جن ۾ جدا فاعل حذف ٿيل آهي، فاعل جو اظهار رڳو تصريف سان ٿئي ٿو، جيڪا فعل کي لڳل هوندي آهي. ان ڪري عموماً مفعول سان جملو شروع ٿيندو آهي.
1. "حيلت آن ساخت ڪہ چون گريزد"
اتڪل اها ڪيائين ته ڪيئن هتي (يعني هن اها اتڪل ڪئي ته ڪيئن ڀڄي)
"طبيبي از سامانيان راصلت نيکوداد. پنج هزار تومان"
(ويڄ هڪڙي سامانين جي کي صلو (بدلو)ناهوڪو ڏنائين. رشوت طور پنج هزار تومان)
"ومرا ورا دست گرفت"
(۽ انهي جو هٿ ورتائين)
"وعهد کرد"
(۽ ناهُ ڪيائين...) (پوءِ گهوڙي تان ڪري بيماريءَ جو منهن ڪيائين)
"وبه پرسش امير آمد" (55)
(۽ پڇا لاءِ امير آيو)
فاعل – مفعول جا پوئلڳ هوند لکن ها!
"هُن اتڪل اها ڪئي تـه هو / ڀاڄ ڪيئن هتي. هنن سامانين جي هڪڙي ويڄ کي ناهوڪو بدلو ڏنو (رشوت طور) پنج هزار تومان – ۽ هن سندس هٿ ورتو ۽ هُن ساڻس معاهدو / ناهـ ڪيو ۽ امير سندس

# تشريحي ببليو گرافي

(A Descriptive Bibliography)

## باب پهريون

لسانيات جي علم سان دلچسپي رکندڙ پر ان علم ۾ اروٽ يا سيڪڙات ماڻهن جي ذهن ۾ انهيءَ علم متعلق جيڪي غلط فهميون تي سگهن ٿيون، انهن کي مٽائڻ لاءِ ڏسو:

(1) David. Crystal: *What is Linguistics.* Edward. Arnold. Bath. 1964. 1977.

واڌارن ۽ ضمنن سوڌي 88 صفحن تي پکڙيل هن ڪتاب "لسانيات ڇا ناهي"، "لسانيات ڇا آهي"؟ ۽ "لسانيات جا ڪارج" جي عنوانن سان ٽي باب آهن، جيڪي عام فهم ٻوليءَ ۾ لکيل آهن. ان کان سواءِ ابتدائي لسانيات جا بيشمار نئين سج نوان ڪتاب ڇپجندا رهن ٿا. ڪي مفيد ڪتاب ڏکيائيءَ جي وڌندڙ ترتيب سان:

(2) Bruce Liles: *An Introduction to Linguistics.* Prentice Hall. 1975

(3) D. L Bollinger: *Aspects of Language. Harcourt.* Brace & World. 2nd edition. 1975.

(4) J. Lyons: *Introduction to Theoretical Linguistics,* O.U.P. 1968.

(5) J. Lyons: article "LINGUISTICS" in Ency. Brit. Vol. 10. 15th edn. 1986. (Latest edition).

(6) R. A. Hall: *Introduction Linguistics,* Chilton Books. 1964.

(7) R.H. Robins: *General Linguistics – An Introductory Survey.* Longman. 1964. 1968.

هيڪر جيڪو لسانيات جي ميدان ۾ ڪاهي پيو ته پوءِ ڪن ڪلاسيڪي مشهور ماڻهن جي تصنيفن مان واقفيت لازمي ٿي پوندي. ڪي مشهور نالا ۽ سندن ڪم:

(8) Ferdinand de Saussure: *Course de Linguistique Generale.* (*Course in General Linguistics.* English translation. Wade Baskin). New York. 1959.

(9) Edward Sapir: ***Language – An Introduction to the study of Speech.*** London. 1921.

(10) Leonard Bloomfield: ***Language.*** H.R.W. New York. London. 1933. 13th Imp. 1976.

(11) H. A. Gleason: *Introduction to Descriptive Linguistics.* H.R.W. 1955, 1978.
(12) Charles Hockett: *A Course in Modern Linguistics,* Macmillan, 1958, 1976.

## باب ٻيون

فيلڊ ورڪ جي اهميت

لسانياتي جاگرافيءَ جي ڪم ۾ ڪارڪن ۽ ڪم رٿيندڙ کي جن مختلف مرحلن مان گذرڻو ٿو پوي، انهن جي تفصيل لاءِ ڏسو:

(13) C. Hockett: (Above No. 12) chapter 56, p. 472.
(14) Raven I. McDavid: *"American English Dialects"* in Nelson, (Chapter 9), cited below No. 15.
(15) Nelson. Francis: *The Structure of American English,* New York, 1958.
(16) Harold Orton: *"An English Dialect Survey"*. in Orbis, 1960, Louvain Belgium, reprinted in Hungerford *et al. English Linguistices*, Scott, Foresmen & Co. 1970.

فيلڊ ورڪ جي اصولن ۽ طريقن لاءِ ڏسو:

(17) William Samarian: *Field Linguistics - A Guide to Linguistic Field Work*, Holt Rinehart, 1967
(18) William Labov: *Sociolinguistic Patters*, University of Pennsylvania Press, Philadelphia, *1972.*
(19) Walt Wolfram & Randolph Fasold: *The Study of Social Dialects in American English.* Prentice Hall. 1974.
(20) Bloomfield: *Language*, (Cited above No. 10) p. 325.
(21) Edgar H. Sturtevant: *An Introduction to Linguistic Science*. Yale U.P. 1947.

لسانياتي جاگرافيءَ جي تفصيلي نقشن جي حوالن لاءِ ڏسو:

(22) Simeon Potter: *Modern Linguistics,* Andre Detch, 1957–1971.
(23. Dwight Bollinger: *Aspects of Language* 1968, 1975. P. 349, adapted from Hans Kurath and Guy Loman, "The Dialectal Structure of Southern England: Phonological Evidence", No. 54 publication of the American Dialect Society.
(24) E. Bagby Atwood: "Grease and Greasy : A study of Geographical "Variation", in *Readings in Applied English*

2nd. 1873, reprint Lebanon 1975.
(46) William T. Wortabet, J. Wortabet, and Henry Porter: *Arabic English Dictionary*. first edn, 1888. 4th reprint Lebanon. 1968.
(47) Francis Joseph Steingass: *Arabic English Literary Dictionary*. 1884, reprint Lahore. Beirut, year?
(48) Lane: *Arabic – English Lexicon*. 1885, reprint Beirut, 1968.
(49) H. Anthony Salmone: An *Advanced Learner's Arabic English Dictionary*. 1889, reprint Lahore. Beirut year?
(50) Francis Joseph Steingass: *Persian– English Dictionary*. Nor Folk, 1892. re print.
(51) J.G Hawa: *Alfaraid Arabic –English Dictionary*, 1899. reprint Beirut, 1970.
(52) Permannad Mewaram: *Sindhi–English Dictionary*, Jote Hyderabad. 1910, reprint.
(53) Elias Anthone Elias, Edward E Elias: *Elias' Modern Dictionary Arabic English*. 1922, Cairo, Egypt, 1972.
(54) Hans Wehr. *(Translation J. Milton Cowan): A Dictionary of Modern Written Arabic*, 1961, 3rd print 1974.
(55) Dr. A Zaki Badawi: *A Dictionary of the Social Sciences, English–French– Arabic*, Lebanon 1978.
(56) فرهنگ آصفيه، مولوي سيد احمدي دهلوي، اردو 1906.
(57) قاموس القرآن او اصلاح الوجوه والنظائر في القرآن الكريم للفقيه دامغاني دارالعلم للملايين، بيروت.
(58) المعجم المفهرس للالفاظ القرآن الكريم وضعه محمد فواد عبدالباقي دار احياء التراث العربي، بيروت لبنان.
(59) القاموس المحيط، مجدد الدين محمد بن يعقوب الفيروز آبادي.
(60) المنجد في اللغة والاعلام، الطبع 23 ، 1975 بيروت
(61) المحيط المحيط: المعلم بطرس البستاني، لبنان 1977ع
(16A) المعجم الوسيط، مجمع اللغة العربية: ابراهيم مصطفي، احمد حسن الزيات، حامد عبدالقادر، محمد علي النجار، المكتبة العلمية، طهران.

باب پنجون

ٻوليءَ ان سان لاڳو ڪن وصفن تي بحث

(62) Francis P Dineen: *An Introduction to General Linguistics,* H.R.W. 1967.

هن ڪتاب جي آخري اڌ ۾ ساشوئر، سيپيئر، بلومفيلڊ، فرٿ، هجيلمليو ۽ نوم چامسڪي، جي تصنيفن جو اختصار ۽ انهن جي ڪم تي عالمانه بحث ڪيل آهي. بلومفيلڊ جي سڄي ڪتاب جو باب باب الڳ الڳ ڪري اختصار ڏنو اٿس. ان کان علاوه واٽسونين بهيويوزم، ۽ ميڪڊوگل جي مينٽلزم جو پس منظر ۽ بلومفيلڊ تي اُن جو اثر ۽ بلومفيلڊ جي نواٽين جو تفصيل ڏنل آهي.

(63) B.F. Skinner: *Verbal Behavior.* New York. ACC 1957.
(64) Noam Chomsky: "Review" on Skinner's "Verbal Behavior", first published in "Language" No.55 pp.26,58.1959.
(65) O.H. Mowrer: "A Psychologist looks at language", in AMERICAN PSYCHOLOGIST, 9. 1964, pp.660–94.
(66) O.H. Mowrer: *Learning Theory and the Symbolic Process,* New York, 1960.
(67) Noam Chomsky: *Language and Mind.* Harcourt, Brace. N.Y. 1968, 1972.
(68) J.P.B Allen and S. Pit Corder: *Papers in Applied Linguistics, The Edinburgh Course in Applied linguistics, part II,* Oxford, 1975, 1978.

هن ڪتاب ۾ انگرام ۽ ڪلارڪ جا مضمون ٻوليءَ جي حصول ۽ اُن جي استعمال تي آهن، جن ۾ سلوڪ ۽ ٻين متبادل نظرين تي تفصيل سان بحث ڪيو ويو آهي.

(69) Wilga M Rivers: The *Psychologist and the Foreign Language Teacher,* Chicago, University of Chicago, 1964, 1972.

(ب) ٻوليءَ جي هڪ پراڻي وصف:

(70) Sapir: *Language* (cited above. No.9).

(1) ٻوليءَ جي وصف جيڪا هيستائين لسانيات جي ماهرن وٽ موافقت توڙي مخالفت جي بحث لاءِ مقبول رهي آهي، سا آهي سيپيئر جي مٿي ڄاڻايل لئنگوج ۾ ڏنل وصف.

Palmer.) U. of Chicago Press, 1964, p.52
(81) J. Kurylowicz: "On the method of Internal Reconstruction" in H.G Lunt (ed) *Proceedings of the Ninth International Congress of Linguistics.* Mouton, the Hague, 1964, p. 11.30.
(82) W.D Whitney: *Language and the Study of Language* Scribner's, New York, 1901, p.401.
(83) A. Meillet: Linguistique historique et Linguistique generale Paris 1921, pp. 16–17.
(84) Otto Jespersen: *Mankind, Nation and Individual from a linguistic point of view* Indiana University Press, Bloomington, 1946, P. 21.

## باب ڇهون

### لسانياتي جاگرافيءَ جي اوسر جو مختصر تاريخي جائزو

(85) R.H. Robins: *Short History of Linguistics.* London, 1967, Indiana University Press 1974.
(86) Holger Pedersen: (Tr. J.W. Spargo): The *Discovery of Language: Linguistic Science in the Nineteenth Century.* Indiana U. Prss, Bloomington, 1959.
(87) L. Bloomifield (Cited above No. 10), Chapter One.

مضمون جي هن حصي ۾ دانتي کان وٺي نيو گريميرينز تائين جن ڪلاسيڪي لکيڪن جا نالا اچن ٿا، تن جون تصنيفون لاطيني، جرمن، يا فرينچ ٻولين ۾ آهن. تاريخي لسانيات جي سنجيده شاگردن لاءِ ڳڻگو ڪتابن جا نالا ئي وڏي اهميت وارا آهن. جو منجهائن اُن زماني جي فڪر ۽ ڪم جي نوعيت معلوم ٿئي ٿي. عام پڙهندڙن لاءِ اهي نالا ڄاڻائڻ اجايا ٿيندا، اُن ڪري جنهن کي وڌيڪ ڄاڻ جي ضرورت هجي سو رابنز (7)، پيڊرسن (86) يا بلومفيلڊ (10) جي ببليوگرافين ڏي رجوع ڪري.

((88) Georg Wenker: *Sprachatlas des deutschen Reichs,* (Deutscher Sprachatlas), 1926.
(89) William Skeat: *An Etymological Dictionary of the English Language,* Oxford, 1889.
(91) William Skeat: *English Dialect Grammar1889,*

باب ستون ۽ اٺون
لسانياتي جاگرافيءَ جو پهريون ۽ ٻيو دؤر
وينڪر، مري، گليئرون، گريئرسن، جيبر گ ۽ جوڊ ۽ ڊئوزت جي اصلي ڪتابن جو تفصيل متن ۾ ڏنل آهي.

(92) Georg Wenker: *Sprachatlas des deutschen Reichs* (Deut scher sprachatlas). 1926.
